پہ نیرا ناول





donated from
Suleman A. Memon's
personal library

پرتنیدا تاول

روشنی تجی تراش
اڻ پورو انسان

آغا سليم



نيو فيلڈس پبليڪيشنس
لنڈو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ .
1985ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **پنجهتر**

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس لنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽرس هوم اسٽيڊ هال چاڙي، حيدرآباد سنڌ.
پهريون ايڊيشن	ڊسمبر 1985ع
ٽائيٽل	فتاح هاليپوٽو

قيمت -/22 رپيا

(سيئي حق ۽ واسطا مصنف جا قائم)

BA NANDHA NOVEL (Rosheni Jee Talash & Unn pooro Insan) (Two Novellettes) by AGHA SALEEM. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad. Sind. Pakistan. First Edition December 1985. Price per Copy Rs: 22/-

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

دائمند جوبلي

نيو فيلڊس جو ڪتاب نمبر پنجهتر اوهان جي هٿن ۾ آهي. آغا سليم جو هي ڪتاب 'ٻہ ننڍا ناول' نيو فيلڊس پبليڪيشنس پاران ڇپايل سندس چوٿون ڪتاب آهي. هن کان اڳ شايع ٿيل 'اونداهي ڏرتي روشن هٿ' (ٻہ ڇاپا)، 'ڏرتي روشن آهي' ۽ 'هم اوست' (ٻہ ڇاپا) ڪتاب هٿا.

هن ڪتاب ۾ ڏنل ٻئي ناول ڪافي عرصو اڳ الڳ الڳ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا هٿا.

اميد ته هي ڪتاب به آغا سليم جي ٻين ڪتابن وانگر مقبوليت حاصل ڪندو.

نيو فيلڊس پاران 1984ع ۾ 13 ڪتاب شايع ٿيا هٿا ۽ 1985 جو هي 14 ڪتاب آهي انشاء الله هن سال ۾ هڪ ڪتاب جو اڃا اضافو ٿيندو.

ان کان علاوه 1984 ۽ 1985 دوران ڪافي ڪتابن (نيو فيلڊس جا ختم ٿيل) جا ٻيون ۽ ٽيون ايڊيشن پڻ شايع ٿيا آهن. انشاء الله ڊسمبر 1986ع تائين نيو فيلڊس جي ڪتابن جو نمبر 95 تائين پهچي ويندو.

ادارو

نيو فيلڊس پاران آغاسليم جا شايع ٿيل ڪتاب

1. اونداهي ڏرتي روشن هٿ (ناول)
2. ڏرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)
3. هم اوست (ناول)
4. پ ننڍا ناول (ناول)

ايندڙ ڪتاب

1. چنڊ جا تمنائي
2. شاعري جو مجموعو
3. .....؟

اپريل جو مهنو آهي

اپريل ۾ وڏا، ساوا ۽ گهاڻا وڻ پنهنجي جوڳهين واري پيلي پوشاڪ لاهي اڇلائي ڇڏيندا آهن ۽ سايون شالون اوڍڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. هوائن جا جهوٽا سڳنڌ ۽ سرهاڻ ۾ سرمست ٿي ائين ٽڙندا آهن جيئن جواني جي نشي ۾ چور جوانڙيون! چنڊ آسمان ۾ ائين ٽڙي ٻهندو آهي جڏ ڪا جوان جماڻ شل نيري ڏنڊ ۾ وهنجي رهي هجي. پر هتي ڪراچي ۾ چنڊ ائين پيلو، ڪوماڻيل ۽ دونهائيل آهي جيئن ڪنهن ڪارخاني جي مزور جو چهرو، هوائن جا جهوٽا ائين ٿا لڳن جڏ ڪو سلهه جو مريض ساهه ڪڍي رهيو هجي. هر طرف گوڙ شور ۽ ڇڄ ڊڪ لڳي پيئي آهي. هرڪو موڙن، رڪشائن ۽ بسن واري رفتار سان زندگي ٽوگهاري، هرڪو گهڙيال جي ٻن ڪانٽن ۾ قيد آهي..... پورا ٻه سال مون ڪراچي جي سڙڪن تي ڏڪا ڪاڏا آهن. مس مس ٽائيڪو ٽيو آهيان. هڪڙي فرم ۾ چڱي پگهارسان نوڪري ملي وڃي آهي ۽ مان به پنهنجي گذشته مفلسي کان انتقام وٺڻ لاءِ هت هاڏوسنگ سوسائٽي ۾ ڏيڍ سو روپيا مسواڙ واري فليٽ ۾ اچي رهيو آهيان ۽ سڀني جوابدارين کان منهن موڙي سارو پگهارظاهري ڏيک ويک ۽ پنهنجي معيار زندگي کي اوچي بڻائڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو آهيان. انسان جي

اندر ۾ ڪي اهڙا به تخريبي لاڙا ٿيندا آهن جن آڏو سندس ضمير جو جبل ڪک ڪان وڌيڪ ڪا حيثيت نه رکندو آهي! ڪنهن به محفل ۾ ويهندو آهيان ته ڪنهن نه ڪنهن ٻهاڻي سان، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح، هائوسنگ سوسائٽيءَ جي ان فليٽ ۽ ان جي ڏيڏ سؤ ربيا مسواڙ جو ذڪر ضرور ڪندو آهيان. فليٽ جي هڪڙي ڪمري ۾ سستو پرسهٽو غاليچو آڻي رکيو اٿم. ڪاڙي جي دڪان تان اڌورائو صوفا سيٽ بـ وڏي آيو آهيان، پٽين تي وڏن وڏن شاعرن ۽ ليکڪن جون تصويرون ٽنگي ڇڏيون اٿم. سامهون رکيل شوڪيس ۾ سندن ڪتاب آڻي رکيا اٿم. ڪمري ۾ گهڙڻ سان ائين لڳندو آهي جڻ هتي ڪو وڏو فنڪار رهي رهيو آهي. سيني ليکڪن ۽ سندن مشهور ڪتابن جا نالا ته ياد ڪري ڇڏيا اٿم باقي ڪتاب ڪير ٿو پڙهي. هن مشيني دور ۾ ايتري فرصت ڪٿي!

منهنجي فليٽ جي آهون سامهون، سڙڪ جي هن پر هڪ فليٽ آهي جنهن ۾ هڪڙي موسيقار، موسيقي ۽ ناچ جي سکيا لاءِ اسڪول کوليو آهي. شام ٿيندي آهي ته سوسائٽي ۾ رهندڙ وڏ گهراڻيون جوانڙيون، تن بدن سينگاري هتي ناچ ۽ موسيقي جي سکيا وٺڻ ايندیون آهن. مون کي موسيقي جي ڪا ڄاڻ ڪانهي(موسيقي جو ڄاڻ سان واسطو به ڪهڙو! مان بنگالي ڪونه ڄاڻان پرهڪڙي دفعي بنگالي گيت ٻڌو هوم ته روئي ويلو هوس) ان ڪري مان ان

موسيقي جي اسڪول جي باري ۾ ڪجھ چئي نٿو سگھان. ايترو سو چوان ٿو تہ شام جو جڏھن ساز وڄندا آھن ۽ چوڪرين ۽ چوڪرن جا جوان آواز گونجندا آھن تہ ائين محسوس ٿيندو اٿم جڻ ھزارين ماڻھو ھسٽريائي ڪيفيت ۾ رڙيون ڪري رھيا ھجن. ان اسڪول ۾ ايندڙ ھر چوڪري پلڪن ۾ ان وقت جا خواب پوئي ايندي آھي جڏھن ھوءَ فلمي دنيا جي آسمان تي ستارو ٿيڻ جي چمڪندي ۽ ھزارين دليون سندس سينڊل جي وڏي ڪڙيءَ سان ٽوڪرون کائيندڙيون!

شام ٿيندي آھي تہ مان اڪيلوئي اڪيلو سڙڪن جو سير ڪرڻ لاءِ نڪرندو آھيان ان وقت سوسائٽي جي سڙڪن تي جوان، سھڻن، وڻيل سڻيل جسمن ۽ بت سان ڇھڻيل لباس واريون چوڪريون لنگھندڙيون آھن. سندن جوبن ڪپڙن جا بند ڇڄ لاءِ اٽلون ٻيو ڏيندو آھي، جڻ سندن لباس جا سيئي ٽوپا ٽڻي پوندا ۽ سندن جسم جي انڊلٽ ٻنھنجي ستن رنگن سميت ڪڙي ٽڙي ٻيھندي. ڪڏھين سندن چيلھ ڪمان وانگر وري ويندي آھي تہ ڪڏھن تير وانگر سڌي ۽ منجھائن اھڙي ھڪڪار ايندي آھي جڻ ھو گھمندڙ ڦرندڙ گلستان آھن. اھڙي ٻھل دل دانھون ڪرڻ لڳندي آھي. موڙن جو شور ۽ گوڙ گم ٿي ويندو آھي. رڳو روح جون رڙيون ٻڌڻ ۾ ايندڙيون اٿم.

— — — —

منهنجي فليٽ سان گڏ ٻه ٻيون فليٽس ٻه آهن، هڪ فليٽ ۾ هڪ مرد ۽ عورت رهندا آهن. مرد جي عمر چاليهه ورهيه کن آهي، هن تي ٻه دفعا اڌ - رنگ جو حملو ٻه ٽيو آهي. هڪ دفعو چنگهه ۽ ٻانهن تي ۽ ٻيو دفعو زبان تي. هو نه گهمي سگهندو آهي ۽ نه گالهائي سگهندو آهي. سارو ڏينهن قيٽن واري ڪرسي تي هڪڙي ڪمري مان ٻئي ڪمري ۾ چڪر هڻندو آهي ۽ رڙيون ڪندو آهي. اڄ صبح جو مون هن کي ڏٺو هو قيٽن واري ڪرسي تي فليٽ جي اڳ واري گيلري ۾ ويٺو هو. رنگ اڇو ۽ ڪاڙهو، وار گهنڊيدار، روش سهڻا ۽ سيمبائٽا. سندس اکيون ڏاڍيون اداس هيون. جڏ ڪنهن قبرستان ۾ ٻه ڏينهن پري رهيا هجن. سندس اکين ۾ اداسي سان گڏ اهڙي وحشت هئي جڏ هو سڀ ڏينهي قدرت جون اهي سيئي ڪڙيون ٽوڙي ڇڏيندو جن کيس ڪرسيءَ ۾ قيد ڪري ڇڏيو هو. هن جڏهن اکيون کٽي مون ڏانهن نهاريو ته الائجي ڇو مان سندس وحشتناڪ اکيون ڏسي ڏکي ويس.

عورت جي عمر ٽيه سال کن آهي. هن پنهنجي سونهن جي اهڙي ته حفاظت ڪئي آهي جو وقت ۽ حادثات سندس سونهن تي پنهنجي قباحت جو نشان ٻه ڇڏي ڪونه سگهيا آهن. سندس شڪل شبيه ۽ ڏيک ويک کي ڏسي ائين لڳندو آهي جڏ اڇا هينئر جواني وڃ وڏائي هجي، جڏ سندس جوبن جي مڪڙي ماڪ جون چسڪيون چکي، ينورن کي ٻرڻ جي دعوت ڏيڻ لاءِ اڇا هاڻ ڏڙي هجي. هوءَ گهڻو

ڪري گھر کان ٻاھر رھندي آھي ۽ رات جو دير سان گھر ايندي آھي. ان وقت سندس مڙس ستو پيو ھوندو آھي ۽ جي جاڳندو آھي تہ ھنکي ڏسي رڙيون ڪندو آھي. پنھنجي مجذوب مڙس جي رڙين جو ھن تي ڪو اثر نہ ٿيندو آھي. ھر رات ھڪ لڳي ھڪڙي ڪار ھيٺ اچي بيھندي آھي، جنھن مان لھي ھوءَ سينڊل جي ڪڙي ڪڙ ڪائيندي، منھنجي در وٽان لنگھي، پنھنجي فليٽ ۾ ھلي ويندي آھي.

ھي فليٽ ۾ ھڪڙو ليکڪ رھندو آھي. ھن جو قد ننڍو آھي ۽ بت اھڙو تہ سنھڙو اٿس جو سندس بت تي ڊڪيل ڪپڙن کي ڏسي ائين لڳندو آھي جڻ ڪنھن ڪپڙا ڏوئي ھينگر تي لڙڪائي ڇڏيا آھن. سندس منھن تي ھر وقت اھڙي مظلوميت چانيل رھندي آھي جو ٻئي کي ھروپرو ٻہ ساڻس ھمدردي ٿي وڃي. ھن جو نالو احسان آھي. ھو ھتي ھڪڙي سرڪاري سنڊي رسالي جو سب ايڊيٽر آھي. ھو ٻہ مون جيان ھيٺين وچولي طبقي جو ماڻھو آھي ۽ مون جيان ٿي ڏيڪ ويڪ جي زندگي گھارڻ لاءِ ھتي اچي رھيو آھي. ھنکي ھميشہ ڪنھن نہ ڪنھن بيماري جي شڪايت رھندي آھي ۽ جڏھن بہ گفتگو ڪندو آھي تڏھن پنھنجي ڪنھن نہ ڪنھن بيماري جو ذڪر ضرور ڪندو آھي. ھين جون ھمدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ ويچارو انسان ڇا ڇا تہ ٿو ڪري!

جڏھن کان ڪراچي سنڊ کان ڏار ٿي آھي. تڏھن کان

ڪراچي ۾ سنڌي ائين ورلي نظر ايندا آهن جيئن گوتم جا پوئلڳ هندوستان ۾! هن ساري بلڊنگ ۾ احسان ۽ مان ئي ٻ سنڌي آهيون ۽ شايد ان ڪري ئي هڪ ٻئي جا دوست ٿي ويا آهيون. احسان سنڌ جو وڏو افسانہ نگار آهي. ڪيس زندگي ۾ جا شهرت ملي آهي سا ٻئي ڪنهن ٻ سنڌي ليکڪ کي نصيب ڪانہ ٿي آهي. شروع ۾ تہ مان هنجي شهرت کان ڏاڍو متاثر ٿيس پر پوءِ جڏهين سندس افسانا پڙهيم تہ الائي ڇو مونکي ساڻس همدردي ٿي ٻئي.... هو گهڻو ڪري ڏاڙيلن ۽ بشنن جا افسانا لکندو آهي. ڪراچي ۾ رهي ٿري ماڻهن جون ڪهاڻيون لکندو آهي.... ڪجهہ وقت اڳ اسانجي سنڌي ادب ۾ هڪڙي ويہ چڙهي هئي جنهن ۾ ڏاڙيلن جا افسانا لکندڙ چوٽ چڙهي ويا هئا. اها ويہ ضرور موٽ ڪائيندي ۽ مونکي پڪ آهي تہ احسان گمنامي جي ڪن ۾ غرق ٿي ويندو. ان لاءِ جو دوام صرف ذات کي آهي ۽ مونکي هن ۾ ذات جي ڏيائي جلندي نظر ڪانہ ٿي اچي.

احسان جي دوستي تمام وڏن ماڻهن سان آهي. هو وجهہ وٺي وڏن ماڻهن کي دعوت ڏيندو آهي ۽ ساڻن دوستي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مان هنجي آفيس ۾ ويندو آهيان تہ مونکي ڏسي هو هروپرو ٻ وڏن ماڻهن کي فون ڪندو آهي ۽ هنن سان ائين گفتگو ڪندو آهي جڻ هو سپيئي سندس ويجها ۽ گهرا دوست آهن. اڄ جڏهن مون کيس فون تي ڪنهن وڏي ماڻهو سان گفتگو ڪندي ڏٺو

ته الائي ڇو يقين ٿي ويو ته هن پاسي کان ڪنهن ڳالهايوئي ڪونہ ٿي.

— — — —

احسان کي هن بلڊنگ ۾ رهندڙ هڪڙي ماڻهوءَ جي حالات ۽ زندگي ۽ سندن رازن جي خبر آهي. جيتوڻيڪ ڪيس هتي رهائش اختيار ڪئي کو گهڻو وقت ڪونہ گذريو آهي پر تنهن هوندي به ڪيس هر هڪ ڳالهہ جي خبر آهي. اڄ مون احسان کان ان مجذوب مرد ۽ عورت جي باري ۾ پڇيو. هن مونکي ٻڌايو ته.....

ان مجذوب مرد جو نالو حميد آهي ۽ جوان عورت جو نالو شميم. اڄ کان چار پنج سال اڳ، جڏهين احسان حميد ٽي فائيج جو حملو ڪونہ ٿيو هو تڏهين هو ڏاڍي ڪامياب زندگي گذارينڊو هو. قدم قدم ٽي هن زندگي کي جيتيو هو (اسان ته قدم قدم تي هار کاڌي آهي... !) هو هتي هڪڙي وڏي فرم ۾ نوڪري ڪندو هو سندس دوستن جو دائرو ڏاڍو وسيع هو. ڪن ماڻهن ۾ قدرتي طور اهڙي ڪشش ٿيندي آهي جو هرڪو وٽن ڇڪجي ايندو آهي. حميد به انهن ماڻهن مان هو. اڏ اڏ رات تائين وٽس دوستن جي محفل متي پئي هوندي هئي جنهن ۾ سندس شخصيت پئي ڪڙندي ۽ ڦڙندي هئي. هو جڏهين ٿهڪ ڏينڊو هو تڏهين ائين لڳندو هو ڄڻ هو بين بيمار، بي جان، مرده ۽ ڪٿتين ڪاريل روحن ۾ زندگي اوتي رهيو هجي. ڄڻ هو زندگي جي چوواڻي تي بيهي زندگي جي غمن جو مذاق

اڏئي رهيو هجي. نوجوان چوڪريون ته چڪجي اچي سندس پلنگ تي ڪرنديون هيون، پر هنجي ڪنهن ۾ اڪ ڪاڻ پڏندي هئي. جنهن فرم ۾ حميد نوڪري ڪندو هوان ساڳي فرم ۾نسيم به نوڪري‌ڪندي هئي. نسيم‌تڏهن هاڻي ڪان گهڻو وڏيڪ حسين هئي. هوءَ پنهنجي حسن ۾ ايتري تہ ہڏل رهندي هئي جو هن ڪڏهين اڪ ڪٽي به انهن دلين ڏانهن ڪونہ نهاريو هوجيڪي سندس پيرن ۾ پيون لتاڙيون هيون. حسن جي آگهي ڏاڍي ستمگر ٿيندي آهي.... آخر نسيم جي ان آگهي حميد ڪان هار کاڌي. (سندس هار کيتري نہ حسين هئي!) ڀلي هڪڙي لاءِ هڪڙي کي چونديو، يا ائين ڪٽي چڏجي تہ هڪڙي کي گهولهي لڏائون. محبت آهي به تہ اڪ ـ ٻوٽ راند. قدرت اسان جون اکيون ٻوڙي اسان کي هن جهان ۾ موڪلي ٿي تہ جيئن اسين ان هستي کي گهولهي لهون جيڪا هن جهان ۾ اچي لڪي آهي. نسيم حميد کي سڃاتو ۽ حميد نسيم کي. ڀلي ساري چمار گڏ گهارڻ لاءِ وعدا ڪيا ۽ شادي ڪري چڏيائون. سندن جوڙي کڙي نہ سهڻي هئي! دوست متن رشڪ ڪندا هئا. وقت گذرندو ويو ۽ هو گهڙي گهڙيءَ جي جهول مان خوشيون لٽيندا رهيا.

هرهڪ انسان لاءِ ساه جي ساعتن جيان خوشي جون ساعتون به مقرر آهن. ڪي انهن ساعتن کي ڪنجوسي سان استعمال ڪندا آهن ۽ ڪي فضول خرچي سان. حميد انهن

ساعتن کي اهڙي ريت اڏايو جو جلد ئي سندس موڙي ختم ٿي وئي. هن کي اڌ - رنگ ٿي پيو جنهن ۾ سندس جنگهه ۽ ٻانهن بيڪار ٿي وئي ڪمپني طرفان ڪيس نوڪري کان جواب ملیو ۽ دوستن به وٽس اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو. ٿورو وقت مس گذريو ته مٽس اڌ - رنگ جو پيو حملو ٿيو جنهن ۾ سندس زبان بيڪار ٿي وئي ۽ هو گونگو ٿي پيو. حميد جي حالت ڏسي نسيم جو سارو پيار اُپري آيو. هوءَ سندس ائين پرگهور لهڻ لڳي جيئن ڪا ماءُ پنهنجي بيمار ٻار جي پرگهور لهندي آهي. هونئن به عورت بنيادي طرح ماءُ ئي آهي. هوءَ جڏهن نديي هوندي آهي ته گڏن جون راندیون رچائيندي آهي. بيزبان جانور پالیندي آهي ۽ پوءِ جڏهن جوان ٿيندي آهي ته ساري مامتا پنهنجي ٻار تي نچاور ڪندي آهي. نسيم کي ڪو ٻار ڪونه هو ان ڪري هن پنهنجي ساري مامتا پنهنجي بيوس ۽ لاچار مڙس جي قدمن ۾ آڻي هاري.

عورت جذبن ۽ جبلتن جو رنگا رنگ گلدان آهي. مامتا ان گلدان ۾ هڪڙو وڏو ۽ سهڻو گل ته ٿي سگهي ٿي پر ساروگلدان ٿي نه ٿي سگهي. نسيم آهستہ آهستہ اهڙي رفتار سان جنهن جو ڪيس به احساس ڪونہ هو، حميد کان دور ٿيندي وئي. ان دوري جا ٻہ سبب آهن. هڪ ته هن جو پگهار پورو ڪونہ پوندو هو ۽ هن کي زندگي گهارڻ جا وسيلا کولڻا هئا ۽ ٻيو ڪيس پنهنجن جذبن ۽ جبلتن جو احترام ڪرڻو هو. هوءَ ريس ڪورس ۾ وڃڻ لڳي جتي

سندس هڪڙي سهڻي نوجوان گهوڙيسوار سان تعلقات ٿي ويا. جنهن جي ڪري هوءَ شرطون کٽڻ لڳي. هينئر هوءَ ان گهوڙيسوار جي چڻ سريت آهي. هر روز آڏي رات جو هو ڪيس ڪار تي چڏي ويندو آهي. ويچارو حميد رڙين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڪري ڪونه ٿو سگهي ۽ اهو سلسلو ائين هلندو ٿو رهي....

احسان آهستگي سان ڪيسي مان سگريٽ ڪيڊي ڪڍيو ۽ مات ڪري سگريٽ جا اونهان ڪش هڻندو رهيو. پوءِ يڪدم پڇيائين؟

"نعيمر! ڇا تون نسيم کي ڏوهاري سمجهين ٿو؟"

"احسان!" سون وراڻيو "تنهنجي سوال جو جواب هيوگو جي اها چوٽي آهي ته زندگي ڏيڻ لاءِ آهي نه وٺڻ لاءِ."

"غلط ...." هن جوش وچان چيو "بلڪل غلط .... منهنجي سوال جو جواب هيوگو جي چوٽي ٿي نه ٿي سگهي. هڪڙي دور جي ليکڪ جون چوٽيون ٻئي دور ۾ اٽيل سوالن جا جواب ڪونه ٿيندڙون آهن. هيوگو جاگيردارانه نظام ۾ پيدا ٿيو هو جنهن ۾ غلام آقا لاءِ قربان ٿي ويندا هئا. مثالي دوست پيدا ٿيندا هئا ۽ مثالي عاشق. پر اسان جو دور جاگيردارانه ۽ سرمائيدارانه نظام جي ناجائز تعلقات مان پيدا ٿيل حرامي پار آهي جنهن انساني خلوص، همدردي ۽ پيار کي ڪچ جبي راندين جيان پچي پوري اڇلائي چڏيو آهي. مان نسيم کي ڏوه ڪونه ٿو ڏيان پر پنهنجي

هن دور کي ڏوه ٿو ڏيان....“

احسان مات ٿي ويو، ٿوري دير اڳين مات ويٺو رهيو ۽ پوءِ اٿي هليو ويو. وڃڻ مهل هو ڏاڍو اداس ٿي لڳو ۽ مان ٻہ هينئر هي ڀائري لکي رهيو آهيان تہ دل ڏاڍي اداس آهي.

— — — —

مان جنهن بلڊنگ ۾ رهندو آهيان، ان جي هيٺين بنگلي ۾ هڪڙي عورت بيگم مجيد رهندي آهي. مون کي هتي رهندي هفتو ڪن گذري ويو آهي. پر مون ڪڏهن به بيگم مجيد کي ڪونہ ڏٺو آهي ۽ نہ احسان کان ٻي هن جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي اٿم. سندس نالي کان سواءِ مون کي هن جي باري ۾ وڌيڪ ڪا خبر ڪانهي. نالي جي ٻہ ڏڪهن خبر پيم جڏهن بنگلي جي دروازي تي سندس نالي جي تختي پڙهيم. اڄ مان بيگم مجيد ۽ سندس گهر جي پاتين سان ملي آيو آهيان.

مان سارو ڏينهن گهر ۾ اڪيلو ويٺو هوندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلو يا احسان سان گڏ شهر جو چڪر هٽي ايندو آهيان. دوستي جي معاملي ۾ مان ڏاڍو ناڪام ثابت آهيان. زندگي جي ٻين ناڪامين جيان ان ناڪامي جو احساس ٻہ هر گهڙي روح کي ڏنگيندو رهندو آهي. الائي مون ۾ ڪهڙيون اوڻايون آهن جن مون کي دوستن ۾ مقبول ٿيڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. شايد مان ڪڏهن اهڙو مٺو ٿي ويندو آهيان جو دوست مون کي

گڙڪائي ويندا آهن ۽ ڪڏهين اهڙو ڪڙو جو دوست مون کي اوگهاڻي اڇلائي ڇڏيندا آهن.

ڪالهه آڇر جو ڏينهن هو. احسان صبح سان سوير ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان ملڻ لاءِ هليو ويو. مان اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هوس جو هڪڙو نوجوان مون سان ملڻ لاءِ آيو. نوجوان جي عمر ڏيهه سال کن هئي. قد پورو پنو، مضبوط ۽ ڪسرتي بدن، اڇا اوجهرا ڪپڙا، گهاليل مهل سندس چپن سان گڏ ا ڪين جا چپر ۽ هٿ به ٽي چريا پريا. ڏاڍي پاڻپوه سان هٿ ملائيندي چيائين:

"منهنجو نالو شهاب آهي. مان اوهان جو پاڙيسري آهيان، هيٺين بنگلي ۾ رهندو آهيان اوهين اسان جا نوان پاڙيسري آهيو. اهو منهنجو فرض هو ته اوهان سان ملاقات ڪريان....."

"اوهان جي وڏي مهرباني."

"مهرباني جي ان ۾ ڪهڙي گهاليل آهي. انسان بنيادي طرح ٻين سان رلي ملي رهڻ وارو جانور آهي. ارسطو ڪونه چيو آهي ته جيڪو ماڻهو اڪيلو رهي سگهي ٿو سو يا ته ديوتا آهي يا چريو! چريو ماڻهو ته اڪيلو رهي سگهي ٿو باقي ديوتا به اڪيلو رهي ڪونه ٿو سگهي. اوهين پراڻن ديومالائن جو مطالعو ڪيو اوهان کي هرهڪ ديوتا سان گڏ ڪا نه ڪا ديوي يا ديوتائون ضرور نظر ايندا. اهو انسان جو ٻين سان رلي ملي رهڻ واري جبلت جو اظهار آهي."

هو گهڙي ڏير تائين گهاڻيندو رهيو. سندس گفتگو جو

انداز، اکين، پرن ۽ هٿن جا اشارا ڏاڍا عجيب هئا. ڏاڍي نرمي ۽ انڪساري سان هو ائين ٿي ڳالهه مان ڳالهه ڪيندو ويو جو سندس گفتگو ۾ عجيب ربط ۽ رواني ٿي پيدا ٿيو وئي. ٿورڙي دير ۾ هن دنيا جي سياست، اسان جي ملڪ جي خارجه پاليسي، شهر جي وڏن وڏن ۽ فيشن ايبل هوٽلن، دنيا جي مشهور ڪرڪيٽ جي راندين، هالي ووڊ ۽ هندستان جي فلمي ايڪٽرن ۽ ايڪٽريسز جون ڳالهيون ڪري ڇڏيون. سان سندس شخصيت کان ڏاڍو مرعوب ٿيس ۽ سچ پچ ته هن جي آڏو پاڻ کي ڪين جهڙو محسوس ڪرڻ لڳس. اٽڪ مهل هن مون کي شام جي چانهن جي دعوت ڏني.

شام جو هو مون کي وٺڻ لاءِ آيو. اسين جڏهن بنگلي ۾ گهڙياسين ته بيگم مجيد اڳتي وڌي وٽندڙ مرڪ سان منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو. بيگم مجيد شهاب جي ماءُ هئي، هن جي عمر چاليهه سال کن هئي پرسندس لباس جوان چوڪرين جي لباس کان به وڌيڪ پرڪشش هو. سندس قميص جي ڪچي ايتري ته ويڪري ۽ ڪليل هئي جو اوگهڙ جو احساس ٿي ٿيو. سندس ڪچيءَ ۽ سيني جي کل کي ڏسي ذهن ۾ ڪنهن پاروٽي شيءِ جو احساس ٿي ايريو. هن جي چهري تي وقت جهڪي وانون ناهيون هيون تن کي هن پائوڊرسان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اکين جي هيٺان اهڙا ڪارا داغ هيس جن کي ڏسي ائين ٿي لڳو جڻ هن زندگي جي ڏ-ماڙ تي بيهي، ڏاڍي بي‌دردي سان، جواني مان

ڪ پري، هيٺ بيئل بکارن جي ميڙن تي ورڪا ڪئي هئي. سندس چپ لپ استڪ جي لالاڻ ۾ پاروٽي گوشت جي ٻوٽن جيان ٽي لڳا. ڳالهائڻ مهل ائين ٽي چپ چوريائين ڄڻ برف جون ڳڙيون چوسي رهي هجي. هن جي چپن سان هڪڙي سهڻي مرڪ چهٽيل هئي، جڏ لپ استڪ جيان مرڪ جو به چپن تي ليپ ڪري چڏيو هئائين. هنن مونکي ڊرائنگ روم ۾ آڻي ويهاريو. ٿوري دير مس گذري تہ ڪمري ۾ هڪڙي جوان چوڪري داخل ٿي. مون اکيون ڪٽي هن ڏانهن نهاريو. هن جو رنگ هلڪو سانورو هو، جڏ شاه سائين جي سرسارنگ انساني صورت اختيار ڪري چڏي هئي، جڏ سانوڻ جي ڪا بانوري سانوري ڪڪري ڪمري ۾ گهڙي آئي هئي، جڏ بنگال جي شام پاڻ پسايو هو. سندس انگ انگ آهنگ هو ۽ جسم جلترنگ. سندس ڏگهن گهاڻن پلکن کي ڏسي مون کي ٽئگور جي تشبيه ياد اچي وئي تہ:

"تنهنجون پلکون ندي‌ء جي ڪنڌي تي بيئل وڻ جي قطار جيان آهن...." شهاب اسان جو تعارف ڪرايو هن جو نالو شميم هو ۽ هو‌ء شهاب جي. نندي پيڻ هئي. مون هن کي سلام ڪيو. هو‌ء، ڪنڌ جي هلڪي جنبش سان منهنجي سلام جو جواب ڏيئي سامهون واري ڪرسي‌ء تي ٽي ويئي.

مان پهريون دفعو عورتن جي مجلس ۾ ويٺو هوس سو رکي رکي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا ٽي ظاهر ٿي پيا. شميم

ڏانهن تہ نهاري ٻہ ڪونہ ٽي سگهيس. بيگم مجيد سان گالهائڻ مهل اکيون جهڪائي ٽي چڏيم (شايد اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ مان ڪيترو نہ باحيا آهيان) سارو وقت شهاب سان گالهائيندو رهيس يا ائين ڪٽي چوان تہ شهاب جون گالهيون ٻڌندو رهيس. ان وچ ۾ مون ڏٺو تہ شميم جون اکيون مون ۾ ڪتل هيون. اسان جهڙن ماڻهن لاءِ عورت جي غلط نظر ۾ هزارين خواب آڻي چڏيندي آهي، هينئر جو شميم ڪي پاڻ ڏانهن نهارينڈو ڏٺم تہ دل جي رفتار ٽي بگڙي وئي. اکين اڳيان رنگ برنگي تروڙا نروار ٽي ٻيٽا. ڪڏهن گلو ٽي صاف ڪيم تہ ڪڏهن ڪرسيءَ تي ٽي پاسا ورايم. چگو وقت گذري ويو. شهاب گالهين متان گالهه ڪيڊي:

"نعيم صاحب! اوهين انشورنس (بيمو) جا قائل آهيو."

مان انشورنس جو قائل آهيان يا نہ اها پي گالهه آهي. باقي انشورنس وارن سان سو خدا ڪارڻ جو ويو اٿم. پر يڪدم چيم:

"چونہ ..... منهنجي خيال ۾ هرهڪ پڙهيل ڳڙهيل کي انشورنس جو قائل هئڻ گهرجي."

"مان هڪڙي يورپي ڪمپنيءَ جو ايجنٽ آهيان. اسان جي ڪمپني گهٽيئي سهولتيون ڏيندي آهي مثال طور....." هو الائي گهٽيون سهولتيون ٻڌائي ويو پر مون ڪجهہ ڪونہ ٻڌو. شميم جون اکيون مون ۾ ڪتل هيون ۽ منهنجا خيال ور وڪڙ ڪائي پاڻ ۾ منجهندا ٽي ويا. اٽڪل مهل شهاب کان ڏهين هزارين جي پاليسي خريد ڪري

گهر موڏي آيس.

شميم سان ملڻ کان پوءِ منهنجي حالت ڏر ۽ رلندڙ اُن مسافر جيان آهي جنهن کي اوچتو ٻريان ڪجن جي وڻن جي جهنڊ ۾ لڪل ٻـ ڏينڊون نظر اچي ويون هجن. روح جي چوڌين مٿان هلکو هلکو نور چانڻبو پيو وڃي. چا مون کي شميم سان محبت ٿي وڏي آهي. اها مثالي محبت جيڪا پهرين نگاه سان ٿي ويندي آهي. جڏهن نگاهن جـا ڪرٽا ستل روح جي پيشاني تي ڦهلجي ويندا آهـن ۽ روح ڪر موڙي، ننڍا ڪا نيڻ ڪڍي، چوطرف نهاريندو آهي. زندگي ۾ هيل تائين گهڻن ڏي جوان چوڪرين سان ملیو آهيان، پـر انهن جي صورت اڻين وساري ويڏو آهيان جيئن صابڻ جـي اشتهار تي چپيل ڪنهن سهڻي جسم ۽ سهڻي صورت واري عورت کي ماڻهو جهٽ پلڪ کان پوءِ وساري ويهندو آهي. شميم جي صورت روح تي چٽجي وڏي آهي. شايد شميم سان محبت ٿي وئي اٿم.

— — — —

مون احسان کان شميم جي باري ۾ پڇڻ ٿـي گهريو ۽ پر الائي ڇو هڪ ٿي محسوس ڪيم. اڄ هو آيو تہ مون شميم جي ڪالهه ڪيڻ لاءِ تمهيد شروع ڪئي.

"نسيم جو ڪهڙو حال آهي؟"

"نسيم پنهنجي گهوڙي سوار دوست سان بلڪل خوش آهـي."

"۽ حميد....."

"حميد ويچاري جو کهڙو ٿو حال پڇين. هن لاءِ ته گهڙي گهڙي سُولي آهي جنهن تي کيس لڙکايو ٿو وڃي. سقراط ته وه جو پيالو پي مري ويو هو، پر هي ويچارو ته پل پل جي پيالي مان وه ٿو پيئي ته به مري نٿو...."

"تون حميد کان پڇي ڏس" مون وراڻيو. "هو ان حال ۾ به جيئڻ چاهيندو. هن ۾ ته وکان ۽ مون کان بـ وڌيڪ جيئڻ جي هوس هوندي."

"هائو تون سچ ٿو چئين ته ان حال ۾ به هن ۾ جيئڻ جي هوس هوندي. اهائي ته انسان جي عظمت آهي. اها هوس ئي ته زندگي جي سينڌ جو سندور آهي."

اسين مات ٿي وياسين. آخر مون پڇوماڻس:

"تون شهاب کي سڃاڻين؟"

شهاب جو نالو ٻڌي هن کان چرڪ نڪري ويو. يڪدم پڇياڻين.

"شهاب توسان مليو آهي چا....؟"

"هائو...." مون چئ کنهن جرم جو اعتراف ڪندي چيو. منهنجي ڳالهه ٻڌي هن وڏو ٽهڪ ڏنو "تون به هن جو شڪار ٿي وڃين ..... هن بلڊنگ ۾ رهندڙ هرهڪ ماڻهوءَ کي شهاب انشور ڪيو آهي. هو هرهڪ کي چانهن جي دعوت ڏيئي گهر وڃي ويندو آهي ۽ کيس انشور ڪندو آهي. شهاب ايترو خطرناڪ ماڻهو ڪونهي. خطرناڪ ٿيڻ لاءِ غير معمولي ذهانت جي ضرورت آهي جيڪا هن ۾ ڪانهي. هن جو ڏڪ ماڻهو سهسائي سگهي ٿو. پر بيگم مجيد ۽

شميم جو ڏک ڪير به سهسائي ڪونه سگهندو. ٻئي نانگئيون آهن. بيگم مجيد ته هيل تائين پنهنجو سارو زهر هاري چڪي آهي باقي شميم ۾ منهين آهي. سندس وارڪان کي ورلي بچي سگهندو. مان به هن جو ڏنگيل آهيان."

تنهن کان پوءِ هن مون کي بيگم مجيد جي گذشته زندگي بابت گهاڻيون ٻڌايون.

شهاب ۽ شميم جڏهن اڃا ابهم هوا ۽ بيگم مجيد اڃا جوان هئي تڏهين هوءَ انهن ٻن پارن سميت ان بنگلي ۾ اچي رهي هئي. بيگم مجيد جي مڙس مجيد جي باري ۾ کنهن کي ڪا خبر ڪانه هئي. هن هلايو هو ته سندس مڙس مري ويو هو. پر ماڻهو چوندا هئا ته مڙسهنس کيس طلاق ڏيئي ڇڏي هئي. اصل حقيقت ڇا هئي تنهن جي خبر ته صرف خدا کي هئي. ايترو سو سڀ سمجهندا هوا ته بيگم مجيد کنهن اعليٰ گهراڻي جي عورت هئي. سندس آمدني جي ذريعن جي کنهن کي خبر ڪانه هئي. شايد مڙسهنس وڏي جاگير ڇڏي ويو هو يا حق - مهر ۾ کيس ڇگو پئسو ملي ويو جو هوءَ ائين ناڻ سان زندگي گذاري رهي هئي. ويڻي ته ڪوه به ڪپي ويندا آهن پر هن وٽ الائي ڪهڙا ڪوه هئا جيڪي ڪٽائي نٿي! هوءَ اوچي سوسائٽي ۾ اٺندي ويهندي هئي ۽ سندس تعلقات شهر جي وڏن وڏن آفيسرن ۽ وڏن وڏن واپارين سان هوندا هئا. هر روز سندس در تي چار ڪارون ضرور ايندیون هيون. هفتي ۾ هڪ دفعو هوءَ دوستن جي دعوت ڪندي هئي. ان ڏينهن ته سندس در تي ڪارن

جون قطارون لڳي ويندیون هيون. جيئن ته هوءَ پنهنجي روزانه زندگي جو گهڻو حصو دوستن سان گذاري چڪيندي هئي، ان ڪري، هن پنهنجي ٻارن جي پرورش لاءِ هڪڙي ڪرستان آيا مقرر ڪري چڏي. وقت گذرندو ويو. سندس ٻار جوان ٿيندا ويا. هن جوخيال هو ته هوءَ شهاب ڪي سني تعليم ڏياري ڪنهن وڏي عهدي تي رسائي. شهاب بي.اي پاس ڪرڻ کانپوءِ ٽي دفعا سي.ايس.پي جي امتحان ۾ ويٺو ۽ ٽيئي دفعا فيل ٿي پيو. تنهن کانپوءِ آفيسري جو خيال لاهي هن ايڪٽر بڻجڻ جون ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. هن ڪي يقين هو ته هن ۾ ڪامياب ايڪٽر بڻجڻ جون سڀئي صلاحيتون هيون. پورا ٻه سال هن فلم استوڊيوز جا ڏڪا کاڌا ۽ پوءِ مايوس ٿي موٽي آيو. ۽ پنهنجي ماءُ جي واقفيت مان فائدو وٺي لاءِ انشورنس جو ڪم شروع ڪري ڏنائين. هينئر هو هڪ ڪامياب انشورنس ايجنٽ آهي.

شميم پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ ته نهيو پر ساري جڳهه کان نرالي هئي. نند پڻ کان هوءَ چلولي ۽ ڪيچلي هوندي هئي. جوان ٿي ته سندس شخصيت ۾ چلولائي ۽ ڪيچلائي جا ڪجهه اهڃاڻ رهجي ويا. ڪڏهن هوءَ ٻارن وانگر ڪيچلي ٿي ويندي هئي ۽ ڪڏهين پوڙهن جيان سنجيده ۽ باوقار. گلن سان ڪيس ڏاڍو پيار هو، پر گلن جي سرهاڻ سنگهڻ سان الٽي اچي ويندي هيس. ڪڏهين شوق وچان گلن جو ٻوٽو پوکيندي هئي ۽ ٻوٽو اڃان مکڙيون جهلينڊو مس هو ته ڪيس پاڙون پٽي اڇلائي چڏيندي هئي. ڪڏهن دوستن سان

ائين پيش ايندي هئي جو دوستن کي غلط فهمين ٿي پوندين هين ۽ کڏهين وري اهڙو ورتاءُ ڪندي هئي جنڪ هوءَ کين سچائي ٻڌائڻ. مرد کي مات ڪرڻ ته ڪو هن کان سکي. جيڪڏهين ڪو مرد نظرانداز ڪري ڇڏيندو هوس ته ڦٽيل نانگڻ ۽ سچريل شينهڻ جيان مٿس وار ڪندي هئي ۽ تيسين آرام ڪونہ ايندو هوس جيسين ان مرد کي زير نہ ڪندي هئي. هنجو سچو پيار دنيا ۾ ڪنهن سان ڪونہ هو. رڳو و هڪڙو وحشي ڪتو ڏاريو هوائين جنهن سان ڪيس ڏاڍو پيار ٿي ويو هو. ان ڪتي سان سندس پيار جو بہ عجيب سبب آهي. هڪڙي ڏينهن اهو ڪتو روڙ ڪري مٽان چڙهي آيس ۽ جنگهہ ۾ چڪ هٽي ڪيدائينس. هو ڊپ يا ڪاوڙ ڪرڻ جي بدران چربن جيان ڪتي جي ان چڪ کي چمڻ لڳي. ان ڏينهن کانپوءِ اهو ڪتو سندس زندگي جو حصو بڻجي ويو. پر ڪجهہ وقت کانپوءِ اهو ڪتو مري ويو. پورو مهينوهوءَ ان ڪتي لاءِ رئندي رڙندي رهي. اڄ بہ ڪيس ڪتو ياد اچي ويندو آهي ته اوچنگارين ڏيئي روئڻ لڳندي آهي.

منهنجي ذهن ۾ شمير جي جيڪا تصوير چٽيل هئي. تنهن جي چوڌاري احسان جي ڪالهين عجيب طلسمي جڙاءُ ڪري ڇڏيو. هوءَ مونکي ائين افسانوي ڏنڊ ۾ ويڙهيل نظر آئي جيئن ديومالائن جون ديويون افسانوي ڏنڊ ۾ ويڙهيل نظر ايندين آهن. هوءَ مونکي طلسمي ڪاڪ ۾ ويڙل مومل ٿي لڳي ۽ منهنجي روح جو راڻو ان ڪاڪ

سان ڪڪورجڻ لاءِ تڙپڻ لڳو. احسان چيو:
"شميم مون سان به پيار ڪندي آهي. مان ڪوڙڪوڙ ٿو ڳالهايان. تو کي يقين نه اچي ته هن جا خط آڻي ڏيکاريان؟"
ائين چئي هو خط ڪڍڻ لاءِ هليو ويو ۽ مان شميم جي خيالن ۾ غرق ٿي ويس. هو موٽي آيو ۽ ٻه ٽي خط آڻي منهنجي آڏو رکيائين. مون هڪ هڪ ڪري سڀئي خط پڙهيا. خط جي شروعات ڪنهن واهيات فلمي شعر سان ٿي ٿي ۽ لکڻ واري جڻ لفظ لفظ ۾ پنهنجي دل رکي ڇڏي هئي. خط پڙهندي مونکي ائين لڳو جڻ مان احسان جا افسانا پڙهي رهيو آهيان. ساڳيو لهجي جو تصنع، سليس لفظ استعمال ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ۽ انسان جي اوتاهن جذبن جي اپٽار. مون مرڪي خط احسان کي موڪلي ڏنا. خط وٺڻ مهل الائي ڇو هن منهنجي مرڪ ڏانهن شڪ سان نهاريو.

— — — —

مونکي شميم کي حاصل ڪرڻ جي صرف هڪڙي صورت نظر آئي ته مان هن کي نفسياتي شڪست ڏيان، سندس خود پرستيءَ کي ڏڪ هڻان ۽ سندس آنا کي مجروح ڪريان. تمون ڏيڻهن شهاب سان ملڻ لاءِ بنگلي تي ويس ته شميم ۽ شهاب باهر باري ۾ ڪرسيون وڇهي ويٺا هئا. مون کي ڏسي شهاب پنهنجي مخصوص ڪاروبارانه مرڪ ۽ خلوص سان اڳتي وڌي مون سان مليو. شميم ويٺي رهي. هن منهنجي آجيان ڪانه ڪئي. شميم کي ڏسي منهنجي دل جي رفتار بگڙڻ لڳي. سارو وجود ميڻ جيان پگهرڻ لڳو.

مان شهاب جي پر ۾ ڪرسيءَ تي ٽي ويٺس ۽ اسين گالهيون ڪرڻ لڳاسين. گهڻي دير تائين اسين گالهائيندا رهياسين. ان وچ ۾ مون شميم ڏانهن نهاريو ۽ ڪونہ، صفا نظرانداز ڪري ڇڏيومانس. شهاب جهٽ پلڪ لاءِ اٿي اندر هليو ويو تڏهن بہ مون هن سان هڪ اکر ڪونہ گالهايو مان ڪري ويٺو رهيس. هوءَ بہ مان هئي. شهاب آيو تہ اسان فلم ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو. جڏهن اسين اٿي هلڻ لڳاسين، تڏهن مون اک ٽيٽ ڪري هن ڏانهن نهاريو هن جي نراڙ تي گهنج پيل هو. شايد اهو گهنج منهنجي وار جو گهاؤ هو.

فلم سٺي هئي يا نہ.... تنهنجي مون کي خبر ڪانهي، منهنجي اکين آڏو تہ صرف شميم جي پيشاني تي پيل گهنج ئي ڦريو. سارو وقت شهاب چپن، اکين، پرن ۽ هٿن جي چرپر سان ائين گفتگو ڪندو رهيو جڏ مان سندس دوست نہ پر فلم ڊائريڪٽر هوس جنهن آڏو هو پنهنجن ايڪٽر بڻجڻ وارن سمورين صلاحيتن جو مظاهرو ڪري رهيو هو. مون کي سندس سنگت مان ڏاڍي ڪوفت ٿي پر شميم جي نراڙ جي گهنج کي ياد ڪري دل ۾ اهڙي تہ خوشي جي لهر ٿي اٿي جنهن هر شيءَ کي سونهن ٿي بخشي ڇڏي. اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان.

— — — —

منهنجو وار ڪامياب ويو..... ڪالهہ شام جو مان باهر چڪر هڻڻ لاءِ نڪتس تہ شميم پنهنجي بنگلي جي دروازي وٽ مون سان ملي. مون کي ڏسي چيائين:

"ڪيڏانهن ٿو وڃين....؟"

مون پهريون دفعو هن جو آواز ٻڌو هو. هن جي آواز ۾ ڪيتري نه روشني ۽ ميناڪ هو. ڄڻ سندس نڙيءَ مان نور جا ڪرڻا ٿي ڦٽا. ڄڻ سندس گلي مان ماکيءَ جي لار ٿي ٽمي. مان حيران هيس جو هوءَ مون سان ائين مخاطب ٿي هئي ڄڻ اسين گهڻي وقت کان هڪٻئي جا دوست هئاسين.

"ڪيڏانهن ڪونه، ائين ٽورو چڪر هڻڻ لاءِ نڪتو آهيان."

"هل تہ مان بہ ٿي هلانءِ...." خوشي ۾ منهنجي دل ٽپا ڏيڻ لڳي.

"ڪيڏانهن هلون...؟"

"هل تہ ڪنهن فلم تي ٿا هلون."

ٽورو اڳيرو هلي مون ٽئڪسي ڪئي.

"ڪهڙي فلم تي هلون؟" مون ٽئڪسي ۾ ويهندي پڇيو.

"جهڙي تي تنهنجي مرضي." هن مختصر جواب ڏنو.

ٽئڪسي هلي ۽ اسين ٻئي ماڻ ويڻا رهياسين. مون کي يقين ڪونہ ٿي آيو تہ شمير مون سان گڏ ويٺي هئي. زندگي ۾ انسان جي تمنائن جو ايترو تہ قتلِ عام ٿو ٿئي جو جيڪڏهن کا تمنا بچي ٿي وڃي ۽ پورائي کي ٿي پهچي تہ اعتبار ڪي ڪونہ ٿو اچي. مان ٽئڪسي جي دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هوس. شهر جون عمارتون پٺتي رهجندڙيون ٿي ويون. ڪيڙن ماکوڙن جيان ڊرتي ٿي سرندڙ ماڻهن

جي هجوم کي پنتي ڇڏي اسين اڳتي وڌندائي وياسين.

ٽڪيٽون وٺي اسين هال ۾ گهڙياسين ۽ هڪ ٻئي جي پرسان ٽي ويناسين. شميم منهنجي پرسان ويٺي هئي، ايترو پرسان جو ڪڏهين ڪڏهين سندس هٿ منهنجي هٿ کي ڇهي ٽي ويو ۽ ساري وجود ۾ ڪنوڻيون ٽي ڪنوڻ لڳيون، سامهون سئنيما جي پردي تي ڊوڙندڙ تصويرون ۽ هال ۾ ويٺل ماڻهن جون نيم تاريڪ صورتون پاڻ ۾ منجهنديون، صاف ٿينديون شميم جي صورت تي اختيار ڪري ويون. ڪڏهين ائيم ٽي لڳم ڇڻ سڄ پنهنجي جاءِ ڇڏي ڏرتي کي ويجهو اچي ويو آهي ۽ سندس ڪرٽن ۾ هرهڪ شيءِ پگهرندي، تيز چيندڙ روشني ۾ تبديل ٿيندي ٻئي وڃي. الائي ڪهڙي مهل انٽرول ٿيو.

"ڪيئن فلم پسند آئي....؟" هن موندڙانهن نهاريندي پڇيو.

"جي.... هاڪ.... مزيئي چڱي آهي." مون هيڪندي وراڻيو.

"مون کي ته نٿي وڻي...."

"واقعي سٺي ڪانهي."

منهنجي ڳالهه ٻڌي هوءَ مشڪي ويٺي.

"ات ته موٽي هلون."

"هلو...." مون فرمانبرداري سان وراڻيو. باهر نڪري هن پڇيو.

"هاڻي ڪيڏانهن هلون...."

"جيڏانهن توهانجي....."

"مون کي 'توهان' نہ چوندو ڪر." هن منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڪپيندي چيو. "'توهان' سان ائين لڳندو اٿر ڇڻ مٽي جا سپيٽي وار اڇا ٿي ويا آهن ۽ چهري تي هزارين گهنج پئجي ويا آهن.... ها هاڻي ٻڌاه تہ ڪاڏي هلون...."

"ڪلفٽن تي هلون...."

"هل....."

ڪلفٽن تي ساڻهن جو چهچٽو لڳو پيو هو. اسين ٽئڪسي تان لٿاسين ۽ سمنڊ جي ڪناري تي گهمڻ لڳاسين. هر طرف اونداهي ڦهلجي چڪي هئي. اونداهيءَ ۾ سمنڊ انسان جي اندر جيان پراسرار ٿي لڳو. هوائن جا جهوٽا، شميم جي جسم کي ڇهي، بدمست ٿي، شرابي جيان ٽڪرندا، اڳتي وڌي ٿي ويا. شهر جون بتيون ائين ٿي پريون جيئن اڪيلائي ۾ يادن جا ڏيئا هري پوندا آهن. پريان، اونداهي ۾ ويڙهيل عمارتون، ائين ٿي نظر آيون، جيئن وڇڙيل دوستن جي وسريل چهرن جا ڌنڌلا نقش! اسين ٻئي ماڻ هواسين ۽ نرم نرم واري تي ائين هلي رهيا هواسين ڇڻ خواب ۾ سفر ڪري رهيا هجون.

"تون چا ڪندو آهين....؟" هن يڪدم پڇيو.

"هتي هڪڙي فرم ۾ نوڪري ڪندو آهيان."

"پگهار گهٽو ملندو اٿيئي....؟"

چوندا آهن تہ عورت عمر ٻڌائڻ مهل ۽ مرد پگهار ٻڌائڻ مهل ڪڏهين به سچ ڪونہ ڳالهائيندا آهن. سو مون

ٻه ڪوڙ ٿاهي پڌايومانس.

"مڙيئي اٿ، تو سو ملي ويندا آهن."

"شادي ڪئي اٿيئي....؟" هن جي سوال جي نوعيت ۽ پڇڻ جو انداز اهڙو هو جڏ ڪا بزرگ عورت هئي.

"نہ.... اڃا شادي ڪانہ ڪئي اٿم...." مون وراٿيو....

"اصل ۾ مان اهڙي هستي ڪي ڳولهيندو ٿو وتان جنهن ڪي ڏسي روح جي اڃ اجهامي وڃيم." منهنجي ڳالهہ ٻڌي هن اکيون ڪٽي مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ سمنڊ جي لهرن ڏانهن نهارڻ لڳي جن ۾ بيچيني هئي، تڙپ هئي. جڏ سمنڊ جي سيني ۾ ٻاهه جا ٻيڙ ڀڙڪي پيا هئا. رکي رکي ڪا ويرٽي چڙهي ۽ ڪناري ڏانهن دور تائين وڌي، ڦهلجي، فنا ٿي ٽي وڃي.

"ڏسو تہ لهرن ۾ ڪيڏي نہ بيچيني آهي" مون چيو:

"ائين ٿيون ڪناري ڏانهن وڌن جڏ ڪنهن وڇايل شيءِ ڪي ڳولهي رهيون هجن. منهنجي خيال ۾ انسان بہ ائين، ساري ڄمار ڪنهن هستي جي ڳولها ۾ تڙپندو ٿو رهي. هر هڪ انسان زندگي جي هن بي انت سمنڊ ۾ ويرجيان چڙهي ٿو ۽ ڪنهن هستي جي ڳولها ۾ ڪناري ڏانهن وڌي فنا ٿي ٿو وڃي...." هوءَ مان ڪيو سمنڊ ڏانهن نهارينديرهي ۽ مان ڳالهائيندو رهيس. "مان سمجهان ٿو تہ انسان هن جهان ۾ ڪنهن کارونيارکان ڪوٺ آيا آهيون پر ڪنهن روشني جي رنگا رنگ ماٺري مان آيا آهيون. انسان جون اکيون ان روشني ڪي ڳولهيندڙيون ٿيون رهن. انڊلٽ جي

رنگن کي ڏسي انساني روح جو چڪجڻ، سهڻي صورت پسي ساه جي ست کائڻ. اهو سڀ ڪجهه چا آهي. اها اهڙي هستي جي تلاش آهي جيڪا ان روشني جو سروپ هجي، اسانجي زندگي جي وڏي ۽ وڏي ڏريجڊي اها آهي جو پهرين ته اسين ان هستي کي ڳولهي ڪونه ٿا لهون، ۽ جي ڳولهي لهون ٿا ته اها وري ڪنهن ٻي هستي جي تلاش ۾ پٽڪندي ٿي رهي."

هوءَ ائين ئي مات ڪيو سمنڊ ڏانهن نهارينديِ رهي ۽ پوءِ يڪدم چيائين:

"هل ته موٽي هلون...." سندس آواز ڏاڍو اداس هو.

مون کو جواب ڪونه ڏنو، مات ڪري اچي ٽيڪسي ۾ ويٺس. ساري واٽ اسين مات رهياسين، پنهنجي پنهنجي پاسن وارن درين کان انسانن ۽ مشينن جي چولين هٿندڙ سمنڊ ڏانهن نهارينداِ رهياسين. ٽيڪسي اچي هن جي گهر جي آڏو بيٺي ۽ هوءَ ڪجهه ڳالهائڻ بنا بنگلي ۾ هلي وئي ۽ مان گهر موٽي آيس.

مون کي خوشي آهي جو منهنجي روح زندگي جي گذرندڙهن بيرونق، بيرنگ ۽ بد صورت گهڙين جي هجوم مان ڪي اهڙيون گهڙيون به گهاريون آهن جن ڪي شعير جي سونهن جي عڪس جرڪائي ڇڏيو آهي، جيڪي زندگي جي چوڏاري ڦهليل هن ڪارونهار ۾ ٽانڊاڻن ۽ ستارن جيان جڳ مڳ ڪري منهنجي ساري هستي کي جرڪائي رهيون آهن. پهرين ڀر مون سمنڊ ڏٺو هو، سمنڊ جون بي چين،

بي‌آرام چوڻيون ڏنيون هيم، پر تڏهن انهن ۾ سونهن جـو هلڪو پاڇو بـ، ڪونه هو. ان ڏينهن شميم هر شيءَ کـي سونهن بخشي چڏي هئي. اهي سهڻيون گهڙيون! اهي روشن ۽ چمڪندڙ گهڙيون! منهنجي جيئڻ جون جواز آهن، زندگي جـي آخري موڙي آهـن. مـان ان موڙيءَ کـي دنيا کان لڪائي پنهنجي روح جـي گڦائن ۾ دفن ڪري چڏيندس ۽ پاڻ نانگ بڻجي انهن جي سنڀال ڪندس.

— — — —

ڪالهه رات هن بلڊنگ ۾ اهڙو حادثو پيش آيو جنهن هر طرف هراس ڦهلائي چڏيو آهي. ان واقعي جو مون تـي جيڪو رد عمل ٿيو آهي تنهن کي سمجهڻ لاءِ جڏهن پنهنجي اندر ۾ ليٿو ٿو پاڻان ته چوطرف ڦهليل هراس کان سواءِ ٻيو ڪجهه ب نظر نٿو اچيم. ائين ٿو لڳيم جڻ ڪو پوائنٽو خواب ڏسواٿم. جڻ پنهنجي ئي لاشعور ۾ دفن ٿيل کا خواهش يڪدم نڪري شعور ۾ گهڙي آئي آهـي ۽ مان هن جي هيبتناڪ صورت ڏسي ڊڄي هراسجي ويو آهيان.

ڪالهه رات مـان پنهنجي فليٽ ۾ ستو پيو هوس. اڌ رات ٽي ٽ ڪنهن زور سان دروازو کڙڪايو. ننڊ مان چرڪ پري اٿيس ۽ ٽپ ڏيئي دروازو کوليم، سامهون احسان بيٺو هو. ڏاڍو گهبرايل ٽي لڳو:

"چـا ڪالهه آهـي.....؟" مون پڇيومانس. منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ جي بدران هو اندر گهڙي آيو ۽ هيسيل آواز ۾ چيائين:

”دروازو بند ڪر تہ ٻڌايانءِ ٿو.....“ مون دروازو بند ڪيو. ٻاهر ٻہ - ٽي ماڻهو نسيم جي فليٽ جي اڳيان بيٺا هئا.

”خو.....خون ٿي ويو آهي.....“ هن جو منهن ٿي پيلو ٿي ويو.

”خون.....ڪنهن جو خون؟“

”ٻڌايانءِ ٿو.....پهرين هوش تہ جاءِ ٽيڻ ڏي.“ هن سگريٽ ڪيي ڪڍيو ۽ سگريٽ جو ڪش هڻندي چيائين.

”نسيم ڪي سندس مڙس خون ڪري ڇڏيو.“

”ننهنجو مطلب آهي نسيم ڪي حميد ماري ڇڏيو.“

”هائو.....“ هن مختصر جواب ڏنو.

”پر ڪيئن.... ڪولي چو نہ ٿو ٻڌائين.“

”توکي تہ خبر آهي تہ نسيم جا هڪڙي گهوڙيسوار سان تعلقات هئا. حميد ڪي انهن تعلقات جي خبر هئي پرهو ويچارو رڙين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٻہ ڪري ڪونہ ٿي سگهيو. اڄ رات نسيم آئي تہ حميد اڃان جاڳي رهيو هو. اڄ رات هن رڙين جي بجاءِ مرڪ سان هن جو آڏرياءُ ڪيو جڏهن هن حالات سان ٺهراءُ ڪري ڇڏيو هو ۽ نسيم ڪي اجازت ڏيئي ڇڏي هئي تہ هوءَ پنهنجي مرضي مطابق زندگي گذاري. نسيم پنهنجي مڙس جي ان رويي تي ڏاڍي خوش ٿي ۽ گهڻي دير تائين ويهي حميد سان ڳالهيون ڪندي رهي. هو ٻہ ڪلي ڪلي نسيم جي ڳالهين مان لطفاندوز ٿيندو رهيو. آخر نسيم سمهي پئي ۽ حميد پنهنجي ڪرسي

تسي ويڻو ڪتاب پڙهندو رهيو. هن پهرين ئي هڪڙو وڏو چاقو ڪيسي ۾ رکي چڏيو هو. نسيم ڪي جڏهن ننڊ وئي وئي تڏهن هن آهستگي سان ڪرسي آڏي پلنگ جي ويجهو ٻيهاري ۽ چاقو نسيم جي سيني ۾، بلڪل هنيانو وڻ وهائي ڪيڻئين ۽ ٽيستائين چاقو وهائيندو رهيو جيستائين سندس بت بي جان نه ٿي ويو. چاقو جي پهرين وار سان نسيم رڙ ڪئي، مان رڙ ٿي ننڊ مان چرڪ پري اٿيس ۽ سندن فايٽ جي دريءَ مان اندر ليڻو پاتم. حميد چرين جهان رڙيون ۽ ڪندو ٿي ويو. اهو منظر ڏسي منهنجي مٿان اهڙي دهشت طاري ٿي وئي جو آٿي ٿي ٻيهي رهيس. جڻ پير پيل پاون وانگر زمين ۾ کپي ويا هئا، دل چيو ته زور سان رڙ ڪيان پر آواز نڪريءَ ۾ اٽڪي پيم. گهڻي دير تائين اڻين بي جان بت ڏسيو ڏيئو رهيس. پوءِ ڇڄي پنهنجي ڪمري ۾ اچي لڪس. هاڻي ۾ ٿي ماڻهو گڏ ٿي ويا آهن تڏهن ڪمري مان نڪري تو تائين پهتو آهيان."

مان اٿي باهر وڃڻ لڳس ته هن دانهن ڪئي.

"ڪيڏانهن ٿو وڃين اجايو شاهدن ۾ اچي ويندين."

مان هن جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري هليو ويس. حميد جي دروازي وٽ اچا ۾ - چار ڇڪا ٻيئا هئا. جن نسيم جي خون جا عجيب عجيب سبب ٿي بيان ڪيا. پوليس به پهچي وئي هئي. پلنگ تي نسيم جو لاش اڇي چادر سان ڍڪيو پيو هو ۽ پلنگ جي ويجهو حميد پنهنجي ڪرسيءَ تي ويڻو هو. سندس ڪڙڻا رت سان پريا پيا هئا. هن مٿو ڪرسيءَ

جي ٽيڪ تي رکي ڇڏيو هو. هن جي پرسان صوبيدار ويٺو هو جنهن کاغذن تي لکپڑهه ٿي ڪئي. حميد لکي ڏنو هو ته هن خون ڪيو هو. مان گهٽي ديـر تائين ٻيٺو حميد جي چهري ڏانهن ڏسندو رهيس جتي مختلف جذبن جي پاڇن جا هجوم هئا. گهٽي ديرکان پوءِ هن ا کيون پٽيون. ڇڻ سندس روح جـا طـاق پٽجي ويا. مون هـن جـي ا کين ۾ نهاريو. سندس ا کين ۾ خـوني واري وحشت کـان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه هو.

— — — —

ان واقعي کي هفتوگذري چڪو آهـي. ان سلسلي ۾ وڌيڪ پيش آيل واقعات مان بيان ڪرڻ نٿو چاهيان. ايترو سو لکان ٿو ته منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هراس هينئر ختم ٿي چڪو آهي ۽ جذباتي طور مان ان واقعي کي قبول ڪري چڪو آهيان.

اڻ ڏهن ڏينهن کان مان شميم سان ڪونه ملیو هوس. اڄ شام جو شميم‌مون‌کي ماڻهو موڪلي سڏايو. مان اهڙي مهل ٿي ساڻس ملڻ لاءِ هليو ويس. هـو پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي هئي. سندس ڪمرو ڏاڍو بي‌ترتيب هو. سارو سامان ٽڙيو پکڙيو پيو هـو. چوطرف ڪتاب پکڙيا پيا هئا. ڪمري جي حالت ڏسي ائين ٿـي لڳو جڻ هوءَ مسافرن جيان ان ڪمري ۾ رهيل هئي ۽ چـوطرف پکڙيل ڪتابن ۽ ٻئي سامان سان سندس ڪو واسطو ڪونه هو. جڻ هوءَ اسٽيشن جـي ويٽنگ روم ۾ ويٺي هئي ۽ ريل جـو انتظار

ڪري رهي هئي جيڪا ڪيس پنهنجي منزل تي وڃي پهچائيندي. پر هن جي منزل ڪهڙي هئي!

"تون ايترا ڏينهن مون سان ملڻ لاءِ ڇو نه آئين" هن چيو "تون مون کان ائين پري پري ڇو ٿو رهين. ڇا تون مون کي چگو نٿو سمجهين."

"اها گالهه نه آهي" مون وراڻيو "ان ڪري ٿو وٺ اچي ڪونه سگهيس."

"تون مون سان محبت ته ڪونه ٿو ڪرين...؟ مون سان محبت نه ڪجانءِ. محبت جو مون ۾ مادو ئي ڪونهي. جيڪي مون سان محبت ڪندا آهن انهن جي ۽ منهنجي وچ ۾ اهو رشتو قائم ٿي ويندو آهي جيڪو دوڪاندار ۽ گراهڪ جي وچ ۾ هوندو آهي. اڄ ٽي اسان دوڪاندار ۽ گراهڪ جي بدران دوست ٿي هڪٻئي سان ملون. وعدو ڪر ته تون هميشه مون کي دوست سمجهندين."

"ماڻ وعدو ٿو ڪريان ..."

"هاڻي ماڻ تو کي پنهنجو ڪري سمجهنديس، جيتري عزت مون تو کي ڏني آهي ايتري اڄ تائين مون ڪنهن به مرد کي ڪانه ڏني آهي. هونئن به مرد عزت جي لائق ئي ڪونهي. جيڪي مرد مون سان محبت ڪندا آهن تن کي ماڻ ٿوڪرون هڻندي آهيان ۽ هو منهنجا پير لڪيندا آهن. ماڻ هنن کي ڪٽ ـ پتليءَ وانگر نچائي سندن بيوسي، لاچارگي ۽ پنهنجي قوت تي ٽهڪ ڏيندي آهيان. مون ۾ محبت جو مادو ئي ڪونهي. هن مشيني دور جي ڪنهن به

انسان ۾ محبت جو مادوکونهي، سڀ مشين جيان محبت کان خالي آهن.“

”توهان.... منهنجو مطلب آهي تون محبت جي وجود کان انکار ڪري نه ٿي سگهين. هن دنيا جو وجود ئي محبت جي وجود جو دليل آهي. جي محبت جو وجود نه هجي ته جيڪر ڏرتي جو گولو بولائيون کائيندو، ڪنهن سياري سان ٽڪرائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي.“ مون جوش وچان چيو.

منهنجي ڳالهه ٻڌي هوءَ مرڪي ويئي.

”وچولي طبقي جا سيئي ماڻهو محبت ۽ اخلاق جي باري ۾ تو جيان انتهاپسند ٿيندا آهن. تو يوناني ديومالائن جو مطالعو ڪيو آهي.... يوناني ديومالائن جي هڪڙي کهاڙي آهي ته ديوتائن جڏهن هن دنيا جي تخليق ڪئي، تڏهن ڏرتي تي اونده انڌوڪار ڦهليل هو. پوءِ هڪڙي پراميٿيئس نالي ديوتا آسمان مان ديوتائن کان باهه چورائي آڻي انسانن کي ڏني. ڏرتي تان اونده انڌوڪار لهي ويو ۽ هر طرف روشني ڦهلجي وئي. اڄ جي هي ساري سائنسي ۽ علمي‌ترقي ديوتائن وٽان چورايل ان باهه جي ڪري آهي.... مان جيڪرديوتائن کي اها باهه موٽائي ڏيان پر هڪڙي شرط سان ته هو مون کي اها انساني محبت موٽائي ڏين جيڪا ان باهه ۾ سڙي رک ٿي وئي آهي. جنهن کي هنن مشينن چيپائي ڇڏيو آهي.“ هن جوش وچان چيو. سندس چهري تي درد جا پاڇا لهرائڻ لڳا ۽ هوءَ دريءَ مان نظر ايندڙ

آسمان ڏانهن نهارڻ لڳي.

اسين پئي خاموش هئاسين. ٿوري دير گذري تہ بيگم مجيد ڪمري ۾ داخل ٿي. ساڳيو رنگ برنگي لباس ۽ پائوڈر ۽ سرخي جا تہ! مون کي ڏسي پنهنجي مخصوص مرڪ ۽ متي جي هلڪي اشاري سان سلام ڪيائين ۽ شميم جي ويجهو اچي چوڻ لڳي:

"چو شميم! اڄ سير ڪرڻ لاءِ باهر نہ وئي آهين؟"

"بس، اڇڪلهہ طبيعت ٺيڪ ڪانهي."

"پوءِ تہ توکي سير لاءِ باهر ضرور وڃڻ گهربو هو. شام جي وقت هن ڪمري ۾ ويهڻ سان تہ وڌيڪ طبيعت خراب ٿي ويندءِ. اٺ تيار ٿي وڃ، مسٽر سعيد توسان ملڻ لاءِ آيو آهي. هن سان گڏجي ڪلفٽن جو چڪر هڻي ايندينءِ تہ دل بهلجي ويندءِ ۽ طبيعت بہ ٺيڪ ٿي ويندءِ."

"ڪهڙو مسٽر سعيد؟"

"هو انجنيئر، جيڪو جميل سان گڏ آيو هو..... بہ ٻي دفعا توسان مليو آهي."

"اسان.....اڄ مان باهر نہ ويندس ۽ ڪنهن سان نہ ملندس. تون مسٽر سعيدکي چئي ڇڏ تہ اڄ منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي."

"پر ڏيءِ! اهو تہ آداب جي خلاف آهي تہ ڪو مهمان گهر اچي ۽ ميزبان هن سان ملي بہ نہ."

"منهنجو ڪوبہ مهمان ڪونهي ۽ مان ڪنهن جي بہ ميزبان ڪانہ آهيان." هن ڪاوڙ وچان چيو.

”مون تو کي چيو نہ تہ منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪانهي ۽ مان ڪنهن سان نہ ملنديس.“

شمير جي ڪاوڙيل لهجي سان بيگم مجيد چڙ سهمي وئي، يڪدم چيائين:

”چگو ڏيءَ.... تون آرام ڪر. مان هن کي سمجهائي ٽي ڇڏيان....“ ائين چئي هوءَ ٻئي مڙي ۽ وري پنهنجي مخصوص مرڪ ۽ مٽيجي اشاري سان مون کي سلام ڪري ڪمري کان ٻاهر هلي وئي. بيگم مجيد جي وڃڻ کان پوءِ ڪمري ۾ ڏاڍي اڻ وڻندڙ خاموشي ڇانئجي وئي. شمير جي چهري تي ڪاوڙ جا نشان هئا. چوندا آهن تہ ماڻهو ڪاوڙ ۽ مزاح وقت سچ اوگاڇي ڏيندو آهي. سو مون يڪدم شمير کان پڇيو:

”مون ٻڌو آهي تہ تون احسان سان محبت ڪندين آهين.“

منهنجي گاله ٻڌي هن کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ ڪلندي ڪلندي چيائين:

”اوهان مرد عورت کي الائي ڇا سمجهندا آهيو. اوهين عورت کي سجاڻوئي ڪونہ. عورت مرد جي صرف انهن خوبين سان پيار ڪندي آهي جيڪي هن جي حفاظت ڪري سگهن. عورت جي فطرت ۾ ڪي اهڙا لاڙا ٿيندا آهن جن جو رخ هميشه تباهين طرف هوندو آهي. جابر مرد هن جي اهڙن لاڙن جو رخ ڦيرائي ڇڏيندو آهي. عورت صرف اهڙي مرد جي عزت ڪندي آهي. هن جي اهڙن

خوبين جو احترام ڪندي آهي. احسان جي لڳڙي بت، نسواني‌سونهن ۽ ڪمزور شخصيت‌ڪي ڏسي منهنجي محبت نہ پر مامتا جاڳي پوندي آهي. سچ پچ تہ دل چوندي اٿم تہ ماءُ جيان هن جي حفاظت ڪريان.'' اسين وري خاموش ٿي ويا‌سين. هوءَ وري سنجيده ٿي وئي ۽ دريءَ مان نظر ايندڙ آسمان ڏانهن نهارڻ لڳي ۽ مان هن جي چهري ڏانهن، ٿوري دير کان پوءِ هوءَ آسمان ڏانهن نهارڻ لڳي. ۽ مان هن جي چهري ڏانهن ڏسندو رهيس. ٿوري دير‌کان پوءِ هن آسمان تان نظرون هٽائي مون ڏانهن نهارينديِ پڇيو:

''نون خدا کي مڃيندو آهين....؟''

''نهنجي سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ مان توکي هڪڙي ڳالهہ ٿو ٻڌايان'' مون چيو:

''هڪڙي دفعي هڪڙي گهريٽڙي منهنجي ڪمري ۾ اچي‌گهر اڏيو ۽ آنا ڏنائين. جڏهن ڇا آنن مان ڪٿي آيا تڏهن هڪڙي ڏينهن هڪڙو ڇوڪرو سندس گهر مان ڪري پيو. هوءَ ڇوڪري کي وات ۾ جهلي‌گهرڙي ۾ اندر رکڻ لاءِ ڪٽڪڻ لڳي. پر‌گهريٽڙي جي‌گهر جو ڏنگڙو ايترو تہ ننڍو هو جو ڇوڪرو اندر رکي نہ ٿي سگهي پر تڏهن بہ ڪٽڪندي ٿي رهي. گهريٽڙي جي ان جذبي جو وسيع ترين تصور خدا آهي..... ها مان خدا کي مڃيندو آهيان.....''

''توکي خدا جي مامتا پسند آهي ۽ مون کي سندس قهاريت.... ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان تہ هن دنيا کي تباهي ميران هاڻي جيان خدا کي ڳولهڻ شروع ڪري

ڏيان." هوءَ وري آسمان ڏانهن نهارڻ لڳي. ٻاهر رات جي اونداهي ڦهلجي چڪي هئي ۽ آسمان ني ستارا ظاهر ٿي ٻيٺا هئا. هن هر گهڙي آسمان ۾ نهاري الائي چا کي ٿي کوليو!

"تو نسيم جي قتل جو ته پڌو هوندو..." مون هن جو ڌيان چڪائڻ لاءِ ڳالهه چيڙي.

"هائو....." هن مختصر جواب ڏنو. جڏ هن لاءِ اها ڳالهه ڏاڍي معمولي هئي.

"تنهنجو ان باري ۾ کهڙو خيال آهي."

"نسيم جي باري ۾ يا حميد جي باري ۾؟"

"ٻنهي جي باري ۾...."

"اصل ۾ حميد جي جن ظاهري خوبين سان نسيم پيار کيو هو سي جڏهين حميد مان ختم ٿي ويون ته نسيم جو پيار به ختم ٿي ويو. نسيم کي خبر کانه هئي ته حميد ۾ هڪ ٻڪل خوبي به آهي جنهن کي مردانگي سڏيو وڃيٿو ۽ جنهن خوبي جي ڪري هو ڪيس خون به ڪري سگهي ٿو. جي نسيم کي حميد جي ان خوبي جي خبر هجي ها ته سچ پچ هوءَ سندس مجذوب جسم جي به پوچا ڪري ها."

"واقعي ڪنهن سچ چيو آهي ته عورت ڪجهارت آهي."

"عورت ڪجهارت ڪانهي. عورت اوهان مردن کان وڌيڪ سلجهيل آهي پر اوهان مردن کيس ڪجهارت بڻائي ڇڏيو آهي."

اسين وري خاموش ٿي وياسين. ٿوري دير گذري ته

هن چيو.

"هل تہ باهران چڪر هڻي اچون."

"هل...." مون اتندي چيو.

باهر سڙڪن تي روشنين ۽ آوازن جو سيلاب آيل هو. بسن، رڪشائن، ڪارن ۽ رنگ برنگي ڪپڙا پهريل چوڪرين (آٽو رڪشاز) جي اچ وچ لڳي پئي هئي، سڙڪ جي ڪناري واري ملباري هوٽل ۾ ماڻهو ويٺا ڏاڏيان ڏاڏيان ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ وڏا وڏا ٿهڪ ڏيئي رهيا هئا. هوٽل جي پرسان هڪڙو رڪشا ڊرائيور رڪشا کي ٽيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ رڪشا ۾ ويٺل ماڻهوڪيس دير ڪرڻ ڪري گاريون ڏيئي رهيو هو. پان واري جي مانڊلي ۾ ريڊيو تي سهگل جو پراڻو رڪارڊ وڄي رهيو هو:

بازار سے گذرا هوں خريدار نهيں هوں

اسان وٽجارا ويچارا هن پريل بازارمان چا خريد ڪرڻ آيا آهيون؟... خوشين جون چند گهڙيون!.... مرکن جا ٻه چار پل!.... پر اسان مان ڪيرڪير اها خريداري ڪري سگهيو آهي.... هو رڪشا وارو، مان يا شميم....؟

بازار سے گذرا هوں خريدار نهيں هوں

— — — —

رات جا ٻي لڳا آهن. هر طرف قبرستان جهڙي خاموشي چانيل آهي. ڪنهن ڪنهن مهل سڙڪ تي کو رڪشا ڪنهن پٽڪيل روح جيان رڙندولنگهي ٿو وڃي.... اڄ شميم جو برٿ ڊي هو. مان هينئر سندس برٿ ڊي پارٽي تان آيو

آهيان ۽ هينئر ٿي ڏاڙي لکڻ ويٺو آهيان.

اڄ شام جو مان ڏهي سنپري شميم جي بنگلي ڏانهن ويس. بنگلي کان ٻاهر سڙڪ جي ڪناري تي ٽئين ٽئين مادل جي ڪارن جون قطارون بيٺيون هيون. دروازي وٽ شهاب ۽ بيگم مجيد قيمتي ڪپڙا پائي مهمانن جي آجيان لاءِ بيٺا هئا. مونکي ڏسي شهاب هٿ ملائڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته ايتري ۾ دروازي وٽ هڪڙي ڪار اچي بيٺي جنهن مان هڪڙو ڪرڙوڙ ماڻهو لٿو. شهاب مون سان هٿ ملائڻ کانسواءِ اڳتي وڌي وڃي ان ماڻهو سان هٿ ملايو. منهنجي دل ۾ ڇڻ ويڙ پئجي ويا، دل چيو ته اتان ٽي واپس موڙي وڃان پر شميم کي ڏسڻ ۽ ساڻس گالهائڻ جي خواهش هٿان مجبورٿي اڳتي وڌي ويس.

بنگلي جي اڳڻ ۾ ٽيبل ۽ ڪرسيون وڇايل هيون. وڻ جي ٽارن ۾ رنگا رنگ بلب لڳايا ويا هئا. هوا جي هلڪي جهوڙي سان پنن جي پاڇن ۽ رنگا رنگ روشنين ڇڻ اک ٻوٽ راند ٿي کيڏي. هر طرف چهرا ٿي چهرا ٿي نظر آيا. جوان، بي‌فڪر ۽ بي‌سبب مسڪرائيندڙ چهرا، خوبصورت ڏنگيندڙ ۽ فريبي چهرا، ڪوماڻيل ۽ دونهاڻيل چهرا! ڪٿي ٻه چار وڏي عمر جون عورتون، جوان ٻڍڻ جي تمنا ۾ پائوڊر ۽ لپ اسٽڪ جا ليپ ڪري نوجوان ڇوڪرن ڏانهن لالچي نظرن سان ڏسندي، انهن ڏينهن جي يادن ۾ گم ٿي ٿي ويون جيڪي پرديسي پکئيڙن جيان پچرا خالي چڏي اڏري ويا ۽ وري واپس ڪونہ ورندا. ٻ ٿي جوان ڇوڪرين

نوجوانن ڏانهن نهاري پاڻ ۾ سس ڦس ٿي ڪئي ۽ پوءِ اڳين ٿي مرڪي ويئيون جيئن مڪڙيون ٽڙي پونديون آهن. پريان وڻ جي پرسان، شميم ہن چئن مردن سان گڏ بيٺي هئي. هن مون ڏانهن اک ڪٽي به نه نهاريو. ڪرسين جي قطار ۾ چوڪرين جي بلڪل پرسان احسان ويٺو هو.... هر ڪو پنهنجو پاڻ ۾ گم هو. پنهنجن پنهنجن خوشين جي پٽيان هو. ڪنهن اک ڪٽي به مون ڏانهن ڪونہ ٿي نهاريو. ماڻهوڙن جي ان ميڙ ۾ مان ڪيترو نہ اجنبي هوس. منهنجي ۽ هنن جي وچ ۾ ڪيترا نہ مفاصلا ۽ وچوٽيون هيون... مان ڪير آهيان هي.... سڀ ڪير آهن.... مان ڪهڙي محفل ۾ پلجي اچي نڪتو آهيان..... (مان اجنبي، مان بي نشان، مان پاڻ گل)

هر ڪو پنهنجي شخصيت ۾ گم هو ۽ مان پنهنجي بي نشان ۾ گم! ايتري بے خبر ڪانہ رهيم تہ چوڌاري ڇا وهي واپرائجي رهيو هو. ايتريقدر جو سوڪڙين ڏينھ وقت پنهنجي سوڪڙي ڏينھ به ياد ڪانہ رهيم. جڏهن سڀ مهمان اٿي هلڻ لڳا تہ مان به اٿي هلڻ لڳس ۽ دروازي وٽ پهتس تہ پٽيان شميم اچي ڪلهي تي هٿ رکيو.

"ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ ٿوري دير ويهہ توسان ڪجهہ ڳالهائڻو اٿم."

مان موٽي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس ۽ مهمانن کي، خوشبوئن ۽ رنگن جي قافلي کي ويندو ڏسندو رهيس. سيڀئي مهمان هليا ويا، باقي مان ۽ چار ڇٽا ٻيا وڃي بچياسين. شهاب ان ڪرڙوڌ ماڻهوءَ سان گڏ هليو ويو هو ۽ احسان

ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان! مان ڪرسيءَ تي اڪيلو ۽ خاموش ويٺو هوس.

شميم منهنجي ويجهو آئي ۽ چيائين:

"تو مون کي سوڪڙي ڪاڻ ڏني."

مون کيسي مان سوني منڊي ڪڍي ڪيس ڏيندي چيو:

"اصل ۾ پنهنجي سوڪڙي تنهنجي لائق نه‌ٿي سمجهيم."

"چريا سوڪڙي جي ڪا قيمت ٿي‌ڪاڻ ٿيندي آهي."

هن منڊي آ گر ۾ پائيندي چيو: "واقعي ڏاڍي سٺي منڊي آهي.... هتي اڪيلو ڇو ويٺو آهين، هل ته هنن دوستن سان تعارف ڪرايان ٿو."

"هي مسٽر رحيم آهي. فلاڻي ڪاتي ۾ وڏو آفيسر آهي، هي مسٽر محمود آهي، هي به فلاڻي سرڪاري ڪاتي ۾ وڏو آفيسر آهي، هي مسٽر وحيد آهي، ڪپڙي جي ڪارخانن جو مالڪ ۽ هي مسٽر حامد آهي، هن جا گهڻو ڪري شهر جي سيني‌ڪارخانن ۾ حصا آهن. (مان اجنبي، مان بي‌نشان مان پاڻ گل)

"هي منهنجو پيارو دوست مسٽر نعيم آهي." هن "پيارو" لفظ تي ايترو ته زور ڏنو جو چٽي چٽن اکيون ڪڍي مون ڏانهن نهاريو ۽ پهريون دفعو مون کي پنهنجي اهميت جو احساس ٿيو.

"اوهان‌کي خبر آهي ته اڄ جيڪي به سوڪڙيون مون کي مليون آهن، انهن سڀني مان مون‌کي ڪهڙي سوڪڙي پسند آهي." چار ٽي چڙا مجسم سوال بڻجي هن ڏانهن

نهارڻ لڳا.

”هيءَ مندي!.... مون کي سپني سوکڙين مان نعيمرجي ڏنل هيءَ سوکڙي پسند آهي.“

”هن مندي‌ءَ مان خلوص جي جيڪا خوشبوءِ ٿي اچي سا ٻي ڪنهن سوکڙي‌ءَ مان ڪانه ٿي اچي....“

”ان جي‌معني ته اسان خلوص سان سوکڙيون نه ڏنيون آهن.“ هڪڙي ڇٽي احتجاج ڪيو.

”مان ائين نه ٿي چوان.... مان رڳو ايترو ٿي چوان ته خلوص جي خوشبوءِ رڳي هن مندي مان ٿي اچي..... ڇڏيو انهن گالهين کي، اچو ته تاس راند کريون.... کهڙي راند کريون اچو ته چور بادشاهه کيڏون. (هن جون خوشيون ته ڪيتريون نديڙيون هيون.)

هن تاس گهرائي ۽ اسان راند شروع ڪئي. ٽي دفعا هوءَ بادشاه ٿي (حسن کان قسمت به شڪست کائيو وڃي) هڪ دفعو رحيم چور ٿيو. رحيم کي سزا ڏنائين ته هو ڪنڌ ۽ ڪير بنان کافي جا ٽي گرم ڪوپ پي وڃي. رحيم کوڙي کافي جا ڏک پري عجيب شڪل ٿي بڻائي. هن جي حالت ڏسي هوءَ نديڙي ٻار جيان ٽهڪ ڏيڻ لڳي. هو ويچاروکوڙي‌کافي پيئندو رهيو ۽ شميم‌ٽهڪ ڏيندي رهي.

ٻيو دفعو حامد چور ٿيو. حامد کي سزا ڏنائين ته هو پاڻي جو پريل جڳ پي وڃي. ٻه گلاس ته هو آرام سان پي ويو. ٽئين گلاس پيئڻ وقت جڏ هڪ ڏک نڙيءَ ۾ ٿي اٽڪيس، پر هو ڪيتون ڏينڊو پاڻي پيئندو ٿي ويو ۽

شمير ٿڪ ڏيندي ٿي رهي. آخر جڏهن پاڻي خامد جي واڇن مان وهي آيو تڏهن کيس معافي ڏنائين.

ٽيون دفعو چور مان ٿيس. هن مون کي کا سزا کائڻ ڏني ۽ معافي ڏيئي ڇڏيائين. سيني وٽي احتجاج ڪيو. هن ڏاڍي سنجيدگي سان وراٽيو: "اوهان کي بادشاه جي ڪمن ۾ دست‌اندازي ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي." سپيئي مان ٿي وياء باقي حامد ۽ رحيم سو ٻڻ ٻڻ ڪندا رهيا.

آخر ۾ رحيم بادشاه ٿيو ۽ حامد چور ٿيو. رحيم چيو. "مان پنهنجي بادشاهي جا اختيار شمير کي ٿو ڏيان."

"مان انهن اختيارن کي استعمال ڪندي رحيم کي اها سزا ٿي ڏيان ته هو اٿي چور کي سلام ڪري."

"مان ته بادشاه آهيان" رحيم دانهن ڪئي. "سزا ته چور کي ملڻ گهرجي."

"نا اهل بادشاه چور کان وڌيڪ ڏوهاري ٿيندو آهي. اسان جي حڪم جي هڪدم تعميل ڪئي وڃي نه ته اسان کي ڪنهن سخت سزا جو حڪم ڏيڻو پوندو." شمير راڻين واري وقار سان چيو.

رحيم يڪدم‌ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ حامد کي سلام ڪيائين. شمير جي سنجيدگي يڪدم غائب ٿي وئي ۽ هوءَ ٿڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

"هاڻي ان راند کي ڇڏيو ۽ اچو ته پئسن سان رمي کيڏون." شمير چيو:

"مان رمي کيڏي ڪونه ڄاڻان." مون جان ڇڏائڻ لاءِ

چيو. ”ان ڪري مون کي معاف ڪيو وڃي.“ هو رسي ڪيڏڻ ويٺا. شميم راندين کي ڏي وئي ۽ سندس آڏو سو سو جي نوٽن جو ڍير ٽيندو ڏي ويو. الائي قسمت هن جي حسن کان شڪست کائي سندس پيرين پئي هئي جو هو هر راند کي ڏي وئي، الائي هن سيني شميم جي جيت جو بهار ڏسڻ لاءِ هروپرو ڏي هارايو. رات جا جڏهن ڏي لڳڻ ڏي ٽيا ۽ شميم کي اوپاسيون اچڻ لڳيون تڏهن راند بند ڪئي وئي ..... مان هينئر اتان آيو آهيان ۽ هينئر ڏي ڊاڪٽري لکڻ ويٺو آهيان.

اڄ شميم جنهن نموني مون کي هن دوستن کان فوقيت ڏني هئي ۽ مون سان محبت (شفقت وڏيڪ مناسب لفظ آهي) جو اظهار ڪيو هو تنهن کي ياد ڪري مون کي ڪا خوشي ڪانه ٿي ٿئي. چاڪاڻ ته اهو سڀ ڪوڙ ۽ ڏيکاءُ هو. هن دوستن جي دلين ۾ حسد پيدا ڪري سندن محبت کي مضبوط بنائڻ جو طريقو هو.

— — — —

اڄ هن مهينن کان پوءِ مان پنهنجي ڊائري جا هي پريشان ۽ بي ترتيب ورق پڙهڻ ويٺو آهيان..... اهو وقت جيڪو گذري ويو ۽ ڪڏهن واپس نه ورندو. گهڙين جون اهي چوليون جيڪي هن عدم ڪنار وقت جي ساگر ۾ ايريءَ، اسان تان لنگهي، عدم جي ڪناري سان ٽڪرائجي، فنا ٿي ويون، تنهن وقت، تن گهڙين کي جهلي مون هن ورقن ۾ ويهاري ڇڏيو آهي. لفظن جي ڪڙين سان ٿهيل سٽن جي

زنجيرن سان مون انهن گهڙين کي هنن ورقن ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي. ڪير ٿو چئي تہ هر شيءِ فاني آهي. اسان اٽمٽ آهيون. اسان جاگذريل غمن ۽ خوشيون لفظن ۽ رنگن جي صورت ۾ قائم ٿا رهن. وقت اسان کي چپيڙي قبر ۾ ٿو اڇلائي ڇڏي تہ اسين چانوَ واري وڻ جي صورت ۾ قبر مان ابري ٿا اچون. اسين صورتون مٽائي وقت سان وڙهندا ٿا رهون.

اڄ پنهنجي ڊائري پڙهندي سوچيان ٿو تہ مان هي سڀ ڪجهہ ڇو لکي رهيو آهيان. ڪهڙي قوت مون کان هي سڀ ڪجهہ لکرائي رهي آهي. پنهنجن غمن ۽ خوشين کي دوام بخشڻ جي تمنا، يا پنهنجو پاڻ کان هڪ طرف هٽي، پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جي خواهش، يا ذوق-نمو! اهو ذوق-نمو جنهن هٿان مجبور ٿي عورت دردن جون منزلون لنگهي هڪڙي نئين زندگي کي جنم ڏيندي آهي، جنهن هٿان مجبور ٿي حسن - ازل جي بند مکڙي ٽڙي هي جهان ٻڌجي وڃي ..... شايد اهو ذوق - نمو ئي مون کان هي سڀ لکرائي رهيو آهي.

ٻہ مهينا گذري ويا آهن مون شمير کي ڪونہ ڏٺو آهي. شمير جي زندگي ۾ عجيب انقلاب اچي ويو آهي. هن انهن سڀني خواهشن کي، جن جي پٺيان هوءَ رلندي ۽ ٻڪندي رهندي هئي، پنهنجو پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو آهي. جسم جا سڀئي در بند ڪري روح جا طاق ٻڌي ڇڏيا اٿئين ۽ سڀ ڪجهہ تياڳي گوشہ نشين ٿي وئي آهي. هوءَ سارو ڏينهن

پنهنجي ڪمري ۾ بند رهندي آهي ۽ عبادت ڪندي رهندي آهي. پورا ٻه مهينا هن روزا رکيا آهن. ساري ساري رات جاڳي آهي. ڏرتي سان سيڻي ناتا ٽوڙي هن عرش سان ناتا جوڙيا آهن ۽ اها وات اختيار ڪئي آهي جيڪا ستارن کي پنڌي چڏي، اڳتي وڌي عرش جي چائنٽ وٽ ختم ٿي ٿئي. شميم جي ماءُ ڏاڍي پريشان آهي. جي شميم جي اها حالت رهي ته ٻوءِ سندن خانداني وقار جو ڇا ٿيندو. هوءَ شميم کي هن ڏرتي ڏانهن موٽي اچڻ لاءِ منٿون ٽي ڪري، جنهن ڏرتي تي سندس ماءُ آهي، جنهن جا سيڻي هٿيار مڏا ٿي ويا آهن، سندس پاءُ آهي، جنهن ۾ ڪا صلاحيت ڪانهي،..... شميم جا سيڻي دوست پريشان آهن. منهنجي پنهنجي حالت ڇا آهي.... سا مان بيان ڪري نه ٿو سگهان. ڪير آهي جيڪو لفظن جو سهارو وٺي انساني روح جو درد ظاهر ڪري سگهي. انسان جي اندر ۾ درڊن جا جيڪي درياهه ٿا ايرن تن مان اسين لفظن جون ولڻيون پري پاهر ڪڍي ٿا اڇون ۽ چئون ٿا ته، اسان پنهنجو روح اڻلائي چڏيو.

اڄ شام جو مان اڪيلو ويٺوهوس جو احسان آيو. اڄ هو ڏاڍو ٽڪل ۽ اداس ٿي لڳو هٿ ۾ ڪجهه ڪتاب هيس، اچڻ سان ڪتاب ٽيبل تي اڇلائي پنهنجو پاڻڪي آرام ڪرسي تي ڪيرائي چڏيائين. مون ڪيس اداس ڏسي پڇيو.

"احسان اڄ ڏاڍو اداس ٿو نظر اچين."

"ادا! اداس ڇو نه ٿيان. جيڏن جو ڪو جواز جو

ڪونهي."

"جنهن ماڻهوڪي زندگي ۾ محبت ميسر هجي تنهن کي جيئڻ لاءِ اڃان ڪهڙو جواز گهرجي." "محبت....!" هن غمگين مرڪ سان چيو. "ادا! هن دنيا ۾ محبت ڪنهن کي به ميسر ڪلنهي. هرڪو محبت کان محروم ۽ اڪيلو آهي. محبت، همدردي ۽ خلوص— اهي سڀ ڪوٽا سڪا آهن جن کي چمڪائي ۽ جرڪائي اسين بين کي به فريب ٽا ڏيون ۽ پاڻ به فريب ٽا کاؤن. هرڪو اڪيلو آهي ۽ اڪيلي سر زندگي جي سولي ڪلهن تي کڻي ڦاهي گهاٽ ڏانهن وڃي رهيو آهي. اسان پنهنجي وجود جي ڪوٽ ۾ اڪيلا قيد آهيون ۽ اڪين جي درزن مان زندگي جي هن بي مقصد هنگامي ڪي ڏسي رهيا آهيون. ڪير ڪنهنجو ڪونهي، هرڪو اڪيلو آهي."

"تون محبت جي سچائي کان انڪار ڪري نه ٿو سگهين." مون چيو "گهٽ ۾ گهٽ مامتا جي سچائي کان ته ڪوبه انڪار ڪري نه سگهندو."

"انسان هميشه پيار جي سچائي ڏيکارڻ لاءِ مامتا جو مثال ڏنو آهي. پرمان چوان ٿو ته مامتا ۾ به سچائي ڪانهي. مامتا خودپرستي ۽ انانيت جو بدليل سانگ آهي. عورت جڏهين ٻار سان پيار ڪندي آهي تڏهن اڻ سڌيءَ طرح پنهنجو پاڻ سان پيار ڪندي آهي. سندس ان مقدس ۽ بي غرض پيار جو سبب اهو احساس آهي ته "هي منهنجو ٻار آهي...." سندس ڏي انا جو سروپ آهي. انسان وٽ صرف

هڪڙو حقيقي جذبو آهي. اهو آهي خودپرستي جو جذبو. ان جذبي جي سچائي کان سواءِ باقي ٻين سڀني جذبن جي سچائيءَ کان مان انڪار ٿو ڪريان.“ هو مائ ٽي ويو. ڪيسي مان سگريٽ ڪيڊ ڪڍائين ۽ مائ ۾ سگريٽ جا ڪش هڻندو رهيو. ٿوري دير کان پوءِ چيائين:

”ادا! اسان سڀني اڄ جي هن تهذيب ۽ ترقي جا شهيد آهيون. جنهن جلندڙ صدي جا اسان مسافر آهيون تنهن ۾ پيار ۽ محبت آهي ئي ڪانه. هڪڙي دفعي هڪ چوڪري سان پيار ٿي ڪيم، پيار ڪندي ڪندي روئي ويٺس، ڪهڙي خبر ته سندس پيار ڪندڙ جسم جي هن پار، خيالن ۽ جذبن جي دنيا ۾، ڪير وسي رهيو هو! سو ادا! پيار، محبت ۽ همدردي سڀني رڄ جا روپ آهن.....“

”۽ رڄ جي ان فريب کان سواءِ جيئڻ بہ ته محال آهي.“

”واقعي انهن فريبن کان سواءِ جيئڻ محال آهي.“

اسين ٿوري دير لاءِ مائ ٽي ويا سين. مون ڪالهه چيڙڻ لاءِ پڇيومانس:

”شمير جي ڪا خبر چار.....“

شمير جونالو ٻڌي سندس چهري تي غمرجا پاڇا وڌيڪ گهرا ٿي ويا. ڏاڍي اذيتناڪ آواز سان چيائين:

”ادا! انسان جي زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اها گهڙي بہ ايندي آهي جڏهن هو خودفريبي جا سڀني چولا چيري، نانگو ٿي، پنهنجن لڪل زخمن ۽ ناسورن تي نظر وجهندو

آهي. اڄ مون سان شمير جي ڳالهه نه ڪر. اڄ مان پنهنجن سورن ۾ ئي سڪ ٿو ڳولهيان.“

هو يڪدم اٿيو ۽ ڪتاب ڪڇ ۾ ڪڍي هلڻ لڳو:

”ڪيڏانهن ٿو وڃين....ويهه....ڇانهن ته پي وڃ.“

”نه مان هلان ٿو. اڄ مان اڪيلو رهڻ ٿو چاهيان.“

— — — —

رات جا ٻه لڳا آهن. هر طرف سانت ڇانئين پئي آهي. سارو ڏينهن ڊيزل جي تيل ۾ جلندڙ حياتي، دونهائيل دلين کي ڏپي، خوابن جي ڇانو ۾ سمهي پئي آهي. پر خوابن ۾ به ڇانو ڪانهي. خوابن ۾ به مشين جي اوزارن جا آواز آهن، گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جا پڙاڏا آهن، نه ڇهرا آهن نه ڇنڊ!

مان پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو ويٺو آهيان. سامهون واريون جڳهيون درين جا ڇپر ٻوڙي ۽ انهن جا رهواسي دماغ جون ٻندیون بند ڪري سمهي پيا آهن. پر مان اڃا جاڳي رهيو آهيان آسمان ۾ ستارا جاڳي رهيا آهن ۽ سڙڪن جي ڪنارن تي ڪتل بجلي جا ٿنڀا جاڳي رهيا آهن.

شمير پنهنجي روحاني زندگي ڪي ٿياڳي وري حواسن جي حياتي ڏانهن موڙي آئي آهي. هن پنهنجو جسم خواهشن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن خواهشن ۾ سندس هستي طوفاني سمنڊ جي لهرن ۾ لڏندڙ ٻيڙي مثال بڻجي وئي آهي. ساري ساري رات سندس گهر ۾ دوستن جي محفل متل هوندي آهي ۽ سندس ڏهڪڻ جو پڙاڏو

خاموشي جـي سيني کـي چيريندو اچي منهنجي ڪنن سان ٽڪرائيو آهي. ان وقت الائي چومون کي ائين لڳندو آهي جڏ اهي ٽهڪ سندس روح جو روچ راڙو آهن. هوءَ زندگي ۽ چا ٿـي چاهي؟ ڪهڙن خواهشن جـي رچ پڻيان سندس روح ڀوڙندو ٿو وتي!؟ مان يڪدم اٿي فليٽ جون سيبٽي دريون بند ڪري ڇڏيندو آهيان ياڪن ۽ آڳريون وجهي ڇڏيندو آهيان ته جيئن سندس روح جون اهي رڙيون نه ٻڌي سگهان....

اڄ شام جو گهٽي عرصي کان پوءِ مون هن کي ڏٺو. مان شام جو سڙڪن جو سير ڪري واپس وري رهيو هوس ته هن سان ملاقات ٿي وئي. هوءَ ڪار مان پنهنجي هڪڙي ئين دوست سان لٿي، مون کـي ڏسي جهٽ پاڪ لاءِ ٻيٽي ۽ پوءِ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي، پنهنجي دوست جي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي، ٽهڪڙا ڏيندي بنگلي ۾ هلي وئـي. مان ڪنڌ جهڪائي ٽڙندڙ قدمن سان ائين گهر آيس جڏ زندگي جو جنازو ڪلهن تي رکيل هجيم.

هينئر رات جا ٻه لڳا آهن ۽ سان اڪيلو وينو آهيان. هر طرف اهڙي ويراني ڇانيل آهي جو لمحي لمحي تي لحد جو گمان ٿو ٿئي. پل پل جڏ درد جو ديو آهـي جيڪو هٽن ۾ وه ٻڌل ٻالوڪڙي، بت تي گپ ملي، وقت جي ساگر مان نڪري ٿو ۽ پنهنجو وه ٻڌل ٻالو منهنجي هانو ۾ هٽي گهرٽي ٿو وڃي. مان درد وچان دانهن ڪري آسمان ڏانهن نهاريان ٿو. آسمان ۾ هزارين ستارا جرڪي رهيا آهن. ائين

ٿو لڳي جڏ آسمان جي سيني جا سيبٽي لڪل ڦٽ ا گهاڙا ٿي پيا آهن.

— — — —

ڪالهه شميم مون کي سڏايو. گهٽن ڏينهن کان ٻوءِ مون هن کي ڏٺو. هن جو حسن پهرين کان ٿوروڪو ماٽيل ۽ اداس ٿـي لڳو. سندس ڪمرو پهرين کان وڌيڪ بي‌ترتيب هو. مون کي ڏسي هن جي چپڙن تي اداس مرڪ ڦهلجي وئي.

"اچي وئين.....مون سمجهيو تـون مون کان ناراض هوندين ۽ ملڻ لاءِ ڪونه ايندين."

"مان تو کان ناراض ڇا لاءِ ٿيندس."

"ان لاءِ جو ڪجهه وقت کان مون توسان چگو ورتاءُ ڪونه ڪيو آهـي. مان ڏاڍي خراب عـورت آهيان. تون مون کان نفرت ڇو نه ٿو ڪرين. مـان توسان هڙو ورتاءُ ڪندي آيس ۽ وري جـڏهن ماڻهو موڪليومانءِ تـه هليو آئين. ٻڌاءِ تون مون کان نفرت ڇو نه ٿو ڪرين؟"

"تون منهنجي دوست آهين نه، ان ڪري."

"ها.....تون منهنجو دوست آهين." هـن ائين چيو جڏ پنهنجو پاڻ کي يقين ڏياري رهي هجي. ٿوري دير لاءِ هوءِ خاموش ٿي وئي. ڪمري ۾ باهر سڙڪن تـي ڊوڙندڙ مشينن جو شور گونجڻ لڳو.

"اڄ تون واندو آهين؟" هن يڪدم پڇيو:

"ها....ڇو....؟"

"اڄ مون کي ڪنهن ڪليل ۽ سانتيڪي جـاءِ تـي وڃي

هل. هن گوڙ گمسان ۾ تہ روح ہوسائجي ٿو."
"هتان کان پنجاه سٺ ميل دور مکلي ٽکري آهي.
هل تہ اتان ٿي اچون."
"هل....."
"مان ٽئڪسي جو بندوبست ڪري اچان."
"منهنجي ڪار جو بيٽري آهي ان ۾ ٽا هلون."
اسان اهڙي مهل ٿي مکلي ڏانهن روانا ٿياسين. شهر جي زندگي جو گوڙ گمسان پنهنجي پکيڙ ۾ ڦهلبو، گهٽبو ٿي ويو. هينئر اسان جي ڪار خاموشي ۾ ليٽيل سڙڪ جي سيني تي ڊوڙي رهي هئي. اسين شهر جا اهي سيٻائي آواز، جن ۾ پنهنجو آواز به ٻڏڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي، پٺتي ڇڏي آيا هئاسين ۽ هينئر هڪٻئي جي دل جي ڌڙڪڻ جو آواز ٻڌي رهيا هئاسين. هر طرف ڪنهن ڪوناڻي جي دل جيان ويڪرا ميدان ڦهليل هئا. ڪٽي ڪنهن وڻ جي هيٺان ڪو ڪوناڻو پٿر تي متو رکي اجرڪ تاڻي ستو پيو هو تہ ڪٽي ڪو مينهون هڪلينڊو راڳ گائينڊو ٿي ويو. ٽورو اڪيرو هلياسين تہ رستي تي بيل گاڏين جي قطار نظر آئي. هڪڙي بيل گاڏي جي چوڌاري اجرڪ جو پلويڙو ٻڌل هو جنهن ۾ شايد ڪنوار ويٺل هئي ۽ ٻي گاڏي ۾ پنج ست عورتون، دهل جي تال تي، سهرو گائي رهيون هيون:

پيل تنهنجا پن ڙي!
سپ تہ گهڙايم سون ۾
ڙي پلي آيو

لاڏي ۽ لاڏو منهنجي اکين آيو.

شميم برائيورکي گاڏي بيهارڻ لاءِ چيو ۽ لهي ڪار کي ٽيڪ ڏيڻي ڇڇ ڏسڻ لڳي. گاڏين جي رينگٽ، دهل جي آواز ۽ انهن عورتن جي سهري سان، جن لاڏي ۽ لاڏيءَ جي ميلاپ تي پهل جي پن پن ٽي سون ۾ گهڙايو، ساري ڪليل فضا عجيب رنگ ۽ رنگجي وئي. گاڏيون آهستہ آهستہ دور ٿيندين ويون، ۽ شميم ساڻ ڪيو اهو آواز ٻڌندي رهي. مون هن کي ان سهري جو ترجمو ڪري ٻڌائڻ گهريو تہ هن چيو:

”هي روح جي اٽل آهي، فطرت جو راڳ آهي. مون کي ان جو ترجمو نہ ٻڌاءِ. سان دماغ جي بدران دل سان اهو راڳ ٻڌڻ ٿي چاهيان.“

اسين ڪار ۾ ويناسين ۽ ڪار هلي.

”اسين ڪراچي کان ٽيه چاليه ميل دور مس آيا آهيون پر وقت جون ڇڻ صديون لتاڙي ان زماني ۾ پهچي ويا آهيون جتي زندگي فطرت جي جهوليءَ ۾ جهلي رهي آهي. جت فطرت انسان سان آواز آواز ۾ ملائي سهرا گهائي رهي آهي. ائين ٿو لڳي ڇڻ هر ڪا شيءِ لنڊ ۾ آهي ۽ لنڊ جي دعوت ڏيئي رهي آهي.“ مون چيو.

”ٽو يوليسيس جو ساموندي سفر تہ پڙهيو هوندو. يوليسيس سفر ڪندي ڪندي هڪ اهڙي ٻيٽ ۾ اچي پهتو هو جتي هوائن ۾ مستي هئي ۽ جت ڪنول جا اهڙا گل هئا جن کي کائڻ سان نندڪڻي ويندي هئي ۽ مائهو سڀني

ڀ گم ٿي ويندا هئا..... هي اهي سا گهيو ڪنول جي گلن وارو ٻيٽ آهي، هتان جا رهواسي ڪنول جا گل ڪائي سڏن ڀ گم آهن ۽ انهن ديون ۽ دئيتن کي ڪونہ ٿا ڏسن جيڪي ڪين چپاڙي هضم ڪرڻ لاءِ ڏند ڪرٽي رهيا آهن....“

”مون کي هتان جي باري ڀ وڌيڪ ڪجهہ ٻڌاءِ.“

”هي نٿونگر آهي، نوري مهاڻي جو ملڪ.“

”نوري ڪير هئي؟“

”نوري مهاڻي هئي، گندري هئي، پر شاه سائين چيو آهي تہ:

تنهن کي گندري چوڻ گناه، جنهن جي جهولي ۾ چند جهلي ڇيو.

”هتي هڪڙي ڪينجهر ويندي آهي، جنهن جي ڪنڌي ۾ ڪنور ٽيندا آهن ۽ جڏهين انسر واءُ لڳندو آهي تہ ساري ڪينجهر ڪتوري ٿي ويندي آهي. ان ڪناري تي چام تماچي ۽ نوري جي من ڀ محبت جا ڪنور ڦڙيا هئا ۽ سندن روح ڪتوري ٿيو هيو..... نٿو نگر شاه سائين جو سر ڪاموڏ آهي، جنهن ڀ شاه سائين جي بيتن جهڙيون ڏيڏون آهن ۽ تڙ تڙ تي نورين جا ميڙ آهن.“

هينئر اسين مڪلي تي اچي پهتا هئاسين.

مون هن کي وٺي آڻي مڪليءَ جي لاهيءَ وٽ ٻيهاريو. لاهيءَ تي پٽر جون اڻ گهڙيل ڇپون پيون هيون، پاسي کان قبرن جون قطارون هيون ۽ مڪليءَ جي پيرن وٽ ويندي! ويندي جي آخري ڇيڙي وٽ ڪجن جا وڻ سنڌن وانگر سانت

بينا هئا. هن چانو جون رليون ڪلهن تان لاهي ڏرتي تي وچائي ڇڏيون هيون ۽ پاڻ گيان ۾ گم ٿي ويا هئا. هواجي جهوڪي سان ڪجن جا سر ائين ٿي لڏيا جيئن جوڳن جون جٽائون! پريان ٿڌي شهر جون جڳهيون نظر اچي رهيون هيون جن تي منگهه ائين ٿي نظر آيا جڻ محبت ماريل ميندريون راڻن جي راه ڏيکڻ لاءِ ڪوٽن تي ڪرڪٽي بيٺيون هجن. شمير ڪڏهين ڏينڌ ڏانهن ٿي نهاريو، ڪڏهن ڪجن جي وٽن ڏانهن، ڪڏهن منگهن ڏانهن ۽ ڪڏهن دور افق ڏانهن. آهستہ آهستہ سندس اکڙين جي ڇپرن تي ڇڻ ننڊ جا کيپ چڙهڻ لڳا هوءَ اکيون ٻوٽي هڪڙي ٽڪ ڏرتي ويهي رهي.... گهڻي دير تائين هوءَ ائين اکيون ٻوٽي ويٺي رهي ۽ پوءِ سندس چهري جو رنگ بدلجڻ لڳو. يڪدم اکيون پٽي منهنجي ٻانهن کان جهليندي چيائين:

"مون کي هتان واپس وٺي هل.... مون کي هن خاموشي ۽ سانت کان وحشت ٿي ٿئي. هن خاموشي ۾ مان اڪيلائي جون رڙيون ٻڌي رهي آهيان. اهي رڙيون مون کي پاڳل بڻائي ڇڏيندیون. مون کي هتان وٺي هل نه تہ منهنجو دماغ ڦاٽڻ ڏيئي ڦاٽي پوندو..... مون کي گوڙ گمسان ۾ وٺي هل، جت مان اڪيلائي جون رڙيون ٻڌي نہ سگهان." هن جي چهري، آواز ۽ اکين مان ائين ٿي لڳو جڻ مٿس هستريائي ڪيفيت طاري ٿي وئي هئي. مان پريشان ٿي ويس ۽ ڪيس ٻانهن کان جهلي وٽي آئي ڪار ۾ ويهاريم. هن ڪار جي سيٽ تي مٿو رکي ڇڏيو. ڪار هلي ۽ اسين ٻئي خاموش

وينا رهياسين.

”مون سان گالهاءَ نہ ڪر هيءَ خاموشي مون کي کائي ويندي.“

”مان توسان ڪجهڙيون گالهيون ڪريان.“ مون لاچارگي ڏيکاري.

”منهنجون گالهيون دل ۾ نہ ڪندو ڪر. مان بيمار عورت آهيان. اسان سيئي روحاني ۽ ذهني طور بيمار آهيون. اسان ۾ تندرست انسان صرف اهو ڪوٽائو آهي جيڪو وڻ جي چانوَ هيٺ، پٿر تي مٿو رکي، اجرڪ تاڻي ستو پيو هو. اصل ۾ اسان جڏهن ٻارجي پرورش ڪندا آهيون، تڏهن ڪيس جدا جدا هٿيار ڏيندا آهيون، جن سان هو زندگي جي ميدان ۾ وڃي، حالات جو مقابلو ڪندو آهي. مان ٻڌل ٽنل ۽ مڙا هٿيار ڪٽي ميدان ۾ آڻي آهيان ۽ پنهنجن خواهشن ۽ خيالن جي هٿان شهيد ٿي وئي آهيان. پر مون اڃا تائين شڪست کائڻ قبولي آهي.....“

ٿوري دير ماڻ رهي هن وري چوڻ شروع ڪيو:

”آخر ڪيستائين هي روز و شب جو سلسلو مون کي اڏين آزمائيندو رهندو. پهرين مون مذهب جي راه اختيار ڪئي. پورا ٻه مهينا ڪمري ۾ بند رهي، پنهنجو پاڻ ۾ خدا کي گولهيو. مون کي يقين هو تہ مون سان ڪوبہ ڪو غير معمولي حادثو ضرور پيش ايندو، اهڙو حادثو جنهن ۾ منهنجي ساري هستي ڏانوادول ٿي ويندي. آسمان مان ڪا طاقت هيٺ لهندي ۽ مون کي پاکر ۾ پيکوڙي، پنهنجو

پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيندي. ڏينهن رات سان ان طاقت جو انتظار ڪندي رهيس. پر نہ ان طاقت هيٺ لهي مون کي پاڪر وتو ۽ نہ کو حادثو ئي پيش آيو. رڳو منهنجي اندرين جهان تي خاموشي ڇانئجي وئي، جنهن ۾ اڪيلائي جي رڙين جا پڙاڏا گونجڻ لڳا. مان گهبرائجي بند ڪمري جا طاق ٽٽي زندگي جي شور ۾ گهڙي آيس. هينئر مون هڪڙي وات ڪولي لڌي آهي."

"ڪهڙي.....؟"

منهنجو سوال ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري هوءَ وري خيالن ۾ گم ٿي وئي. ٿوري دير رکي پڇيائين:

"تو ڪڏهن موت جي باري ۾ سوچيو آهي."

"مون تہ ڪڏهن زندگي جي باري ۾ سنجيدگي سان ڪونہ سوچيو آهي."

"زندگي ايتري اهم آهي ئي ڪانہ جو ان جي باري ۾ سنجيدگي سان ويهي سوچجي. زندگي عورت جيان آهي. جيئن تون کيس ٽوڪرون هڻندين، تيئن هوءَ تنهنجي پيرن ۾ ڪرندي ۽ جيئن تون سندس پيرن ۾ ڪرندين تيئن هو توکي ٽوڪرون هڻندي. باقي موت سو اهڙي شيءَ آهي جنهن جي باري ۾ سوچيو وڃي. منهنجي ذهن ۾ موت جو تصور هميشه هڪڙي پراسرار، مغرور ۽ جابر مرد جي صورت ۾ اپرندو آهي. اهڙي مثالي مرد جي صورت ۾ جنهن زير ٿيڻ سکيوئي ڪونهي، جنهن هر طاقت تي فتح پاتي آهي.....

مون موت جو تجربو ڪيو آهي. مان اڃا ننڍي هيس تہ هڪڙي دفعي تلاءَ ۾ ڪري پيس. جڏهن پاڻي ۾ ساهہ بوسائجڻ لڳو تڏهن اڏين ٿي محسوس ٿيم جـ ڄ ڪو جابر مرد مون کي فتح ڪرڻ لاءِ وات تـي هٿ رکي، منهنجو ساهہ گهٽي رهيو آهي.''

هينئر ڪار وچ شهر مان لنگهي رهي هئي ۽ اسين ٻئي هڪٻئي جـو آواز بـ ڌڪيائي سان ٻڌي رهيا هئاسين. هوءَ گهالهيون ڪندي رهـي، عجيب عجيب گهالهيون ۽ مـان ٻڌندو رهيس، آخر ڪار اچي هن حـي بنگلي جـي در وٽ بيٺي ۽ مان هن کان موڪلائي هليو آيس.

— — — —

شميم خودڪشي ڪري چڏي آهي.

زندگي جو هيڏو عظيم غمناڪ واقعو مون کيئن نـ بن چئن اکرن ۾ بيان ڪري چڏيو. اهـي اکر، اکر نـ آهن، ڪاريهر نانگ آهن جن پنهنجو سارو وه منهنجي روح ۾ اوتي چڏيو آهي ۽ پاڻ ساڻان ٽي ڪري پيا آهن. منهنجو روح ان وه ۾ وٽ ڪائي رهيو آهي ...

اڄ منهنجون سڀئي تمنائون ۽ خواب، زندگي جا رنگ ۽ روشنيون جلي سڙي رک ٿي ويا آهن ۽ مان ان رک سان انگ ٻيوت ڪري ڪاغذ تي ڪنڌ جهڪائي هي اکر لکي رهيو آهيان.

الائي گهڻا ڏينهن اڳ جـي گهالهہ آهي مـان پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هوس جو احسان ڊوڙندو آيو ۽ سهڪندي

چيائين:

"شميم زهر کاڌو آهي."

"هان....! چا ٿو چئين؟" منهنجو چڙ وجود ٿي ڏڏي ويو.

"شميم زهر کاڌو آهي."

"نه نه... ائين ٿي نه ٿو سگهي" منهنجي واتان بي‌اختيار نڪتو. ائين محسوس ٿيڻ لڳم جڻ سڀ شيون گردش کنديون، پنهنجو پاڻ هڪ‌ڙائيون، ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي‌ون پيون وڃن. جڻ دل هرندڙ جبل آهي جنهن مان جلندڙ جوالا مکي ڦاٽ کائي منهنجي رڳ رڳ ۾ ڊوڙي رهيو آهي. مون چرين جيان وٽي ڊوڙ پاتي ۽ ڊاڪٽ جا ڊاڪا ٽپندو، وڃي شميم جي بنگلي ۾ پهتس. احسان به منهنجي پٺيان ڊوڙندو ٿي آيو. بنگلي جي اڳڻ ۾ بيگم مجيد پريشان حال، هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهي هئي. اڄ هن جو سارو سينگار لٽجي ويو هو. هن رڙين روڪڻ لاءِ رئي جو پلاند وات ۾ ٽنبي چڏيو هو پر تڏهن به ڪا هيسيل رڙ واتان نڪري ٿي ويس. اکين مان لڙڪن جا نيسارا ٿي‌وهيس. ڪڏهن‌ڪڏهن سور جي سٽ نه سهي وار پٽڻ ٿي لڳي. اسان کي ڏسڻ سان وٽي دانهن ڪيائين.

"ڊاڪٽر آيو.... اڇا ڊاڪٽر نه آيو. احسان تون ٿي ڊاڪٽر جو بندوبست ڪر. اڙي ڪيئن به ڪري مون کي منهنجي ڏيءَ بچائي ڏيو نه ته مان تباه ٿي ويندس."

ايترو چئي هوءَ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. احسان ڊاڪٽر وٽڻ لاءِ هليو ويو ۽ مان ڊوڙندو شميم جي ڪمري

ڏانهن ويس. ڪمري ۾ ماتمي خاموشي ڇانيل هئي. پٽ جي پرسان پلنگ پيل هو، جنهن تي رابيل ۽ گلاب جا گل وڇايل هئا ۽ انهن گلن تي شمع ليٽي پئي هئي. اڇ هن جو انگ انگ سينگاريل هو. سندس هلڪي سانوري بت تي ڪاڙهو وڪو تجليون ڏيئي رهيو هو ۽ هٿن پيرن جيڏي ترين تي ميندي جون شمعون روشن هيون. هن جو ڪنڌ هڪ طرف جهڪيل هو، اکيون بند هيس ۽ هٿن جون ٻيون پلنگ جي پائين ۾ پکوڙيل. ساروڪمرو خوشبوئن ۾ رچيل هو منهنجي پيرن جو آواز ٻڌي هن اکيون کوليون. ڇڻ ٻن زخمن جا وات پنجي پيا. سندس اکڙين ۾ ڪاڙهاڻ ۽ موت جي پاڇي سان گڏ، عجيب اطمينان ٽي چمڪيو.

"تو هي ڇا ڪري ڇڏيو شميم؟" مون پلنگ جي پرسان ويهندي روئڻهارڪي آواز ۾ چيو.

"تون اچي وئين.... چگو ٿيو جو آئين. وڃڻ کان اڳ توسان ملڻ ٽي چاهيم. خبر اٿئي اڄ مان پنهنجي گهوٽ سان ملڻ واري آهيان. ڏس ڪيئن نه پاڻ سينگاريو اٿم. اڄ موت سان منهنجو نڪاح ٿيڻو آهي.... هو ٻڌ.... عرش تي منهنجي شاديءَ جون شهنايون وڄايون پيون وڃن. هينئر منهنجو گهوٽ گهر ايندو ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيئي عرش جي شبستان ۾ وٺي هلندم."

هن جون ڳالهيون ٻڌي منهنجوهيانءَ ڦسي پيو. اکين مان لڙڪ وهي آيم. مون کي روئندو ڏسي سندس پيشاني تي گهنج پئجي ويو. ڪاوڙ وچان چيائين:

"روئين چو ٿو.... چا تون مون کي بيوس ۽ لاچار سمجهي مون تي رحم کائي روئي رهيو آهين؟ مون تي رحم نہ کاءُ! مان سڀ کجهہ برداشت ڪري سگهان ٿي پر رحم برداشت ڪري نہ ٿي سگهان. مان لاچار ۽ بيوس نہ آهيان! مون زندگيءَ تي فتح حاصل ڪئي آهي ۽ اڄ موت کي بہ فتح ڪيو اٿم. ڪير ٿو چئي تہ انسان جو جيئڻ ۽ مرڻ قدرت جي وس آهي. مان فاتح آهيان. پوءِ تون مون تي رحم چو ٿو ڪائين؟" اڃا هن ڳالهہ ختم ٿي مس ڪئي تہ سندس سارو بت آڪڙجي ويو. هن زور سان ڪٽي پلنگ جي پائين کي جهليو. اکيون ڦاٽي ويس ۽ ساهہ سينيءَ ۾ منجهن لڳس. مان پريشان ٿي اٿي بيٺس تہ ايتري ۾ هن جي وات مان رت جو گرڙو نڪتو ۽ واڇن سان وهڻ لڳو. سندس سارو جسم ڏاڍو ٿي ويو ۽ هوءَ پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي وئي. مان ڪيسي سان رومال ڪڍي رت اکهڻ لاءِ اڳتي وڌيس تہ هن منهنجو هٿ روڪي ڇڏيو.

"اهو رت منهنجي گهوٽ جي ميندي رتل پيرن جا نشان آهن. هنجي آمد جا آثار آهن. تون اهي آثار چو ٿو مٽائين. ياد اٿئي ان ڏينهن مون توکي چيو هو تہ موت جو تصور منهنجي ذهن ۾ هميشہ هڪڙي جابر ۽ پراسرار مرد جي صورت ۾ اپرندو آهي، اڄ اهو جابر مرد، آسمان لتاڙي، مون وٽ اچي رهيو آهي. ڏس هوڪهڙي نہ ستمگري سان منهنجي مٿان چانٽيو پيو وڃي.... اندر آندن ۽ هنيان ۾ ڪات وهي رهيا آهن.... اکين جو نور بہ نڪرندو پيو

وڃي....“هن ٽي وري تشنج جو دورو پيو. هن دفعي دورو پهرين کان وڌيڪ شديد هو. هنجون اکيون ڦري ويون ۽ وات مان رت وهڻ لڳو.... ٿوري دير مٽس اِها حالت رهي. پوءِ سندس آکڙيل جسم وري ڍلو ٿي ويو. هن ٽڪل اکيون کڻي مون ڏانهن نهاريو ۽ ڏاڍي جهيڻي آواز سان چيائين:

”امان.... امان کي سڏي اڇ.“

مان ڊوڙندو ٻاهر ويس ۽ پريشان حال بيگم مجيد کي چيم تہ شميم کيس سڏي رهي آهي. هوءَ رڙيون ڪري روئڻ لڳي.

”مان پنهنجي ٻچڙيءَ جي اهڙي حالت ڪيئن ڏسي سگهندس. مان اندر ڪونہ هلندیس....“ هوءَ رانيائ ڪري روئڻ لڳي.

”اڙي ڊاڪٽر چو نہ آيو.... منهنجي ٻچڙيءَ جو الائي ڇا ٿيندو. مان اندر نہ هلندیس.... پنهنجي ٻچڙي کي ان حال ۾ نہ ڏسندیس....“

مان ڪمري ۾ موٽي آيس. شميم جي حالت پهرين کان بهتر هئي. مون کي ڏسڻ سان پچيائين.

”امان ڪٿي آهي؟“

”هوءَ هيڏانهن نٿي اچي، چئي ٿي، مان پنهنجي ٻچڙيءَ جي حالت ڏسي نہ سگهندیس.“

منهنجي ڳالهہ ٻڌي هن جي چپڙن تي غمناڪ مرڪ ڦهلجي وئي.

”امان صفا چري آهي.... ساري جمار پاڇولن پويان ڊوڙندي رهي آهي ۽ هينئر سچ جڏهين منهنجي موت جي صورت ۾ سندس اکين اڳيان نانگوٽي ٻيٽو آهي تہ ان کي ڏسي نہ ٿي سگهي. نعيم! تون پنهنجا لڙڪ سانديي رک ۽ جڏهن مان مري وڃان، تڏهين اهي لڙڪ، منهنجي ماڻ لاءِ وهائجانءِ.“ لفظ هن جي نڙيءَ ۾ اڙکي لڳا ۽ وري مٿس دورو پوڻ لڳو. ڏاڍي ڏکيائي سان چيائين.

”پاڻي.... مون کي پاڻي پيار....“

مان ڊوڙي وڃي ٻاهران پاڻي کڻي آيس تہ شميم جو ڪنڌ هڪ طرف جهڪي ويو هو. مان اڃا پاڻي جو گلاس جهلي ٻيٽو هوس تہ ڪمري ۾ ڈاڪٽر، احسان ۽ شهاب داخل ٿيا. ڈاڪٽر هن جي نبض ڏني، چپر اٽلائي اکين ۾ بيٺري جي روشني هڻي زندگي جي نشانن کي ڳولهيو ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي، ٽپڙ سهيڙڻ لڳو. مون سٽ ڏيئي کڻي ڪوٽ جي ڪالر کان جهليو مانس:

”ڈاڪٽر ڳالهہ ڇا آهي؟“

”زهر پنهنجو اثر ڪري چڪو آهي. مريض هڪ ٻن ساعتن جو مهمان آهي.“

ڈاڪٽر جا لفظ وڃ جيان منهنجي دل ۽ دماغ ۾ ڪريا. دماغ ڏڏڻ لڳو. دل ڌڙڪڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ نس نس مان سُتُ ڇڏائجي ويو. آهستہ آهستہ هٿ ڈاڪٽر جي ڪالر مان ڇڏائجي ويو ۽ اکيون شميم جي چهري تي کپي ويون. مون هن جي اکڙين ڏانهن نهاريو جيڪي

تمنائن جي رچ پليان اچايل هرڻن جيان ڊوڙي ڊوڙي ٽڪجي پيون هيون ۽ هينئر ڦٽڪي ڦٽڪي ساه ڏيئي رهيون هيون. مون هن جي چپڙن ڏانهن نهاريو، جيڪي پيار جي اڃ ۾ سڪي سڪي، هينئر سُڪي ٽوٽ ٽي رهيا هئا. مون هن جي ميندي رتل پيرن ڏانهن نهاريو، جيڪي وقت جي واري ۽ڪنهن نقش پا جي تلاش ۾ پٽڪي پٽڪي، ٽڪجي رتوڇاڻ ٽي پيا هئا. الائي گهڻي دير مان ائين بي‌جان بت بڻجي شمير ڏانهن نهاريندو رهيس. شمير جي ساري بت مان زندگي ڪوچ ڪري نڙيءَ ۾ اچي اٽڪي هئي. گهڻي دير تائين زندگي ۽ موت جو جهيڙو جاري رهيو ۽ پوءِ يڪدم ڇڻ هن جي بي‌جان بت ۾ ساه پٽجي ويو. هن آهستگي سان ويهڻي تان مٿو کنيون ۽ ٻئي هٿ ڏکهيري، ائين اٽڪ لڳي، ڇڻ ڪنهن کي گرائڻي پائڻ لاءِ اڳتي وڌي رهي هجي ۽ پوءِ يڪدم سنڊس مٿو پٽر جيان ويهاڻي تي ڪري، هڪ طرف ڦري ويو ... ڪمري ۾ ڪهرام مچي ويو. منهنجي اکين مان لڙڪ ٻه ڪونه ڪريو. مان اکيون ڦاڙي هن جي مرده چهري ڏانهن نهاريندو رهيس ۽ پوءِ هڪدم ڪمري مان نڪري آيس ۽ شهر جي سڙڪن تي گهمڻ لڳس. هر طرف سانت ۽ تاريڪي ڦهليل هئي. شهر جون سڙڪون هڪ ٻئي سان ملنديون، وڇڙنديون پنهنجي ڏي ڪولها ۾ گهرٽي ٽي ويون، ستارن جون ڏيئاڻيون اجهامي ويون هيون، چند جي شڪل بي‌نور ٽي وئي هئي، زندگي جي آوازن کي سانت جي ڏهڪاڻهي ڇڏيو هو ۽ ڏرتيءَ جو

گولو جلي سڙي رک جو ڍير ٿي ويو هو.

اڄ الائي گهڻن ڏينهن کان پوءِ مان گهر موٽي آيو آهيان.

موٽڻ مهل جڏهن شمير جي بنگلي وٽ آيس تہ اتي ئي بيهي رهيس. بنگلي ۾ هرطرف موت جهڙي خاموشي ڇانيل هئي. اڳڻ ۾ بيٺل وڻن مان هوا جي جهوٽي سان سڪل پن ڇڻي رهيا هئا. بنگلي جون پٽريليون ديوارون هزارين راز ساه ۾ سانديي خاموش ٻڌيون هيون. اچانڪ خاموشيءَ مان شمير جا ٽهڪڑا ٻڌڻ لڳا.

"ڪاڏي ٽو وڃين؟"

"ڪاڏي ڪونہ.... ائين ٽورو گهمڻ نڪتو آهيان."

"هل تہ مان بہ ٽي هلانءِ...."

"شمير....!" ونسي هنيان ڦاڙ رڙ ڪيم. سڙک تي لنگهندڙ ماڻهو ڪنڌ ورائي سون ڏانهن نهارڻ لڳا ۽ مان ڪنن تي هٿ رکي روئندو، ڊوڙندو، پنهنجي فليٽ ۾ آيس ۽ پلنگ تي ڪري وهاڻي ۾ منهن لڪائي، روئڻ لڳس.... هينئر روئي روئي ٿڪجي پيو آهيان. لڙڪ ختم ٿي ويا آهن ۽ اکيون سياري ۾ سڪل ڏندن جي ڪنارن جيان سڪي ويون آهن ۽ مان پلنگ تان اٿي هاڻري لکڻ ويٺو آهيان.

بيگم مجيد ۽ شهاب بنگلو ڇڏي الائي ڪاڏي لڏي ويا آهن: احسان بہ پنهنجي فليٽ ڇڏي ڪنهن ٻئي هنڌ

وڃي رهيو آهي، نسيم ۽ حميد جي فليٽ ۾ نوان مسواڙي اچي رهيا آهن. مان هينئر لکڻ بند ڪري جو مون کي به پنهنجو سامان سهيڙڻو آهي.

—ع—

اڻ پورو انسان

Pure music is the cry that tears.
The birdless branches in the wind.
No blossom is reborn the blue.
Stare of the Pond is blind.
And no-one Sees
A restless stranger through morning stray.
Across the Golden lawn, whose eyes.
Are tired of weeping, in whose breast.
A Savage Scen Consumes its hidden day,

David Gosceyne

گھڑيال هلڪي هلڪي موسيقيءَ سان پنج وڄايا ۽ هنجي اک کلي وئي. ڪمري ۾ زيرو بلب جي جهڪي ۽ نندا ڪڙي روشني پکڙيل هئي. درن ۽ درين تي ريشمي تار واري سوسيءَ جا پردا لڙکيل هئا. صبح جي هيرجوهلڪو جهلڪو لڳو ۽ ريشمي پردا لڏڻ لڳا. سامهون پيت تي هڪڙي پينٽنگ ٽنگيل هئي جنهن ۾ انرادي ڏڪي گاڏيءَ تي هڪڙو پوڙهو گاڏر ويٺو هو. چنل قائل ڪپڙا، ميري پگ، ڏرا ڏيئي ويل اکيون، منهن ۾ گهنجن جو چار ۽ بي‌نشان ۽ بي‌منزل جو ٽڪ! هن موهن جي ڏڪي ڪان اها ڏڪي گاڏي ڏکائي هئي ۽ اڄ صدين جي سفر ڪانپوءَ به هن کي منزل نه ملي هئي، منزل جو ڪو نشان نه ملهو هو. ان بي‌نشان ۽ بي‌منزل سفر جي چيچلائيندڙ ٽڪ ۾ هنجي سنڌ سنڌ ڏڪي گاڏي وانگر چيچات ٿي ڪيا. پوڙهي گاڏر جي پير ۾ هڪڙو نندڙو پار ويٺو هو. مٿي تي ٽڪ جي ٽوپي، پاسي تي ڪچي وارو ململ جو چولو، ڪچيءَ ۾ چانديءَ جو تعويذ. ٻارڙي جي چپن تي مرڪ هئي. هنجي مرڪ باک وانگر ٿي بکي. وقت جي دز هنجي مرڪ جي باک کي لٿي چڏيندي. هنجي منهن تي به گهنج هوندا، صدين جو سفر جو چيچلائيندڙ ٽڪ هوندو ۽ هنکي به ڪا منزل نه ملندي، منزل جو ڪو نشان نه ملندو!

ڪمري جي ڀتين تي ٻيون پينٽنگون ۽ ٽنگيل هيون، سيني جو پس منظر سنڊي هو، ڀتين سان لڳ بڪ شيلف تي سڀڻا سڀڻا ڪتاب ڊيڪوريشن پيسز طور سينگاريل هئا. شيلف جي مٿان پلاسٽڪ آف پيرس جون مورتيون رکيون هيون. هڪڙي مورتي جواڻ جمڻ شيدي عورت جي هئي. ڪارو ڪارو ترڪندڙ ۽ جرڪندڙ ٻت، سيٽيل ۽ ٽائيل انگ، ڪهرن جذبن جهڙا ڪهرا مهاندا! ٻي مورتي شيدي مرد جي هئي. ڪشيل ڪمان وانگر ڪشيل ٻت، ڪنن ۾ والا، چپن تي تازي گوشت جهڙو ڳاڙهو رنگ. هو پلٽي ماري، وات ڦاڙي، راڻن ۾ ڦاسايل دهل وڄائي رهيو هو. اهڙيون ٻيون ٻه گهٽيئي مورتيون هيون. هڪڙي مورتي موهن جي ڏڙي جي نچڻيءَ جي هئي جيڪا نرت جي هڪ خاص انداز ۾ بيٺي هئي. وقت هن تان لنگهي ويو هو، صديون هنڪي اورانگهي ويون هيون پر هوءَ ائين ئي نرت جي هڪ خاص انداز ۾ بيٺي هئي. ان مورتيءَ کي گهڙيندڙ سنگتراش فنا ٿي ويو هو پر هنجي هٿن جي روشني اڄ ٻه فروزان هئي.

سامهون واري دريءَ وٽ ريڊيوگرام تي جيوڻ-ي، بيگم ڪنور، استاد عاشق علي خان ۽ ٻين ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي گائڻن جا ريڪارڊ، فريم ٿيل تصويرون، ۽ پلاسٽڪ جي رنگ برنگي پر خوشبو ڪان عاري گلن جي ڪاري پٽي هئي. پلنگ جي پاسي واري ٽيبل تي هالن جي جنديءَ جي ٽيبل ليمپ، ايش ٽري، سگريٽ جو پاڪيٽ،

ماچيس ۽ ڪتاب رکيو هو.

ڪتاب جي پرسان چانهه جو ڪوپ پيو هو، جنهن مان هلڪي هلڪي ڀاڦ ٿي نڪتي. روزانو نوڪر هنجي اٿڻ کان هڪ منٽ اڳ، چانهه جو ڪوپ ٺاهي، سائيڊ ٽيبل‌تي رکي ويندو هو. پوري پنجين لڳي گهڙيال موسيقيءَ جي هلڪن سرن سان هنکي جاڳائيندو هو. هر روز هنجي اک کلندي هئي تہ هو ڪمري جو جائزو وٺندو هو. هر شيءَ ساڳي هئي، ساڳئي هنڌ هئي، ۽ هنجي زندگي جو حصو هئي ايتري ويجهي هئي جو ڪڏهين ڪڏهين هنکي انهن جي موجودگيءَ جو احساس ئي نہ ٿيندو هو.

صبح جي هير جو جهلڪو ٻاهر لان ۾ ٻيئل گلن جي ٻيکار اندر ڪٽي آيو. ريشمي پڙدا لڏيا، ۽ هن اونهو ساه کنيون. ساه ڪٽڻ سان هنکي کنگهه ٿي. هو اهڙي طرح کنگهڻ لڳو جيئن هنجي کنگهه جو آواز ٻاهر نہ وڃي. هنکي آواز کان وحشت ٿيندي هئي. پنهنجي کنگهه جي اڻ وٽندڙ آواز کان وحشت ٿيندي هئي. هو کنگهه کي گهٽي، ٻوسائي، اندرئي اندر جهڪندو، سارو بدن ولوڙيس، دل جو دهڪو وڌي ويندس، اکين مان پاڻي وهندس. کنگهي کنگهي سائو ٿي پوندو. مس مس کنگهه بند ٿيندي. کنگهه سان ننڍ جا آخري کيپ ب لهي ويندا ۽ هو پوريءَ طرح جاڳي پوندو. هٿ وڌائي چانهه جو ڪوپ کڻندو، هلڪيون هلڪيون سرڪيون پريندو، سگريٽ دکائيندو. سگريٽ جي پهرين سوٽي سان وري مٽس کنگهه جو دورو پوندو. وري ساڳي

ڪارا! ساڳي ساه هوساڻ، بت ولوڙ ۽ دل جو دهڪو! ڪڏهن ڪڏهن ڪنڌ سان رت بہ اينداس. اصل رت جا گرڙا نڪرندس. وڏن وڏن ڊاڪٽرن جو علاج ڪرايو هئائين. ايڪسري ڪيرايا هئائين. سندس ڦڦڙ بلڪل ٺيڪ هئا ڪنڌ سان ساه جي نليءَ مان رت جي ننڍڙي شرياني ڇڄي پوندي هئي ۽ رت ٽينديون ڪري وهندو هو.

سگريٽ پورو ڪري هو بات روم ۾ ويندو. ڏاڙهي ڪوڙي، وهنجي سهنجي، ريشمي گاؤن پائي، آرام ڪرسي تي آهلي سگريٽ پيئندو يا اخبار پڙهندو ۽ ريڊيوگرام تي پڳت ڪنور، جيوڻيءَ يا استاد عاشق علي خان جا ريڪارڊ ڇاڙهي ٻڌندو. پوڙي ستين لڳي سندس زال جو آواز گهر جي خاموشي کي چيريندو هنجي ڪنن سان ٽڪرائيندو. هوءَ نوڪرن کي ڏڙيون ڏيندي، بت جي سموري طاقت سان رڙيون ڪري ڳالهائيندي. سندس آواز تيز، تکو، چيڪلو ۽ چيندڙهو. ساروگهرسندس آوازسان پڙاڏجي ويندو. نوڪرن جا هوش خطا ٿي ويندا. سڏو ڪم بہ انڊو ڪري ويهندا. هنجون رڙيون ۽ پٽڪو ويتر وڌي ويندو. انهيءَ وچ ۾ هو ناشتو ڪري تيار ٿي ويهندو. زال جون رڙيون ۽ پٽڪو ڪٽڪو ڪيس ياد ڏيارينڊو تہ آفيس جو وقت ٿي ويو آهي. هو ڪپڙا مٽائي آفيس وڃڻ جون تياريون پيو ڪندو تہ سندس زال اڇي ڪڙڪندي. ٻاهران ڏي رڙيون ڪندي، ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تان هن سان وڙهڻ لاءِ ايندي. زوم سان در کلندو ۽ سندس زال نمودار ٿيندي. ٽاهي، بيدولي

۽ بلڊپريشر جي مريض. پنهنجو پـاڻ کان بيزار، زندگيءَ کان بيزار، نوڪرن کان بيزار، اهـا بيزاري ڪڙاڻ بڌجي سندس آواز ۾ مڙي ايندي. ايترو تـ زور ڏيئي ڳالهائيندي جو پنهنجي ٽي زور ۾ پئي سهڪندي. هو مات ڪري ويٺو پڌندو. زال جي آواز جي تيزي، ڪڙاڻ ۽ بيزاري هن تـي ڪو اثر نـ ڪندي، جڏ هنکي لوهي زره پئي هئي ۽ هنجي زال جا زهر ۾ ٻڏل لفظن جا تير هن تي چڙهيل لوهي زره سان ٽڪرائجي، مڊا ٽي ڪري پوندا هئا. هنجي مات تـي زال کي وڌيڪ مٿيان لڳندي ۽ سندس آواز وڌيڪ تيز ۽ ڪڙو ٽي ويندو ۽ هنکي پنهنجي زره ٽٽندي محسوس ٿيندي.

”سارو ڏينهن ان بچ Bitch سان مٿو پيو آهين. ڪا گهر جي به تـ سار لهه.“

عين ان وقت ريڊيو گرام تي عاشق علي خان جو آواز ايندو.

”جادو لائي ويا جيءَ ۾.“

ڇا هيءَ اها ساڳي سڪينه هئي جنهن هنجي جيءَ ۾ جادو لاتو هو. جنهنجي اکين جي اوناهين ۾ هنکي زندگيءَ جا سمورا اسرار لڪل نظر آيا هئا. جنهن جا هٿ گلاب ۽ پير پدم هئا. جنهنجي چيلهه چيهي جهڙي هئي. جنهن جا وار اسرارهئا ۽ جنهن سان هن ادب، آرٽ انقلاب ۽ زندگي جي باري ۾ راتين جون راتيون ريهاٽيون ڪيون هيون ۽ جنهن هنجي زندگيءَ جو رخ ڦيري ڇڏيو هو.

”ڇو اڄـي ٻچاڙيءَ ۾ بچڙو ٿيو آهين. شهر ۾ پنهنجا

اسڪينلبلز ٿــ ٻڌي. اهو وقت وساري ڇڏيئم جڏهين سڄيو بڪيو هئين ۽ مون....»

هاڻي هنکي پنهنجي زره سان گڏ پنهنجي هستي، پنهنجو وجود پڇندو پرندو محسوس ٿيندو. هــو يڪدم ٽپ ڏيئي اٿندو ۽ تکيون وکون کڻندو ٻاهر نڪري ويندو.

هنجي بنگلي جي ايراضي چئن ايڪڙن ۾ پکڙيل هئي بنگلي جي چوڌاري ننڍڙي چوڏيواري هئي. هڪ حصي ۾ هنجو رهائشي بنگلو ۽ ٻي حصي ۾ آفيس جي عمارت هئي. باقي بچيل ايراضيءَ ۾ باغ لڳل هو ۽ گهاٽا گهاٽا وڻ هئا. هو بنگلي مان نڪري آفيس ڏانهن ويندو. پريان وڻن جي هيٺيان عرضدار، فريادي، ملاقاتي، شاهد، پوليس گارد جــا سپاهي ويٺا هوندا. هنکي ڏسي پوليس گارد جا سپاهي بندوقون ۽ پنهنجي پوليس بوٽن جون ڪڙيون ڪڙڪائي هنکي سلامي ڏيندا. عرضدار، فريادي ۽ قيدي ادب وچان آڏي بيهندا، پر هو کنهن ڏانهن به نه نهاريندو. کنهنجي سلام جو جواب نــ ڏيندو. کنڊ جهڪائي، تکيون تکيون وکــون کڻندو پنهنجي آفيس ۾ پهچي ويندو. آفيس جي در تي بيٺل نائڪ يڪدم ٽپ ڏيئي اٿندو، جهڪي هنکي سلام ڪندو. پر هو سندس سلام جي جواب ڏيڻ کانسواءِ اندر هليو ويندو ۽ وڃي ڪرسي تــي ويهندو ڪرسيءَ تــي وهڻ سان هنکي محسوس ٿيندو تــ هنجي وکريل وجود، هنجي ڳچل پريل هستي، هنجي ٽٽل زندگيءَ ۾ طــاقت ايندي تــي وڃي. ڪرسيءَ ۾ کا ازغيبي طاقت لڪل آهي جيکا ڪرسيءَ

مان نڪري آهستي آهستي هنجي ساري هستي، هنجي ساري وجود ۾ پيهندي ٿي وڃي. سامهون رکيل وڏي شاهي ميز، ميز تي پيل فائيلون جيڪي عرضدارن ۽ واسطيدارن جون تقديرون هيون. ڪال بيل، پيرن هيٺيان ٽلهي تهه ۽ بج وارو قيمتي قالين. درن ۽ درين تي لڙڪندڙ ٽلها پڙدا. ديوارن تي سينگاريل پراڻي زماني جون بندوقون، پستول، تلوارون ۽ ڍالون. هر هڪ شيء مان طاقت ۽ قوت ڦاٽ ڪائي ٿي نڪري ۽ هنجي وجود ۾ پيهندي ٿي وڃي. هنجي اکين تي طاقت جي خمار جا ڪيپ چڙهڻ لڳندا. چپن تي عجيب مطمئن مرڪ تري ايندي ۽ هو مٿو ڪرسيء جي ٽيڪ تي رکي چڊيندو ۽ پنهنجي وجود ۾ محسوس ٿيندڙ ان طاقت مان مزو وٺندو. پوء آهستي آهستي هٿ وڌائي ڪال بيل کي چهندو. سندس چهاء سان نائڪ اچي حاضر ٿيندو. اچي زين جو ڊگهو ڪوٽ، چيلهه ۾ سنهري پٽو، ڪلهي کان چيلهه تائين پيو پاسيرو پٽو، پانهن تي نائڪيء جون ڦيٽون، مٿي تي اچي لنگي جنهن جي هڪ طرف جهالر لڙڪيل هوندي، خضاب لڳل وڏيون ۽ وٽيل مڇون، منهن ۾ رعب ۽ حشمت. هنجي سامهون اچي ڏاڍي ادب سان جهڪي سلام ڪندو ۽ سندس وٽيل وڏين مڇن ۽ منهن تي چانهيل رعب ۽ حشمت غلاماڻي نهٺائي ۽ نماڻائيء ۾ بدلجي ويندي.

"پاڻي....." هو آهستي چوندو.

نائڪ غير معمولي ڦرٽيء سان حڪم جي تعميل ڪندو ۽ پليٽ ۾ پاڻيء جو گلاس رکي ڏاڍي ادب سان هنجي

آڏو پيش ڪندو. هو پاڻي پي سگريٽ ڪڍيندو. سگريٽ جا سوٽا هڻندو، هاڻي هنکي سگريٽ سان کنگهه بلڪل نه ٿيندي. نائڪ کي اشارو ڪندو ۽ آفيس جو ڪم شروع ٿي ويندو.

ساري ضلعي جو انتظام، امن امان، زمينن جا جهيڑا، ڪاتي مٽ جا ڦڙا، ڏوه، ڏوهاري، جوابدار، ڪوڙا شاهد، پوليس جا هٽ ٽوڪيا ڪيس، ڪاروڪاري، زوري زنا، لونڊي بازي، ڏوهارين کي بي ڏوهي ۽ بي ڏوهين کي ڏوهاري ثابت ڪرڻ لاءِ وڪيلن جون دليل بازيون، ڊاڪٽرن جا ڪوڙا سرٽيفڪيٽ، پوسٽ مارٽم جون ڪوڙيون رپورٽون....

آفيس جو ڪم ختم ٿيندو ۽ هو گهر اچي آرام ڪندو شام ٿيندي ته هو وهنجي سهنجي تيار ٿي بيگم نسيم جي گهر ويندو. شراب جا دور هلندا، فليش، رمي، برج، اڌ رات جو هو گهرموٽي ايندو. ائين ئي هنجي زندگيءَ جون صبحون طلوع ٿيندڙيون هيون ۽ ائين ئي آلهي ويندڙيون هيون.

هنکي هڪڙو پٽ هو ۽ هڪڙي ڌيءَ. پٽي ڊيلرماسٽرز، ڊرائي ڪلينرز، هيئر ڊريسرز ۽ بيوٽي پارلرز جا گهمندڙ ڦرندڙ اشتهار هٿا. هالي وڊ جون فلمون، فرينڪ سناٽرا، ايلس پرسلي، بٽيلز جا نغما، اهوئي سندن ڪلچر هو. پٽي مشن اسڪولن ۽ ڪالیجن ۾ پڙهيا هٿا. هن جي پٽ جو نالو جمال هو پر دوست هن کي جمي سڏيندا هٿا. هنجو ثقافتي ۽ آدرشي وطن آمريڪا هو ۽ هو آمريڪا وڃڻ جي

نيارين ۽ هو.

هنجي ڏيءَ جو نالو رضيه هو. پر سڀ هن کي روزي سڏيندا هئا. عورتن جي آزادي، فيشن شوز، ڪلچرل شوز، بيوٽي پارلرز، ڪاسميٽڪس، ڪلونز- هيئر اسٽائيلز، گليمرئي گليمر! هن ڪنهنجي ڪنهي ٻارن سان تعلق ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ ڪنهي کي سندن حال تي ڇڏي ڏنو هو.

هڪڙي ڏينهن پوليس هڪ نوجوان کي هٿڪڙيون هڻي هنجي اڳيان پيش ڪيو. سنهون بت، ڳهو قد، وڏا وار، وڏيون اکيون جن ۾ خوابن جو خمار، منهن تي اڻڄاڻي نرمي ۽ سڀاجهائي جيڪا لاڏ ڪوڏ ۾ پليل نوجوانن جي منهن تي هوندي آهي پر ان نرمي ۽ سڀاجهائيءَ مان بکندڙ ارادي جي ارڏائي ۽ اڻپنگائي!

ڏٺڙيل هاري، ڏٺڙيل مزور، ڏٺڙيل قوميتون، ڏٺڙيل پوليون..... هيڏي اونده، هيڏو انڊوڪار! ان اونداه ۽ انڊوڪار کان اڳتي سونهن. سوجهرو ۽ سرهائي! هنجي هڪڙي اک وٽ نيرو داغ هو. شايد پوليس هنکي مارڏني هئي. نوجوان ڪنهنجي خوابن ۾ خماريل اکيون هن ۾ ڪپائي ڇڏيون ۽ هو جن هنجي اکين جي منڊ ۾ منڊجي ويو بنده بيخياليءَ ۾، بي جان بوتي جيئن، ڪنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ نديون نديون وکون کڻندو ان اسٽيج تان لٿو جنهن تي

سندس ميزءِ ڪرسي رکي هئي. هو اسٽيج تان لهي جوابدارن واري ڪاڻيءَ جي ڪٺهڙي وٽ اچي بيٺو ۽ ان نوجوان کي ائين ڏسڻ لڳو جڻ هو ان نوجوان کان اڳتي گهڻو اڳتي وقت جي فاصلن جي هن پار پنهنجي ڪنهن خواب ۽ ڪنهن آدرش کي ڏسي رهيو هو هن بيخياليءَ ۾ ڪٺهڙي تي رکيل نوجوان جي هٿ کي ڇهي ڏٺو. جڻ هو پنهنجي جواب ۽ آدرش کي ڇهي رهيو هو. اوچتو هنکي کنگهه ٿي. اندر ٿي اندر جهڻ ۽ ولوڙجڻ لڳو. ساه جي نليءَ مان رت جي نندڙي شرياني ڇڇي پئي. سندس وات مان رت جو گرڙو نڪري آيو. هن يڪدم کيسي مان رومال ڪڍي وات تي رکيو ۽ تکيون تکيون وڪون ڪڍندو چيمبر ۾ هليو ويو.

—٭—

لذت جو ایذاءؔ

هڪ رات آڏيءَ جو هنجي اڪ ڪلي. هنجو ساهه هوساڻجي رهيو هو، جڏ ڪو هنجي سيني تي ويڻو هو ۽ هنجي نڙ گهٽ تي ننهن ڏيئي آهستي آهستي دٻائي رهيو هو. هن ٻئي هٿ وڌائي ٻنهنجي نڙي ڪي ڇهيو، هنکي لڳو جڏ هنجي ساهه جي نلي سوڙهي ٿي وئي آهي ۽ ساهه نڙيءَ ۾ ڦاسي رهيو آهي. دل وسامندي ٿي وڃي. نبض ٻڏندي ٿي وڃي، سڌ ساڻ، سارو بدن ڪنهر ۾ شم! هن اونهون ساهه ڪنيون. ساهه هنجي سيني ۾ هوساڻجڻ لڳو. هو مري رهيو هو. بچايو.... بچايو .. بچايو! هن دانهن ڪرڻ چاهي پر آواز هنجي نڙيءَ ۾ اڏکي پيو. اوچتو گهڙيال هلکي موسيقيءَ سان ٻن جا ٽڪاءَ هنيا، اهو موت جو آواز هو. هوا جوجهلکو لڳو؟ ريشمي پڙدا لڏڻ لڳا. اهو موت جو ناچ هو. ها. هو مري رهيو هو. يا شايد هو مري چڪو هو. مرڻ کان پوءِ هنجي لاش ۾ وري ساهه پٽجي رهيو هو ۽ هنجي نبض آهستي آهستي هلڻ لڳي ٿي. اهو ايڏاڻ موت جو ايڏاڻ نه هو، پر موت کانپوءِ زندگيءَ ڏانهن موت جو ايڏاڻ هو. شايد هوگهٽا سال گهٽيون صديون ۽ گهٽا زمانا اڳ مري چڪو هو. هنجي لاش جي منهن تاهي هنکي هن ڪمري جي اهرام ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. ان اهرام ۾ هنجي سهوليت جي هر شيءِ رکي وئي هئي. اڄ هنجي

لاش جي ممي ۾ ساهه پٽجي رهيو هو. اڄ هو عدم جي ننڊ مان وري جاڳي رهيو هو. اڇوڪو ڏينهن روز محشر هو ۽ هنجو ايڏاڻ زندگي ڏانهن موٽ جو ايڏاڻ هو. نه نه نه.... هو مئو نه آهي. هوجيئرو آهي ۽ هينئر مرڻ وارو آهي بچايو .... بچايو موت کان بچايو. موت جي ايڏاڻ کان بچايو.... هنکي کوبه بچائڻ وارو نه هو. موت جي سامهون ماڻهو کيترو نه اڪيلو آهي!

هن تکا تکا ساه کنيا. نبض کجهه تيز هلڻ لڳي، دل به ڌڙکڻ لڳي.... هو سيني تي هٿ رکي پلنگ تان اٿيو ۽ ٽڙندو ٽاپڙندو دريءَ وٽ اچي بيٺو ۽ دريءَ جي چائنٽ کي جهلي اونهون ساه کنيائين. دريءَ کان ٻاهر موت جهڙي هيبتناڪ خاموشي چانيل هئي. وڻ جهڙا موت جا راکاس! پوئين تاريخن جو بيمار، پيلو ۽ مرڻينگ چند جهڙو آسمان ۽ لڙکيل لاش:

اوچتو خاموشيءَ کي چيريندو چپري جو آواز ايريو. هنجي بت مان سيسرات نڪري ويا. هو ڀڄي، ڀرکي، پنتي ڦريو ۽ ڦيرائي کائي دريءَ جي پرسان رکيل آرام ڪرسيءَ تي اچي ڪريو. هن ٻئي هٿ دل تي رکيا. دل سات چڏيندي ٽي وڄي. ساه ست چڏيندو ٽو وڄي. زندگي سات چڏيندي ٽي وڄي. زندگي....زندگي.... او زندگي!

اڄ زندگي پنهنجي سموري سونهن ۽ سموري بدصورتي،

سموري پاڪيزگيءَ سموري گندگيءَ سان هنجي اکين آڏو پکڙجي وئي. هڪ افق کان ٻئي افق تائين. ڌرتيءَ جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين. مرڪندڙ ۽ ڪلڪار ڪري کلندڙ زندگي! چنگهندڙ، بيمار۽ مرڻينگ زندگي! اٽاه، بي پناه بي ڪنار ۽ بي انت زندگي! پره جي ماڪ جهڙي پاڪ، هونگڙيون ڏيندڙ پارڙي جي مرڪ جهڙي معصوم، ڪنواريءَ جي ڪنوارين چاتين جهڙي ڪنواري، پياري ۽ سونهاري زندگي! مون زندگيءَ کي چا ڏنو؟ مون زندگيءَ جي ڪيترين غلاظتن کي ڏوتو. ڪيترين دلين کي ڏوتو، ڪيتري گندگي کي ڏوتو. ڪيترن دکن کي ڏوتو. ڪيترن داغن کي ڏوتو. زندگي.... زندگي.... او زندگي!

هنکي پنهنجا ڏيءَ پٽ ياد پيا جن سان هن ڪڏهوڪو تعلق ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ جنکي هو پيءُ وارو پيار ڏيئي نه سگهيو هو. هنجي دل چيو ته هن جا ٻئي ٻار هنجي ويجهو هجن، مرڻ کان اڳ هو هنکي ڇڪي ڇاتيءَ سان لائي ۽ پيءُ وارو اهو سارو پيار هنکي ڏي جنهن کان هن کين ساري زندگي محروم رکيو هو. هنکي پنهنجي ٽلهي، بي ڊولي، بلڊپريشر جي مريض، چيڙاڪ ۽ جهيڙاڪ زال ياد پئي جنهنکي هو مڙس وارو قرب ۽ سک ڏيئي نه سگهيو هو. هنجي دل چيو ته هنجي زال ويجهو هجي ۽ هو موت ۽ زندگيءَ جي وچوارن انهن ٻن چٽن گهڙين ۾ هنکي ايتري سک ۽ ايترو پيار ڏي جو هنجي سياه مان ساري چڙ، ساري بيزاري ۽ ساري ڪڙاڻ ختم ٿي وڃي.... جيڪر هڪوار،

صرف هڪوار هنکي زندگي ملي وڃي ٿي. هو نئين سر زندگيءَ جو آغاز ڪري. ان ڇوڪريءَ وانگر جيڪا غلط اٽيل سٽيئر کي اڏيڙي وري نئين سر اٽيندي آهي. ان پار وانگر جيڪو ڦرهيءَ ٿي لڪيل ڏنگن ڦڏن اکرن کي ميساري وري ٻيهر لکندو آهي.

هن مان ٿي جيئڻ جي امنگ ڪڏهوڪو ختم ٿي وئي هئي. هن ٿي ننڍڙين ۽ الڪوهل سان آهستي آهستي ڪري زندگيءَ کي ختم ڪيو هو ۽ اڄ جڏهن زندگي هن کان موڪلائي رهي هئي رڻ ڀرينءَ وانگر هن کان پنهنجا پلو ڇڏائي رهي هئي تڏهن هنجي اندر ۾ جيئڻ جي امنگ جاڳي پئي هئي. زندگي جو نئين سر آغاز ڪرڻ جي تمنا جاڳي پئي هئي.

اوچتو هنکي ڀريان ننڍو ٻارڙو ڊوڙندو نظر آيو. هڪ هٿ ۾ ڦرهي، ٻئي هٿ ۾ مس، ڪاڪ ۽ ڪتاب. هو ٻئي ٻانهون ڊگهيري، وقت جي فاصلن کي اورانگهيندو هن ڏانهن ڊوڙندو ٿي آيو. "امان.... امان..." ٻارڙي جا سڏڪندڙ سڏڙا هنجي وجود جي ويرانين ۾ ڀڙاڀ لڳا. هنجي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. لڙڪن جي ڪوهيڙي مان آهستي آهستي ايرندڙهڪڙي ويران، جهرندڙ ۽ ڌهندڙ حويلي. وڏو ويران ۽ اداس اڳڻ. اڌ اونداها ڪمرا ۽ دالان. وڏي ويران اڳڻ ۾ ٻيئل ڪجن ۽ نرجا وڻ، ڊگهي ڏيودي. ڏيوديءَ جي ٻاهرين در تي ڪنڌ هڪ پاسي لاڙي ٻيئل فانوس، فانوس جي وٽ مٽي ڪيو شيدو زندگي جي اونداهي اڳڻ ۾ روشني ٿي

وڃي. شايد موت ۽ حياتيءَ جون وچواريون ۾ چارگھڙيون روشن ٿي پون. اکين جي وسامندڙ ڏيئن جي وٽ متي‌ڪيو ته جيئن وسريل صورتون ته سڃاڻي سگھان!

ان ايڏي حويليءَ ۾ ٻڪندڙ روح وانگر هيڏانهن هوڏانهن گھمندڙ هنجي ماءُ. مائيٽي، وضعدار، رعبدار، سنهي، قداور، اکين تي نظر جي عينڪ. عينڪ جي شيشن مان چمڪندڙ وڏين ۽ اداس اکين ۾ هٽ، هوڏ ۽ غرور! امير مان غريب ٽيل ماڻهوءَ ۾ هڪڙو عجيب مجروع غرور ۽ ڦٽيل هٽ هوندو آهي. هنجي‌ماءُ ۾ به اهڙوئي مجروح غرور ۽ ڦٽيل هٽ هو. اڌ رات تائين نور نچوئي پاڙيوارن جا ڪپڙا سبندي هئي. ٽوپو ۽ سيبو اهڙو ڪندي جو ساري پاڙي ۾ سندس سيبي جي هاڪ هئي. وڏ گھراڻي‌ٽي‌ڪري، ٽوپو ۽ سيبو ڪري پيٽ پالڻ لاءِ هنجي اکين ۾ خودترسي ۽ خود رحميءَ جي بدران غرور ۽ فخر هوندو. اهو غرور ۽ فخر هنجي اڻ ويهڻ، ڪاڻ ڳالهائڻ، هرهڪ انداز مان ٻيو جھلڪندو. ماءُ هنکي ان جھرندڙ ۽ ڏھندڙ حويليءَ جي گذريل عظمتن جا عجيب داستان ٻڌائيندي ۽ هنجي ٻاراڻي ڪچي وهي‌گذريل عظمتن ۽ حال جي مفلسيءَ جي وچ ۾ لڙڪي پئي.

هنجي ماءُ ڪڏهن به هنکي‌ڇڪي ڇاتيءَ سان نه لاتو. ڪڏهن به هن سان اهو انڊوپيار نه ڪيو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ٻارکي‌ڪاري به ڇڏيندو آهي. ماءُ جو هن سان ورتاءُ ماءُ وارو نه، پر ماستريائيءَ وارو هو. هينئن اڃي، هينئن

ويهجي، هيئن ڪائجي، هيئن پائجي. هنڪي ماسترياڻيءَ جي نہ پر ماڻ جي ضرورت هئي. سڪيا جي نہ پر انڊي مامتا جي ڳهرج هئي.

ڪڏهن ڪڏهن هنڪي محسوس ٿيندو هو تہ هنجي ماڻ جي صورت ڏنڊلي ٿي، ڪوهيڙي ۾ لڪندي ٿي وڃي، هو هنڪان پريَ ٿيندي ٿـي وڃي. جـڏ هنجي ماڻ ان حويليءَ جي ڳڙيل عظمت جي داستانن ۾ گم ٿيندي ٿي وڃي ۽ هو هن هيڏي هيبتناڪ حوياليءَ ۾ اڪيلو رهجي ويو آهي. هو ڊڄندو ڊڄندو ا ڳتي وڌندو ۽ ماڻ ڪي ڇهي ڏسندو. ماڻ جي ڇهاڻ سان هنجي بي‌ويساهي دل ماڻ جي وجود جـو اقرار ڪندي.

هنجي ذهن ۾ پنهنجي پيءُ جو ڪو واضح تصور، ڪا ڇڻي شڪل صورت ڪانہ هئي. پيءُ جي شڪل صورت ياد ڪرڻ سان هنجي ذهن ۾ ڇانيل ڏنڊ مـان اڇي چادر تاڻي ستل ماڻهوءَ جو تصور اپرندو جنهن جي مٿان گلاب جا گل پيا هئا. اڄ بـ هنڪي گلاب جي گلن مـان موت جي بوءَ ايندي هئي.

هنجو پيءُ ريوينيو ڪاتي ۾ هيڊ منشي هـو، تن ڏينهن ۾ مختيارڪار، تعلقي جـو بي‌تاج بادشاه هوندو هو. پڙتال لاءِ نڪرندو هو تہ تر جا سڀ زميندار گهوڙا جهلي سندس آڏرياڻ لاءِ بيٺا هـوندا هئا. هنجو پـيءُ سياسي عقيدن وارو ماڻهو هو. ڪٽر ڪانگريسي هو. ڪانگريس عدم‌تعاون جي تحريڪ هلائي ۽ هو نوڪري ڇڏي گهر اچي ويٺو. هڪڙي

انـاج جـي واپاريءَ وٽ منشي گيري ڪمائين. هنجي مـاءُ پنهنجي مڙس جو نالو ڏاڍي عزت سان ڪٺندي هئي. هنکي ان گهاڻ تي ڏاڍو فخر هو ته سندس مڙس امولن جي خاطر نوڪري ۽ دولت کي ٺڪرائي ڇڏيو.

هنجي پيءُ کي ڪو اولاد نه ٿيندو هو. هار جمع سان مري ويندا هئا. هو جائو ۽ اڇا ننڍوڙي هو تـ سندس پيءُ مري ويو ۽ هنجي مـاءُ پاڙي وارن جـا ڪپڙا سبي هنکي پالي وڏو ڪيو.

جواني ۾ هنکي ڪيترين‌ئي ڇوڪرين پيار ڏنو. جسم ۽ روح جي سموري سچائيءَ سان هن سان پيار ڪيو. پر ته به هنجي اندر ۾ محرومي‌ءَ جو ڦٽ هو جيڪو اندر‌ئي اندر وگهرندو ۽ پوسرندو ٽـي رهيو. هيڏي پيار ملڻ کانپوءِ بـ هنجي روح ۾ محرومي‌ءَ جو ناسور ڇو هو؟ هيڏي پيار‌پيئڻ کانپوءِ به هنجي من ۾ اهڙي تڙنس ڇو هئي. هنجي روح ۾ اهڙي اڄ ڇو هئي جو سڀ تل ترايون هڪ ڪيت سان پي وڃي ته به سندس اندر جي آڄ نه آجهامي. روح جـڻ ازل کان اڇايل ۽ تتل واري هو جنهن تي‌ڪڏهن به جهڙيالمون نه‌ٿيون. ڪڏهن به بوندون نه پيون. شاه سائين‌ءَ تنور وانگر تتل تن لاءِ چيو هو ته "چنڊي ساڻ چماءِ" هنجي تتل تن تي چنڊا نه پـر وڏ ڦڙي جون وسڪارون ٿيون هيون. پوءِ

به هنجو تن، هنجومن، ازل کان اڄايل ۽ تتل واريءَ وانگر ڇو هو؟ شايد انڪري جوهنکي اڄ تائين ڪنهنجي به پيار تي يقين نه آيو هو. يا شايد انڪري جو هنکي پنهنجو پاڻ تي اعتماد نه هو ته ڪو هن سان ايڏو پيار به ڪري سگهي ٿو. يا شايد انڪري جو جسم ۽ روح جي جنهن سچائيءَ سان هن سان پيار ڪيو ويو هو، موت ۾ هو جسم ۽ روح جي ساڳي سچائيءَ سان پيار ڪري نه سگهيو هو. شايد هن ۾ اڻاه ۽ بي‌انت پيار ڪرڻ جي صلاحيت ئي ڪانه هئي. هن ڪڏهن به ڪنهن عورت سان اڻاه ۽ بي‌انت پيار نه ڪيو. ڪڏهن به ڪنهن دوست کي دل جي گهرائين مان نه گهريو ڪڏهن به ڪنهن انسان جي ڏک کي روح جي اونهائين مان محسوس نه ڪيو.

هو محبت ڪندڙ دلين جي جسمن جي ميلاپ کي عبادت سمجهندو هو. جڏهن جسم ۾ ازلي ۽ ابدي سر جاڳندا آهن، انگ انگ آلاپ ۽ سنڌ سنڌ سر ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ سڀئي آلاپ ۽ سڀئي سر پاڻ ۾ ملي هڪ راڳڻيءَ جي صورت اختيار ڪندا آهن. اِها جسم جي آها راڳڻي آهي جيڪا ملهار به آهي ته ديپڪ به. جيڪا هن ڌرتيءَ تي پٽڊا ٽيل پهرين انسان، پنهنجي‌ئي پاسيريءَ مان ٺهيل جسم سان هرتال ٿي ڪائي هئي.... ... راڳڻي پنهنجي تڪميل تي پهچي پوري ٿي وڃي ٿي پر جسم جي ان راڳڻيءَ جا سر پوءِ به روح ۾ گونجندا رهن ٿا. جسم ڏوپجي، هوا کان هلڪا ٿي، مٽي تمام مٽي اڏامندا وڃن ٿا..... پر هنکي

جسم جي ميلاپ کانپوءِ اڻين محسوس ٿيندو جڏھو ھو ھيٺ، تمام ھيٺ، ڪرندو ٿو وڃي. جڏھو ھو اڇي اڇي گڇيل گپ ۾ ڪري پيو آھي. ھنجو جسم ۽ ھنجو روح ان گپ ۾ گھوتا ٿو کائي... .... اھو انڪري ھو جو ھن لاءِ ھن جسمن جو ميلاپ، جسمن جي راڳڻي نہ پر جسمرجي انڊي ضرورت، جسم جي جسم لاءِ لالچ ۽ ھيڇ ڪانسواءِ ڪجھہ نہ ھو. ھن جي دل ۾ اھو پيار نہ ھو، پيار جي اھا سچائي نہ ھئي جنھن مان جسم جي راڳڻي ڦٽندي آھي.

عورت ھن لاءِ اڳڻ ۽ انگيءَ جو اسرار ھئي. پھرين ڪنھن سھڻي عورت کي ڏسندو تہ ھنجي جسم جي اسرارن ۽ گڇھن کي جاڻڻ لاءِ پيو ڦٽڪندو ۽ ٽڙپندو. پوءِ جڏھن اھا عورت کيس حاصل ٿي ويندي تڏھن کيس خبر پوندي تہ ان عورت ۾ ڪو اسرار نہ ھو، ڪو گڇھہ نہ ھو. عورت جي ساري سونھن، سندس جسم لاءِ ساري ٽڙپ ۽ بيتابي ھاڻ ٿي اڏامي ويندي ۽ ھرھڪ شيءِ پاروٽي، اوگاڇيل ۽ اوباريل لڳندي، اوگاڇيل انگ، پاروٽا سنڊ، اوباريل بدن، ڪراھيت، بيزاري، اڻتاءُ، دل جڏھ ڪني پاڻيءَ جو ڏيو، جنھن ۾ گندگي آڻڙڪا پٽي ڏيندي. روح ۾ گونجندڙ، پراڏجندڙ، واڪا ڪندڙ ۽ پنھنجيڻي شدت ۾ ڏڙڪي پوندڙ اڪيلائي پکڙجي ويندي.

هنجي جلندڙ جندڙيءَ تي جڏهن سڪيندي پيار جون بوندون برسايون تڏهن هنکي خبر پئي ته عورت اڪيلائيءَ جواسرار نه آهي. پر زندگيءَ جواسرار آهي، جيڪو آهستي آهستي ظاهر ٿو ٿئي. عورت صرف بلوري بدن نه آهي. ڪنول جهڙيون چاتيون نه آهي، پر سياڻ جي سونهن به آهي، ذهن ۽ روح جو حسن به آهي. عورت جي جسم جي ڪڇهن کي ڪولهڻ جي تڙپ ۽ بيتابي ئي محبت نه آهي. پر هنجوقرب، اڪيلائيءَ ۾ هنجي موجودگيءَ جو احساس. ريهاڻ، جنهن ۾ صديون ساڻتن ۾ گذري وڃن. اهڙي ماڻ جنهن ۾ هڪ ٻئي جا وجود هڪ ٻئي سان هم ڪلام هجن. اهائي محبت آهي ۽ هنکي سڪيندي سان محبت ٿي وئي.

سڪيندي تمام وڏ گهراڻي ڇوڪري هئي. ڪانوينٽ ۾ پڙهيل، امريڪي اچار سان انگريزي ڳالهائيندڙ. ادب، آرٽ ۽ ڪلچر جي پرستار. ڪارون، بنگلا، ايئرڪنڊيشنڈ ڊرائينگ رومز!

هڪ ڏينهن هو سڪيندي سان سندس ايئرڪنڊيشنڈ ڊرائينگ روم ۾ ويٺو هو. باهر ٻاه ٿي وئي پر اندر ڪيڏي نه ٺڏڪار هئي. نرم صوفا سيٽ، ريشمي پڙدا، ٽلها، نرم ۽ ملائم غاليچا. هتي ڪيڏو نه تحفظ هو. هنکي ياد آيو.... سياري جي اونداهي رات، ويران ۽ هيبتناڪ حويليءَ جي هڪڙي ڪمري ۾ هو ڪٺ تي سوڙ ۾ ويڙهجي سيڙهجي ستل آهي. پر واريءَ ڪٺ تي هن جي ماءُ ا ڪيڻ تي عينڪ چاڙهي، هٿ بتيءَ جي اڻ پوري روشنيءَ ۾ ڪپڙا ٽي سبي.

سامهون واريءَ پٽ تي هنڊي ماڻهو جو پاڇو ڪيڏو نه پوائتو ٿو لڳي. باهر طوفاني هوا اڳ ۾ بيٺل وڻن سان زوزات ڪندي حويليءَ جي درن ديوارن سان ٽڪرائجي، عجيب پوائتا آواز ٿي ڪيي، اڀين ٿو لڳي جڻ باهر راکاس رڙندا ٿا وتن. جاڻ اهي راکاس اندر گهڙي آيا ۽.... اوچتو وڃ چمڪي، گجگوڙ ٿي، هوا جوجهوٽو زوزات ڪندو در سان ٽڪرايو ۽ در جا طاق پٽجي ويا. هن وٽي دانهن ڪئي.... اهو ڊپ ۽ هراس ڪٿي هو زندگيءَ ۾ اڳتي وڌيو.

"ڇا ٿو سوچين؟" سڪينه جي سوال هنکي خيالن مان جاڳائي ڇڏيو.

"سوچيان ٿو ته ڪمري ۾ ايٽرڪنڊيشنر لڳائڻ سان شايد ماڻهوءَ جي دماغ، دل ۽ روح ۾ به ايٽرڪنڊيشنر لڳي ٿو وڃي ۽ هو ڪڏهن پنهنجو پاڻ مان باهرنڪري ڏسي ئي نٿو ته ماڻهو ڪيئن ٿا جيئن. ڪيئن ٿا زندگيءَ جي لڪن ۾ لوسائجن."

"مارڪسٽ آهين؟"

"آئڊيلسٽ آهيان. منهنجو مارڪسزم ڏانهن رويو خواب پرست وارو آهي."

"منهنجا خواب پرست مارڪسٽ دوست! زندگي مقابلي ۽ چٽا ييٽيءَ جو نالو آهي. هر ڪنهنکي موقعو ڏنو ويو آهي ته هو ان چٽا ييٽيءَ ۾ حصو وٺي ۽ زندگيءَ جي حسن ۽ مسرتن کي ماڻي. جن ۾ قوت آهي آهي ان مقابلي ۾ ڪاميياب ٿي زندگيءَ جون مسرتون ٽا ماڻين ۽ جن ۾

قوت کانهي، جيڪي مقابلو ڪري نٿا سگهن، اهي زندگيءَ جي مسرتن کان محروم رهجي ٿا وڃن."

"مان مڃان ٿو ته زندگي مقابلي ۽ چٹا پيٽيءَ جو نالو آهي. پر اها گاله غلط آهي ته هرهڪ ماڻهوءَ کي ان چٹا پيٽيءَ ۾ حصو وٺڻ جو پورو پورو موقعو ڏنو ويو آهي. هاريءَ جو ٻار جيڪو جهنگن ۾ ٻڪرين ٿو چاري ۽ شهري امير جو ٻار جيڪو ڪار ۾ ڪانوينٽ اسڪول ٿو وڃي، اوهانجي خيال ۾ ٻنهي کي زندگيءَ جي مقابلي ۾ حصو وٺڻ جو هڪ جهڙو موقعو ڏنو ويو آهي. اسانجي سوسائٽيءَ جو هڪڙو خاص طبقو آهي، جنهن ۾ چٹا پيٽي لڳل آهي ته ڪيئن اڳتي وڌجي، ڪيئن وڌيڪ طاقتور ٿجي ۽ ڪيئن ڪمزور ۽ هيٺي جو رت چوسجي."

"اهو فطرت جو قانون آهي ته ڪمزور طاقتور جو کاڄ ٿئي."

"فطرت جا ڪيترا انڌا ۽ بيرحم قانون آهن جن سان انسان وڙهندو آيو آهي. انسان ڪيترين ئي اهڙين ايجادون ڪيون آهن جن سان فطرت جي انڌن ۽ بيرحم قانونن کي بدلائي نٿو سگهجي ته گهٽ ۾ گهٽ انهن کان بچاءَ ڪري سگهجي ٿو. مان ان سوسائٽيءَ جي آڃان ٿو ڪريان جنهن ۾ ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ کان بچائي سگهجي."

"جنهن ماڻهوءَ کي سوسائٽي رد ڪري چڏيندي آهي اهو ماڻهو موت ۾ سوسائٽيءَ کي رد ڪندو آهي. مان سمجهان ٿي ته سوسائٽيءَ توکي قبول نه ڪيو آهي."

”سوسائٽيءَ کي رد ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن. هڪ اهو ته ماڻهو ڏوهاري ٿئي، ڏوه سوسائٽيءَ جي خلاف احتجاج آهي، ٻيو اهو ته ماڻهو پنهنجي محرومين سان ڪروڙين انسانن جي محرومين کي سڃاڻي، پنهنجي ذاتي دکن دردن مان ڏرتيءَ جي دکن دردن کي سمجهي ۽ پوءِ ان سوسائٽيءَ کي رد ڪري جنهن ۾ هيڏا دکَ درد، محرومیون ۽ ناانصافيون آهن. مان هن سوسائٽيءَ کي رد ڪري هڪ نئين سوسائٽي جا خواب ٿو ڏسان. سون وٽ پنهنجا خواب ۽ پنهنجا آدرش آهن. انقلاب منهنجوخواب ۽ منهنجو آدرش آهي. مان ان خواب ۽ ان آدرش کي ماڻڻ لاءِ مظلوم ۽ محروم ماڻهن وٽ ويندس. هن کي سڌي ۽ مانائتي حياتيءَ ڏانهن ويندڙ واٽون ڏيکاريندس.“

”چئبو ته انقلابي ٿيندين. ظاهر آهي ته جيل ۾ ويندين. جيل مان نڪرندين ۽ پنهنجو پاڻکي وڏو انقلابي اڳواڻ سمجهندين. نئين جذبي ۽ نئين ارادي سان ڪم ڪندين. پنهنجن لکڻين ۽ تقريرن ۾ جيل وڃڻ جو ذڪر ڪندين جيئن فقير پنهنجا خارش جا قٽ ڏيکاري خيرات گهرندا آهن. چاليهن سالن جي عمر ۾ پهچڻ کانپوءِ خبر پوندءِ ته تو پنهنجي زندگيءَ جو نهايت قيمتي حصو اجايو وڃائي ڇڏيو. پوءِ حڪومت سان سرچاءَ ڪندين. حڪومت جي ڪنهن واهيات اخبار جو ايڊيٽر ٿيندين يا ڪالم لکندين. وقت جي حڪومت جي انقلابي پاليسن جي واکاڻ ڪندي ڪونہ ڏاپندين ۽ شاه لطيف پڙهي صوفي ٿي ويندين....

اسانجي ملڪ ۾ انقلابين جو اهوڻي انجام ٿيندو آهي. زندگي صرف هڪ پيرو ٿي ملي. سياڻي چا ٿيڻ وارو آهي تنهن‌جي ڪنهنکي ڪا خبر ڪانهي. جيڪا گهڙي موجود آهي اها‌ئي سچ آهي، ان گهڙيءَ جي سچ ۾ جيءُ ۽ پرپور انداز سان جيءُ. اها گهڙي وري ورڻي نه آهي، زندگيءَ ڪي خوابن ۽ آدرشن جي رچ پنيان رلي نه وڃاءِ."

سڪينہ سان هنجي ملاقات هڪ ثقافتي شو ۾ ٿي‌هئي، شهر ۾ ڪي غير ملڪي آيا هئا ۽ سڪينہ شهرجي جمخاني ۾ هنن لاءِ ثقافتي شو ڪري رهي هئي. ان شو جي سلسلي ۾ هو پئي ملڻا هئا ۽ هنجي مدد سان سڪينہ شو ڪيو هو. شو ڏاڍو ڪامياب ٿيو هو، سڪينہ شو جي ڪاميابيءَ تي ڏاڍي خوش هئي. سيني هن‌کي مبارڪ ڏني هئي ۽ سڪينہ سيني‌کي چيو هو تہ مبارڪ جو مستحق زاهد هو جنهن‌جي ڪري شو ڪامياب ٿيو هو. ان رات سڪينہ هنکي ڪار تي سندس ڪوارٽر تائين ڇڏڻ آئي هئي. سڪينہ سان گڏ سندس ڪزن بہ هو. سهڻو، قداور، وڏا وار، وڏيون مڇون، وڏيون نوڪون، منهن تي اميراڻو اطمينان. سڪينہ هنکان پڇيو:

"ڪيئن خالدي. نوڪي اسانجو شو پسند آيو."

"اسين جيٽ ايج ۾ ٿا جيئون، پر اسانجي موسيقي ان

خانہ بدوش دور جي موسيقي آهي جڏهين هڪرار هڪريون چاريندي، واندڪائيءَ جي وندر لاءِ الغوزا وڄائيندا هئا.“

”اسين ذهني طور اڄ بہ قبائلي دور ۾ ٽا جيئون ۽ هڪ ٻئي کي نالن کان وڌيڪ ذاتين ۽ قبيلن سان ٽا سڃاڻون. مثال طور ڪو سومرو صاحب آهي، ڪو جماڻي صاحب آهي تہ ڪو جوڻيجو صاحب!“

”قبيلا پنهنجي اهميت وڃائي چڪا آهن، ذات ۽ قبيلي جي اهميت ختم ٿي چڪي آهي. اڄ جي دور ۾ ماڻهو ذات يا قبيلي جي بدران سماجي رتبي سان سڃاتو ٿو وڃي. اسانجو دور مشيني دور آهي، تيز رفتاريءَ جو دور آهي ۽ اسانجي موسيقيءَ کي ان مشيني دور جو ساٿ ڏيڻو آهي.“

”مشينن جي دونهين اسانجي دلين کي دونهاڻي ڇڏيو آهي ۽ موسيقي اسانجي دلين تان مشينن جي دونهين کي ڌوئي ٿي.“

”مشينن کي پنهنجي موسيقي آهي، مشينن جي دونهين ۾ دونهاڻيل دلين کي پنهنجو درد آهي. اسانجي موسيقيءَ کي پنهنجي دور جي درد جو اظهار ڪرڻو آهي.“

”اسين پنهنجي ثقافتي ورثي کي واري نٿا سگهون.“

”ثقافت، ثقافت، ثقافت! موڪي ان لفظ کان نفرت آهي اوهان لاءِ سو سيون، گج ۽ رليون ڪلچر آهن، آهي اڻ پڙهيل اڻ سڌريل ۽ جاهل انسان ڪلچر جا علمبردار آهن جيڪي احساساتي طور تي حيواني سطح تي جيئن ٿا

۽ جيڪي ڪلچر جي تمام هيٺاهين متاچري تي زنده رهن ٿا. هنن جون مدي خارج ريتون رسمون، وهرگمان ۽ عقيدا اوهان لاءِ ڪلچر آهن پر منهنجي لاءِ ڪلچر اها قوت آهي جيڪا ماڻهن جي حيواني جذبن جي تهذيب ڪري ٿي. اسين ڪلچر جي تمام متاهين ۽ اعليٰ سطح تي جيئون ٿا. اسين ڪلچر پيدا ڪريون ٿا. آئيدايلز ۽ ويليوز سيٽ ڪريون ٿا. اسين پنهنجي صديءَ جو ڪلچر آهيون."

ايتري ۾ هنجو ڪوائر اچي ويو. هن ڪوائر کان پريرو ٿي سڪينہ کي ڪار بيهارڻ لاءِ چيو، هن نٿي چاهيو تہ سڪينہ ۽ خالديءَ کي خبر پوي تہ هو هڪ معمولي ڪوائر ۾ رهندو آهي.

"اوهانجو ڪوائر ڪهڙو آهي؟" سڪينہ پڇيو.

"او هو...." هن پنهنجي اونداهي ڪوائر ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"اسانکي پنهنجي ڪوائر ۾ ڇانهن نہ پيارينداءُ"

"هلو.... اکين تي." هن پنهنجي آواز ۾ ميزبانن واري مروت آڻيندي چيو. پر اندر ۾ هو ان تصور سان ڏکي ويو هو تہ سڪينہ ۽ خالدي هنجو اهو ڪوائر ڏسندا جنهن مان سندس سماجي رتبي ۽ مالي حالت جو پتو ٿي پيو. ڪپڙي لٽي سان ڪنهن حد تائين ماڻهو پنهنجي سماجي رتبي ۽ مالي حالت جي باري ۾ فريب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. پر هن جي رهڻ جي جاه ۽ رهڻ جو انداز هنجي اصليت کي آگهاڙو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هن سڪينہ ۽

خالديءَ جي اڳيان پنهنجي اصليت کي اڳوڙو ڪرڻ نٿي چاهيو.

"ديرٿي ٿئي. هل تہ گهر هلون." خالديءَ سڪينہ کي چيو.

"ہ منٽ ويهي هلون ٿا. ڏسون تہ سهي تہ اسانجو ليکڪ دوست ڪيئن ٿو رهي."

ڪار ڪوارٽرجي در جي سامهون اچي بيٺي. هو ڪار تان لٿو. سڪينہ ۽ خالدي ہ لٿا. هن اندر جي پشيمانيءَ سان در کولي بتي ٻاري. ڪمري ۾ ميري بلب جي ميري گدلي ۽ بيمار روشني پکڙجي وئي. فرش تي هر طرف سگريٽن جا ٽوٽا پيا هئا. سامهون ڪٽ تي وڇايل بستر اڻين ٽي پيو هو جيئن هو صبح جو ننڊ مان اٿڻ کانپوءِ ڇڏي ويو هو. بستري تي گهر جي پائڻ جي شلوار قميص ۽ ٽوال رکيو هو. ڪٽ جي ٻرسان ميز تي ڪتاب، ڪاپيون، اخبارون، ڏاڙهي ڪوڙڻ جو اڻ ڏوتل سامان. چانهہ جو خالي ڪوپ جنهن جي تري ۾ بچيل چانهن ۾ ہ چارمڪيون ٽي تريون. سامهون ڪنڊ وٽ ميرن ڪپڙن جو ڍير پيو هو. ڪٽ جي ٻرسان ہ اڌوراڙيون ڪرسيون رکيون هيون. ڪمري جي حالت ڏسي هو شرم ۾ پڙي ويو. هنکي سڪينہ کان وڌيڪ خالدي کان ٽي شرم آيو. هن نڙ ٽڪڙ ۾ ڪرسيون چنڊي هنڪي ڪرسين تي ويهاريو ۽ ڪٽ تان ڪپڙا، ٽوال ڪڍي بسترو ٺيڪ ڪيائين. ميز تان ڏاڙهي ڪوڙڻ جو سامان، چانهن جو خالي ڪوپ ڪڍي، ڪتاب ٺيڪ ڪري رکيائين

۽ ڪمري جو جائزو ورتائين، ڪمري جي اڇا اها ساڳي حالت هئي، سڪينہ ڏاڍي دلچسپيءَ سان ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳي. پرخالدي مان ڪري سگريٽ پيئڻ لڳو. خالديءَ جي ان بي‌نياز مان سان هنجي دل ۾ پيدا ٿيل ساري شرمساري خالديءَ لاءِ نفرت ۾ بدلجي وئي.

”مون ڪتابن ۾ پڙهيو هوتہ آرٽسٽ ۽ لیکڪ ڪيئن رهندا آهن اڄ اکين سان ٿي ڏسان. خالدي. هي آهي ماڻهو آهن جيڪي بدصورتيءَ ۾ رهي خوبصورتيءَ جي تخليق ڪندا آهن. جن جاڻي واڻي زندگيءَ جي عيش عشرت کي ٺڪرايو آهي. مونکي هڪڙي انگريزي نظم جا لفظ ٿا ياد اچن تہ انسان موسيقيءَ جا خالق آهيون، انسان دنيا کي ٽياگيو ۽ هارايو آهي.“

خالديءَ کو جواب نہ ڏنو. هو ان ساڳي بي‌نياز مان سان سگريٽ پيئندو رهيو ۽ هن جي دل ۾ نفرت جو زهر پرجندو ويو.

”اڇکلهہ چا ٿا لکو....؟“ سڪينہ هنکان پڇيو.

”سنڌي ڪلچر جي پس‌منظر تي هڪڙو ناول ٿو لکان. مسٽر خالديءَ کي تہ سنڌي ڪلچر کان نفرت آهي ۽ هو پاڻکي ۽ پنهنجي طبقي کي هن صديءَ جي اعليٰ ڪلچر جو مجسمو ٿو سمجهي. مان اوهان کان پڇان ٿو تہ اوهين ڪلچر چا کي ٿا سڏيو. ڪلچر ڪنهن بہ قوم جي اجتماعي شخصيت جو ڪڏهن اظهار آهي. اسين سنڌي قوم آهيون ۽ اسانجو ڪلچر اسانجي اجتماعي شخصيت جي سياڻ جو مظهر آهي.

اوهين جيڪي اجتماعيت کان ڇڪل آهيو، اجتماعي ڪلچر کان ڇڪل آهيو، هن ڌرتيءَ جي پوريءَ ۽ ميري مٽيءَ کان ڇڪل آهيو، پنهنجو پاڻ کي هن صديءَ جي ڪلچر جا علمبردار ٿا سمجهو. سان هن ڌرتيءَ جو پٽ آهيان ۽ هن ميري مٽيءَ جو ڪلچر آهيان. سان نہ رڳو هن صديءَ جو ڪلچر آهيان پر هن ڌرتيءَ جي سيني صدين جو ڪلچر آهيان. منهنجو ڪلچر هن صديءَ کان سوهن جي ڏڙي جي صدين تائين پکڙيل آهي. سان اهو دراوڙ آهيان جنهن هن ڪنواري ڌرتيءَ سان ڪيهه اپائي آڏاڻ ٿي ڪپڙو ڏٺيو. سان اهو آريو آهيان جنهن سنڌوءَ جي ڪپر تي ويد لکيا. سان اهو عرب آهيان جنهن هن ڌرتيءَ ٿي لکيل ڪتابن جا ترجما ڪري دنيا ۾ علم پکيڙيو. سان هن ڌرتيءَ جي تاريخ آهيان. وهم، گمان، عقيدا گيت ۽ سُر آهيان. هر ڪنهن ثقافتي گروه کي پنهنجي حساس ٿي ردم Rythm ٿيندي آهي ۽ هنجو ادب ۽ آرٽ هنجي ان احساساتي ردم سان هم آهنگ هوندو آهي. سان سوچيان ٿو تہ مشينن کي پنهنجي موسيقي آهي پر سوال اهو آهي تہ ڇا مشينون اسان جي زندگين ۾ ايتريقدر داخل ٿي چڪيون آهن جو اسان جي احساساتي ردم ٿي بدلجي وڃي، ڪير ٿو چئي تہ اسين جيٽ ايج ۾ ٿا جيئون، جي واقعي ڪٿي جيٽ ايج آهي تہ اها ان رن وي تي آهي جنهن تي جيٽ جهاز لهي ٿو. اسين اڄ بہ ڊگهي گاڏيءَ جي دور ۾ ٿا جيئون. اوهان ايئرڪنڊيشنڈ ڊرائينگ روم ۽ ڪارن ۾ ويهي قومن جي

ثقافت لاءِ فيصلا ڏيڻ وارن کي کڻڙي خبر ته هن ڌرتيءَ جو دک کڻڙوآهي. هن بکيءَ اگهاڙي ڌرتيءَ جي ثقافت چا آهي. بي‌گهر، بيمار ۽ بکايل انسانن جو آڏيندو چا آهي انقلاب چا آهي ۽ انجي ثقافت چا آهي." هو مان ٿي ويو کمري ۾ اڻ وٽندڙ خاموشي چانڀجي وئي. سکيءَ جون اکيون هن ۾ کتل هيون ۽ هنجو منهن جوش ۾ ڳالهائڻ جي ڪري ڳاڙهو ٿي ويو هو. خالدي ساڳي بي‌نيازيءَ سان مان ڪري سگريٽ پي رهيو هو. پوءِ هو مرڪيو ۽ سندس مرڪ ڇڻ ٽٽولي هئي.

"هاڻي آءٌ ته هلون...." هن ڪرسيءَ تان اٿندي سکيءَ کي چيو.

سکيءَ به ڪرسيءَ تان اٿي. هو هننکي سنڊن کار تائين ڇڏي آيو. خالدي هنکان موڪلائڻ کانسواءِ کار ۾ وڃي ويٺو. سکيءَ هنجي ويجهو اچي چيو. "خالدي پائڪي الائجي چا سمجهندو آهي. ته هن کي سندس اصليت ڏيکاري ڇڏي سان ڏاڍي خوش آهيان." سکيءَ جي ويجهڑائيءَ مان هن کي عجيب هيڪار آئي ۽ سندس ڳالهه سان هنجي دل خوشيءَ سان ڀرجي وئي. "ڇڳو خدا حافظ. سياڻي ملنداسين."

سکيءَ هنکان موڪلائي کار ۾ وڃي ويٺي. کار رواني ٿي ۽ هو کار کي ويندو ڏسندو رهيو.

هلڪي هلڪي موسيقي. هلڪي هلڪي روشني. ٿنڊا ڪڙو ۽ خمارئيل ماحول. هوٽل ۾ ويٺل مرد ۽ عورتون ڇڻ خوابن جي ديس جا رهواسي. هلڪيون هلڪيون خوشبوئيون. هلڪڙا هلڪڙا ٿهڪڙا ۽ ڳالهين جا هلڪا هلڪا آواز. سڪينہ کي ميڪسي پئي هٿي. وار عجيب انداز سان سجايل. اکين ۾ ٻيئر جو هلڪو هلڪو خمار. هن ٻيئر جو ڊيڪ ٻريو. ساري وات ۾ ڪڙاڻ پرجي ويس. دل ڇيس ٿڪي ڇڏي، پر ڪيت ڏيئي پي ويو منهن تي ڪڙاڻ جو آگرو تاثر. سڪينہ کلڻ لڳي.

”تون ڏاڍو وٽندڙ آهين. پهرين مان توکي رڳو دوست سمجهندي هيس پر هاڻي خبر پئي آهي تہ دوست کان وڌيڪ آهين. مان توکي پسند ڪريان ٿي. توسان ملڻ کان اڳ مان خالديءَ کي پسند ڪندي هيس. پر توسان ملڻ کانپوءِ خبر پئي تہ اسانجي طبقي ۾ سڀ ڇوڪرا هڪ ٻئي جي ڪاپي آهن. سندن شخصيتون اسٽيريوٽائيپ آهن. توکي پنهنجي شخصيت آهي. شخصيت جي پنهنجي انفراديت، نواڻ ۽ سڃاڻي آهي. مان توسان پيار ڪريان ٿي. جي تون چاهين تہ اسين ٻئي هميشه لاءِ گڏ رهي سگهون ٿا. انقلاب کي وسار، خوابن کي وسار، آدرشن کي وسار، انقلابت جي تمنا، خوشحال ۽ محفوظ مستقبل جي تمنا آهي. مان توکي شاندار مستقبل جي ضمانت ڏيان ٿي. خوشحال آئيندي جي خواب کان وڌيڪ ڪوبہ خواب حسين نہ آهي ۽ سڀ ۽ ڪامياب ڪيريئر جي آدرش کان وڌيڪ ڪوبہ آدرش مٺو

نہ آهي. مونکي ۽ خوشحال مستقبل کي ماڻڻ لاءِ توکي هڪڙو ڪم ڪرڻو پوندو."

"ڪهڙو...."

"پن چئن ڏينهن ۾ منهنجي ڪزن جي شاديءَ جي سالگره ٿيڻ واري آهي. اسانجي خاندان جا سڀ ماڻهو اچي رڳندا انهن جي اڳيان توکي ثابت ڪرڻو پوندو ته نون هڪ تمام وڏي جاگيردار جو پٽ آهين ۽ تو پنهنجو پاڻکي ڊي ڪلاس ڪيو آهي."

انقلاب جي تمنا محفوظ ۽ خوشحال مستقبل جي تمنا آهي خوشحال آئيندي جي خواب کان وڌيڪ ڪوبہ خواب حسين نہ آهي ۽ سڀي ڪيريئر جي آدرش کان وڌيڪ ڪوبہ آدرش سهڻو نہ آهي. زندگي صرف هڪ پيرو ٿي ملي. گهڙي جيڪا موجود آهي اها ٿي سچ آهي. ان گهڙيءَ جي سچائيءَ ۾ پرپور انداز سان جيءُ. ڪالهہ جو ماتم نہ ڪر. سڀان جو آلکو نہ ڪر. حال ۾ جيءُ. زندگي ڏاڍي قيمتي آهي. زندگي کي خوابن جي رڃ پٽيان رلي نہ وڃاءِ.

مان ڪهڙي خواب جي رڃ پٽيان ٿو رلان. هن ڌرتيءَ تي ازل کان اونده ۽ انياءَ جو راج رهيو آهي. ازل کان انسان اونده ۽ انياءَ سان وڙهندو آيو آهي. پوءِ بہ هن ڌرتيءَ تي پهرين کان وڌيڪ اونده ۽ انياءَ آهي.... مونکي اهو حق

ڪنهن ڏنوآهي ته مان سمجهان ته منهنجي سوچ ئي سچ ۽ سوجهروآهي. هر دور کي پنهنجا سچ ۽ پنهنجا سوجهرا آهن ڪيترن انسانن هن دنيا ۾ پنهنجي سوچ جو سوجهرو پکيڙيو پوءِ اهي ساڳيا سوجهرا ٻين جي لاءِ اونداهيون ثابت ٿيا، هن دنيا ۾ ائين ئي اونداهيون هونديون.

مون وٽ هڪڙوخواب هو ته هن ڌرتيءَ تي ڪوڙهه ڪو اهڙو نسل ضرور ايندو جنهنکي خوشيون پلئه پونديون. اسانکي ان نسل جي خوشين لاءِ ڏکَ ڏسڻا ۽ سهڻا آهن. اسين مري ويندا سين ۽ اسانکي ڪوبه ياد نه ڪندو پر اسين ان خوشحال نسل جي خوشين ۾ جيئندا سين. هنجي ڏهڪڻ ۾ اسانجا ڏکَ پڙاڏا ۽ هنجي مرڪ مان اسانجا لڙڪ ليئا پائيندا. خودفريبي!.. اميد جو دوکو....! هن ڌرتيءَ تي اهڙو نسل ڪڏهين نه ايندو. خوشين جو راڄ ڪڏهين نه ٿيندو، ائين ئي اونداهيون هونديون، ائين ئي انياءُ هوندو، ائين ئي ڏکَ هوندا، ڏنڀ هوندا، ڏاڍ هوندو ۽ ماڻهو ماڻهوءَ جو ڪاڄ هوندو. ماڻهو اڄ به طاقت اڳيان ڪنڌ جهڪائي ٿو ۽ سونهن کي تباه ڪري ٿو. دولت طاقت آهي، ڪرسي طاقت آهي. رڻ ۾ راؤ متل آهي ۽ مان اڪيلو ۽ بي هٿيار آهيان. دولت جي شهر پناه! دولت جو مورچو! دولت جي زره! دولت جي ڍال! مارڪس ئي ته چيو آهي ته دولت اهڙو ڪاڌيا پو آهي جيڪو سڀني ڪاڌيا پن کي ڪنديءِ ٿو. مان ليکڪ آهيان. مان ماڻهن کي سندن دلين جي درد جا داستان ٻڌايانٿو. مونکي پڙهي هو ڪلن ۽ رڻ ٿا، پرسماجي

رتبي جي لحاظ کان تبيدار ۽ صوبيدار مونکان وڌيڪ آهن چاکاڻ جو ماڻهن سان هنن جو رشتو ضرورت جو رشتو آهي. سپ‌رشتا ۽ ناتا ضرورت مان ڦٽن ٿا. زندگيءَ مونکي محرومين ڏنيون آهن. آئيندو اونداهو آهي. اندر ۾ عجيب ڊپ ۽ هراس آهي. مونکي تحفظ گهرجي. محفوظ آئيندو گهرجي. هينئرمونکي موقعو ملڻو آهي ته پنهنجي محرومين کان انتقام وٺان. سڪينہ جومونسان پيار آهي. هوءَ پنهنجي طبقي جي سڀني نوجوانن کي ٽڪرائي مونڊانهن آئي آهي. هنجي جهول ۾ پيار جا گل آهن. محفوظ مستقبل جي ضمانت آهي. دولت آهي، زندگيءَ جا عيش ۽ عشرتون آهن.... شهر جي اونداهي گهٽيءَ ۾ اڌ اونداهو گهر، گهر ۾ ٻارن ڇٽڻ جي مشين، اڻ پوري خوراڪ، اڌ اگهاڙا، اڌ بکيا ۽ بيمار ٻار. روڄ، راڙو، پٽڪو، ڪٽڪو.... نہ نہ نہ مونکي اها زندگي نہ گهرجي. مونکي اها زندگي نہ گهرجي. مونکي خوشيون گهرجن، گل گهرجن، گيت گهرجن.

سڪينہ جي ڪزن جونالو رضيہ هو. هن پنهنجي شاديءَ جي سالگره تي چوند مهمان سڏايا هئا. دعوت ۾ آيل مهمان رضيہ جي شاديءَ جي سالگره جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ کان وڌيڪ پنهنجي امارت ۽ سماجي رتبي جو نماڻ ڪرڻ آيا هئا. ريشمي لباس سان ليئا پائيندڙ ريشمي بدن! قيمتي

سوٽ، سونهن ۽ هيڪارون. هو به دعوت تي آيو هو پر هنجو سماجي رتبو ڪهڙو هو. هو پنهنجي سماجي رتبي کان شرمسار هو. پنهنجو پاڻ کان شرمسار هو. هنکي ڪاڏي جو وڪو پيو هو. هنجو سارو بت ڏکيل هو پر ته به هن پنهنجو پاڻکي اڳهاڙو ٿي محسوس ڪيو. هنجي لباس هن جي بت کي ڏکي هنجي سماجي پس منظر کي اڳهاڙو ڪيو هو، ۽ هننجي لباس هننجي جسمن کي اڳهاڙو ڪري سندن سماجي برتري جو نماءُ ڪيو هو.

هو جيئن ئي اندر گهڙيو، سڪينه ڊيل جيان ٽلندي، مرڪندي اڳتي وڌي ۽ هنجو آڏرياءُ ڪيائين. سڪينه کي سائي رنگ جي ساڙي پئي هئي، ساڻ بلائوز جنهن مان هن جي گلابي بدن جرڪا ٿي ڏنا، وار جن ويڙهيل واسينگ، پلکون جن ڪمان ۾ ڪشيل ۽ تاڻيل تير، ڪچي ۾ سونو پٽو. هو حيرت ۾ سڪينه کي ڏسندو رهيو. سڪينه جي سونهن جا ڪيڏا نه روپ هئا. هر روز نئين لباس ۽ نئين ميڪ اپ ۾ هنجي سونهن جو ڪو نئون روپ ڪڍي پوندو هو. سڪينه هنکي پاڻ سان ساڻ وٺي پريان ڪنڊ ۾ رکيل خالي ميز جي پرسان ڪرسيءَ تي ويهاريو. پريان مهمان ٽولن ۾ ويٺا هئا. ڪنهن به هن ڏانهن ا ک ڪٽي نه نهاريو. هو ڪيڏو غير اهم هو!

"تون هتي ويهه. مان پنهنجي گروپ کي وٺي اچان ٿي."

"ڪجهه پيئڻ لاءِ ملي ويندو؟"

"چا پيئندين؟ ڪوڪ يا وهسڪي؟"

"وهسکي...."

سڪينہ بيري کي سڏ ڪيو. هن هڪ ٻي ڪپ سان گلاس خالي ڪري ڇڏيو. ٻيو گلاس خالي ڪري چوڌاري نظر ڦيرائي مهمانن جو جائزو ورتائين. هي ڪجهہ بہ نہ آهن. نوڪرن ۽ رشوت مان پيدا ٿيل ڪلاس! ماضيءَ ڪان ڇڪل، ڏرتيءَ کان پٽيل، هوا ۾ لڙکندڙ، وقت جي ويڑن ۾ لڙهندڙ ڪلاس! هنجو پنهنجي جهرندڙ ۽ ڍهندڙ حويليءَ جي معرفت پنهنجي عظيم ماضيءَ سان ناتو ڳنڍيل هو. هن ۾ ۽ مون ۾ ايترو فرق آهي جو زندگي هنن تي مهربان آهي ۽ مونکي زندگيءَ ڏوڙ ۾ لتاڙيو آهي. خواب ڏوڙ آهن، آدرش ڏوڙ آهن.... ايتري ۾ سڪينہ پنهنجي ڪزن رضيہ، سندس مڙس ۽ پنهنجي گروپ جي ٻين ڇوڪرين، عورتن ۽ مردن کي وٺي آئي، سڀ هن سان مروت سان مليا، پر هن محسوس ڪيو تہ هنن رڳو سڪينہ جي ڪري اها مروت ڏيکاري هئي نہ تہ هنکي تہ ان مروت جي لائق بہ نٿي سمجهياڻن. هو سڀني سان ڏاڍي اعتماد سان مليو ۽ ڏاڍي اعتماد سان گالهيون ڪرڻ لڳو. آهستي آهستي هن محسوس ڪيو تہ سڀ هن جي گالهين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا هئا. هن ۾ وڌيڪ اعتماد اچي ويو.

"مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ماڻهو پنهنجي شاديءَ جي ايڏي تشهير ڇو ڪندا آهن. ڍول دمامان، ناچ ڪيج، دوستن جون دعوتون، مهمانن جا ميڙاڪا. شادي ٻن ماڻهن جو ساري زندگي هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ جو معاهدو

آهي، ان لاءِ ايڏي ڪسات جي ڪهڑي ضرورت آهي."
هن رضيه جي مڙس ڏانهن نهاريو. "شاديءَ جي سالگره
ملهائڻ واري ڳالهه، ته مونکي بلڪل سمجهه ۾ نٿي اچي.
مرد کي ته شاديءَ جي ورسي ملهائڻ گهرجي ۽ ڪاراڪپڙا
پائي ڪنڌ ۾ ويهي پنهنجي قسمت تي ماتم ڪرڻ گهرجي."
"ماتم ته عورت کي ڪرڻ گهرجي." هڪ نوجوان
عورت چيو، سندس لهجي ۾ شاديءَ جي تجربي جي ڪاڻ
هئي. "ويچاري عورت ته پيڪاڻي گهر مان ٻي رنڊي
نڪرندي آهي."
"۽ ساهري گهر اچي ساري زندگي مڙس کي رڙيندي
رهندي آهي."
سڀ کلڻ لڳا.
"اسانجي سوسائٽي مرد جي سوسائٽي آهي ۽ شاديءَ
کانپوءِ مرد کي نه پر عورت کي ٻي روٽي پوندو آهي."
ٻي عورت جيڪا عورتن جي حقن جي علمبردار هئي تنهن
عورتن جي حمايت جي فرض ادائي ڪئي.
"بيشڪ...!" هن ٽوڪ واري انداز سان لفظ کي
چٻايو، ڏڪو ڪندي چيو. "اسانجي سوسائٽي مرد جي
سوسائٽي آهي تڏهين ته ويچاري مرد کي آفيس جي ڪم
سان گڏ هوم اڪانامڪس ۽ بار پالڻ جي سکيا بـ ونڊي
ٻي پوي."
"عورت ته ڪجهه به نٿي ڪري." هڪڙي عورت چڙ
۽ ساڙ مان چيو.
"چو نه ٿي ڪري." هن وري لهجي کي طنزيه بنائيندي

چيو "بيوٽي پارلرز، مينا بلزارون، سوشل ورڪ، سوشل ڪانٽيڪٽس، ڪلچر شوز، بيوٽي شوز....ويچاري عورت لاءِ ڪيڏا نه ڪم آهن. "oh we live in age of anxiely!

"مون اوهان سان جمال جو پورو تعارف نه ڪرايو آهي." سڪينه سيني کي مخاطب ٿيندي چيو. "هنجي ڪاڏي جي ڪڙڻ ۽ مسڪين صورت مان دوکو نه ڪائجو. هي تمام وڏي جاگيردار جو پٽ آهي، هنکان پڇوتہ هن پنهنجي هيءَ حالت ڇو ڪاهي آهي."

"اوهانجي پڇڻ کان اڳ ئي مان جواب ٿو ڏيان. مان هرهڪ شيءَ کي ڏاهي وري نئين سر ناهيان جو قائل آهيان. سڀ کان پهرئين مون پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو آهي، پنهنجي ڪلاس کي ڏاڍو آهي، هاڻي مان پنهنجو نئون ڪلاس ڏاهيندس جيڪو نئين دور جي نون تقاضائن مطابق هوندو."

"تو اهو نہ ڏايو تہ تنهنجو پنهنجي پيءُ سان جهيڙو ڇا تي آهي." سڪينه پڇيو.

"مان نئين دور جو انسان آهيان. مان ان دور جي چائنٽ تي بيٺو آهيان جنهن ۾ پراڻا، گندا ۽ زنگيل قدر لٿي رهيا آهن ۽ نوان قدر جنم وٺي رهيا آهن. منهنجو پيءُ، چنگهنڊز، مرندڙ ۽ آخري چڙيون هٽندڙ، جاگيرداراڻي دور جو جاگيردار آهي. منهنجو ۽ منهنجي پيءُ جو جهيڙو، نئين دور جو پراڻي دور سان جهيڙو آهي."

"اوهانجي جهيڙي جو ڪو ظاهري سبب تہ هوندو؟" سڪينه وري پڇيو.

"سبب اهوئي آهي تہ هر پراڻو نسل نئين نسل کي زندگي جو پيٽرن ڏيندو آهي. مون ان پيٽرن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ زندگيءَ جو نئون پيٽرن گهڙڻ لاءِ نڪتو آهيان. منهنجي پيءُ لاءِ نوڪري سنڊس جاگيردارائي شان جي گهٽتائي آهي پر منهنجي لاءِ نوڪري سوشل اسٽيٽس آهي. اڳئين زماني ۾ جاگيردار پنهنجا جهيڑا ختم ڪرڻ ۽ پنهنجي طاقت کي وڌائڻ لاءِ هڪ ٻئي سان سگهابندي ڪندا هئا....اها ٻي گاله آهي تہ اڄڪلهه خاندانن ۾ جهيڑا وجهرائڻ لاءِ سگهابندي ڪئي ويندي آهي."

سڪينہ ٿهڪ ڏنو. ٻيا ٻہ ڪلهه لڳا.

"منهنجي ٻيءُ جي مرضي هئي تہ مان ڪنهن جاگيردار جي ڪوٺن ۾ قيد، اڻ پڙهيل ۽ جاهل ڏيءُ سان شادي ڪريان ۽ ساري زندگي پنهنجي ۽ پنهنجي زال جي ذهني غير برابريءَ تي ماتم ڪندو رهان. مون ان گاله کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ منهنجي پيءُ مونکي پٽ مڃڻ کان انڪار ڪيو."

"تون پيءُ کي پرچائين ڇو نہ ٿو؟" سڪينہ چيو.

"منهنجي اندر ۾ ٻہ اهوئي جاگيردار ويٺو آهي جيڪو پڄي ۽ پري تہ سگهي ٿو پر جهڪي نٿو سگهي." ٿوري دير مائ رهي هن وري چوڻ شروع ڪيو. "مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي تہ جنهن دور ۾ ماڻهو جيئي ٿو تنهن کان انڪاري ڇو ٿو ٿئي. گهٽا ماڻهو پنهنجن ٻارن تي ابن ڏاڏن جا نالا رکي، ذهني طور ابن ڏاڏن جي دور ۾ جيئڻ جي

ڪوشش ڪندا آهن. منهنجو مثال ونو، منهنجو اصل نالو زاهد نہ پر شيردل خان آهي."

"تنهنجو نالو شيردل خان آهي!؟" سڪيم حيرت مان پڇيو.

"هي تہ آثارقديم جو نالو ٿو لڳي." هڪ عورت چيو.

"اسانجو خاندان اڄ جي سرمائيدار خاندانن وانگر پرمٽن، بليڪ مارڪيٽ، اسمگلنگ، امپورٽ ايڪسپورٽ، وڏن وڏن نوڪرن ۽ رشوتن مان پيدا نہ ٿيو آهي، پر تاريخ جي هڪ ٻئي جي مخالفت ۾ وهندڙ، هڪ ٻئي کي ڪٽيندڙ ڊرائنگ مان ڦٽو آهي. اسانجي خاندان کي پنهنجا خاندان مٿس Myths ۽ ليجينڊز Legends آهن، شيردل خان اسانجي خاندان جي ليجينڊ آهي. چون ٿا تہ هو قنڌاري دربار ۾ سپہ سالار هو. بهادر، اڙدو ۽ اڙهنگ! ڪنهن ڳالهہ تان هن جو درٻارسان اختلاف ٿي پيو. هنکي گرفتار ڪرڻ لاءِ فوج موڪلي وئي، فوج هنکي گهيروکيو، هو وچ ميدان ۾ بيٺو هو، سرڪش گهوڙو هنجي رانن جي هيٺان هو ۽ اگهاڙي تلوار ۽ ڀالو هنجي هٿن ۾ هٿا هن گهوڙي کي انڊي هنئين، گهوڙي هڪار ڪري نرا ڪنيان ۽ پوءِ فوج کي چيريندو، جبل جها ڪيندو، ميدان لتاڙيندو هو سنڌ جي دربار ۾ اچي پهتو. ٽڪل ۽ ساڻي گهوڙي وري هڪار ڪري نرا ڪنيان ۽ شيردل خان پنهنجو ڀالو امير جي تخت ۾ کوڙيو. امير هنجي جرئت منديءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو امير هنکي جاگيرون آڇيون پر هن جاگيرون وٺڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ هو

ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ امير پاران قندارِي فوج سان وڙهيو ۽ جنگ سان گڏ جاگير جيتيائين." هن اهڙي ڊرامائي انداز سان گالهه ٻڌائي جو ٻڌڻ وارا سنڊس انداز بيان جي منڊ ۾ منڊجي ويا. هن گالهه پوري ڪئي تہ هڪڙي چوڪريءَ بي‌اختيار ٿي چيو.

"اوه....اٽ ساؤنڈس سو رومانٽڪ oh, it Sounds so "Romantic!

"هي تہ والٽر اسڪاٽ جي ناول جو ڪردار ٿو لڳي."

ٻي چوڪريءَ چيو.

"ان شيردل خان جو نالو مون تہ رکيو ويو." هن تمام هيٺائين آواز ۾ گالهه شروع ڪئي. "مونکي محسوس ٿيو تہ جڻ مان پنهنجي دور کان ڇڇندو ٿو وڃان. منهنجي شخصيت ان نالي جي بار هيٺان ڇيپائجي ٿي وڃي. جڻ شيردل خان ماضيءَ مان نڪري منهنجي شخصيت جي انفراديت کي گڙڪائيندو ٿو وڃي. مون هڪان چونڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو نالو مٽائي ڇڏيو. مان ماضيءَ کي ۽ ماضيءَ جي سڀني مٽسز ۽ ليجينڊز کي ڊس اون ٿو ڪريان ۽ نئين دور جي نون مٽسز، نون ليجينڊز ۽ نئين انسان جي آجيان ٿو ڪريان."

"نئون انسان! هڪ نوجوان جنهن ايليٽ کي پڙهيو هو تنهن ٿوڪ زنيءَ سان چيو، "اعليٰ قدرن کان خالي، وفادارين کان خالي. خالي ۽ کوکلو انسان! هالو مين!"

"نئون انسان خالي ۽ کوکلو آهي، هالومين آهي تہ

هنجي پڌا ٿيڻ تي ايلٽيٽ وانگر ماتم چو ٿا ڪريو. هنکي قبول چو نٿا ڪريو.“

ڪار تي واپس ورندي سڪينہ خوشيءَ ۾ لڙندي چيو.
”يو آر ونڊرفل. تو ته ڪمال ڪري ڇڏيو.“
”سرڪس جو اهو مشڪرو به ته ڪمال ڪندو آهي جنهنجي دل رئندي آهي پر هو ڪلائيندو آهي.“
”ڊونٽ ٽاڪ رات. جيئن لاه سيني کي کو نہ کو پارٽ ادا ڪرڻو ٿو پوي. کو نہ کوماسڪ پائڻو ٿو پوي. ائين مسڪين صورت ٿاهي چو ويٺو آهين. توکي پنهنجي لکل جوهرن جي خبرئي ڪانهي، تنهنجي شخصيت ڏاڍي دائنامڪ ۽ ميگنيٽڪ آهي، تون تمام سٽوڪنور سيشنسلسٽ آهين، توسيني کي امپريس ڪيو آهي. اڏڪان وڌيڪ چوڪريون توتي فدا ٿي پيون هونديون ۽ مونکان جيلس هونديون. مان هننکي چڱيءَ طرح سڃاڻان، سونکي توتي فخر آهي، هاڻي سڀ ڪجهہ ٽيڪ ٿي ويندو.“

سڪينہ هنکي ڪوائر تي چڏي وئي. ڪٽ تي ليٽيو ته هنکي پنهنجو پاڻ ڪان بيزاري ٿيڻ لڳي. هو ڪڏهن اٿيو ۽ هڪڙي واهيات بار ۾ وڃي شراب پيتائين. رات جو دير

سان گهر موٽيو. اڇ سان ڪٽ تي ڪريو ۽ سمهي پيو.

پنهنجي جو هنجو راتوڪو نشو ٽٽو ۽ هنجي اک کلي وئي. مغز تي بار، نڙيءَ ۾ آج جا ڪنڌا! هو ٽپ ڏيئي اٿيو ٿو. اوچتو هنکي مغز ۾ سور ٿيو. ساري بت ۾ سور، اڇ رات ڪنهن هنکي مار ڪيڊي هئي ۽ هنجو سنڊ سنڊ ٿي سور ۾ چيچلايو. هو ٻئي هٿ متي ڪي ڏيئي ويهي رهيو، اکيون ٻوٽي زور سان ڪنڊ ڪي ڏوڙيائين ۽ ٻوءِ آٽي گهگيءَ مان ۽ گلاس پاڻيءَ جا ٻيٽائين ۽ ٻوءِ وري اچي ڪٽ تي ليٽيو ۽ اکيون ٻوٽي نند جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر هن کي نند نه آئي. اکيون پٽي دريءَ کان ٻاهر نهاريائين. ٻاهر صبح جو سوجهرو پکڙجڻ لڳو هو. زندگيءَ جا آواز ڪر موڙي نند مان جاڳي پيا هئا. پکين لاتيون لنوڙ شروع ڪيون هيون ۽ آسمان ۾ ڏينهن جي روشنيءَ کان ڊنل ۽ هيسيل تارا پوين پساهن ۾ هئا.... هن پنهنجي دل تي بار محسوس ڪيو، هنجي دل تي بار ڇو هو؟ هنجي اندر ۾، ڪمري ۾ چانيل اونده وانگر اداسي جي اونده ڇو چانيل هئي، هنکي رات واريون سموريون ڳالهيون ياد پيون ۽ هو پنهنجو پاڻ کان شرمسار ٿيڻ لڳو. رات هو پنهنجي قبر پاڻ کوٽي آيو هو، پنهنجي سوري پاڻ سينگاري آيو هو. هن پنهنجو پاڻ سان ويساه گهاتي ڪئي هئي، پنهنجي آدرشن ۽ پنهنجي خوابن سان ويساه گهاتي ڪئي هئي، ڇا جا خواب؟ ڇا جا آدرش؟ سڀ ڪوڙ آهي، دوکو ۽ دولاب آهي، هرڪو

هرڪنهن سان ويساه گهاتي ٿو ڪري، مون ته پنهنجو پاڻ سان ويساه گهاتي ڪئي آهي.... زات جو اخبار ۾ نوڪري.... پريس جا آواز.... ملباري جي چانهن، مسڪوبند، ۽ ملباريءَ جي ماني.... ملباريءَ جي ماني جي تصور سان هنڪي اچڻ لڳي، هيءَ به ڪا زندگي آهي. ڪمري ۾ اونده! فرش تي پکڙيل سگريٽن جا ٽوٽا، ڪمرو چڙ وڙو ايش ٽري آهي جنهن ۾ سگريٽن جي ٽوٽن سان گڏ هو به ڪنڊو ٿو رهي، زندگي پاڻ ايش ٽري آهي، ڪنڊڙ گهڙين جا ٽوٽا، اڻ پورن آسن، اميدن ۽ حسرتن جا ٽوٽا، راتين جي رڪ.... زندگي گلدان به ته ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ آسن ۽ اميدن جا موتيا مرڪي سگهن ٿا. هن تصور ۾ وڏو شاهي بنگلو ڏٺو.... وڏو دالان.... لان ۾ رنگ برنگي خوشبودار گل.... سائي سائي ڇهر.... هو ۽ سڪينڊ ڪرسين تي لان ۾ ويٺا آهن.... سڪينڊ ڪوپ ۾ ڪافي ٿي وجهي، فضا ۾ ڪافي، تماڪ ۽ گلن جي مهڪ آهي، سامهون ڇهر تي ڪاڙها ڪٽولڙا پارڙا راند ڪيڈن....ڪيڈي نه حسين زندگي! ان زندگيءَ جي تصور سان هنجي چپن تي مرڪ تري آئي ۽ هو پاسو وراڻي سمهي پيو.

هن وسڪيءَ جو آخري پيگ خالي ڪيو ۽ سگريٽ ڪڍائي اونهو سوٽو هنيائين. هن جي اکين تي شراب جو

خمار چڑهيل هو جنهن ۾ هر شيءِ خماريل ۽ ننڍا ڪڙي ٽي نظر آڏي. شراب سان هنجي اکين تي ته خمار جو ڏنڊ چاڻجي ويندو هو پر هن جي دل تان سارو ڏنڊ، ساري ميز ڏوپجي ويندي هئي ۽ هو پنهنجي هڪ هڪ جذبي، هڪ هڪ خواهش ۽ هڪ هڪ ڏک ۽ سور کي چٽيءَ طرح ڏسي سگهندو هو.

هن بل ڏنو ۽ بيري کي پنج روپيا بخشيش ڏنائين. بيري کي بخشيش ڏيڻ مهل هنجو هٿ هڪ خاص انداز سان کڄيو ۽ بيري جي سلام جي جواب ۾ به هنجو ڪنڌ ان ساڳي انداز سان لڏيو. هن کي خبر هوندي هئي ته هو چا ڪري رهيو آهي ۽ چو ڪري رهيو آهي ۽ جو ڪجهه ڪري رهيو آهي ان جي پٺيان ڪهڙو جذبو ۽ ڪهڙي خواهش آهي.... بيري کي بخشيش ڏيڻ مهل هن پنهنجي ڪجيل هٿ ۽ ڪنڌ لوڏ سان پنهنجي خودپرستي ۽ انايت کي ڏنو. ٿوريءَ دير لاءِ هنجي دل ۾ خيال ٿيو ته ڪينئن نه پورهيت، پلٽهار ۽ سرجٽهار هٿ، بخشيش وٺڻ لاءِ ٻڌي جي اڳيان وڃن ٿا.... "هون...!" هو ٿوڪ سان پنهنجو پاڻ تي کليو. اها به خودپرستي! پنهنجي شخصيت جي شوڪيس ۾ انساني همدرديءَ جي ماڊل جي سجاوٽ! هو ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ باهر وڃڻ لڳو. هوٽل جي ڪاريڊور ۾ به شرابي هڪ ٻئي جي ڪلهن تي هٿ رکي، هڪ ٻئي جي آڌار تي ٽڙندا ٽاپڙندا، آٻتا سٻتا پير کڻندا، باهرتي ويا. انهن مان هڪڙي شرابيءَ ڪنڌ ڦيري، چنڇهيون اکيون

ڦاڙي، هن ڏانهن نهاريو. شرابيءَ جي اکين ۾ عجيب وحشت هئي هو شرابيءَ جي وحشي نهارڪان ڊڄي ويو ... پوءِ شرابيءَ جون وحشي اکيون مرڪي پيون، سندس چپن تي مرڪ مڙي آئي. هن کي شرابيءَ جي مرڪ ۾ پنهنجائپ محسوس ٿي، ”مون هميشه اوپرن جي پنهنجائپ‌تي ويساهه ڪيو آهي.“ اهو جملو هن الائجي ڪهڙي ڪتاب ۾ پڙهيو هو ۽ هينئر ان شرابيءَ جي پنهنجائپ واري مرڪ کي ڏسي اهو جملو هنجي هانءَ تي تري آيو. هنکي به شرابيءَ جي اوپري پنهنجائپ تي ويساهه اچي ويو. شرابيءَ پنهنجو ٻي ستو هٿ کڻي، ڏنگي ڦڏي انداز سان هنکي سلام ڪيو. هن کيس سلام جو جواب ڏنو ۽ پوءِ ان شرابي ٻانهن ورائي دوست جي ڪلهن تي رکي ۽ ٽڙندو ٽاپڙندو، هوٽل مان ٻاهر نڪري ويو.

هنکي ان شرابيءَ سان ڏاڍي ريس ٿي. هنجي به دل چوندي هئي ته شراب پيئڻ ڪانپوءِ هڪا پير ٽڙن ۽ ٽاپڙن، پر هن جا پير وڌيڪ مضبوطيءَ سان زمين ۾ کپي ويندا هئا، هن جي زبان وڌيڪ توري تکي لفظ اڇاريندي هئي، هن جي دل چهو ته جهڪرهو به ان شرابيءَ وانگراوپري ماڻهوءَ لاءِ پنهنجائپ محسوس ڪري پر هن ته هميشه پنهنجن کي به اوپرو ۽ پراڻو سمجهيو هو.

هوٽل مان نڪري هو ڪار جي پرسان اچي بيٺو ۽ اکيون ڪٽي پنهنجي چوڌاري نهاريائين. رات گهٽي گذري چڪي هئي، رستا خاموش هئا ۽ رستن جون مرڪيوري

روشنيون ۽ نيوسائينرز وڌيڪ تيزيءَ سان جرڪي رهيون هيون. هن ڪنڌ ڪٽي آسمان ڏانهن نهاريو، آسمان هنڪي ڏاڍو اونداهو ۽ پوائنٽو لڳو ۽ الائجي ڇو هنڪي اڪيلائي جو احساس ٿيو. اوپروآسمان، اوپري ڏرتي، اوپريون روشنيون اوپرا ماڻهو. چٽي طرف واڪا ڪندڙ ويراني. هنڪي لڳو ڄڻ هو ڏرتيءَ تي پئدا ٿيل پهريون انسان آهي. هنجي جسم مان اڃان ٻيو جسم نہ ڦٽو آهي، هو ڏرتيءَ جي گولي تي اڪيلو ٻيٽو آهي، بي رحم فطرت جي بي رحم قانونن جي پل ۾ ٻيٽل اڪيلو، ازلي ۽ بي وس انسان! هن يڪدم ڪار جو در کوليو ۽ ڪار ۾ ٽي ويٺو.

اڄ هن جمخاني يا ڪنهن ڪلب ۾ وڃي شراب پيئڻ جي بدران هن هوٽل ۾ اڪيلي شراب پيتو هو، اڄ هن پنهنجي زندگيءَ جي ڏينهن راتين، ڏ ڪن سکن جي بٽلنس شيٽ کولي پنهنجو پاڻ سان ڊپازٽ، ڪريڊٽ، انٽريسٽ، ڪمپاؤنڊ انٽريسٽ جو حساب چڪتو ڪرڻ ٿي چاهيو. ٽڪ .... ٽڪ ....ٽڪ! خوشين ۽ غمن جي بٽلنس شيٽ، سماجي رتبي جو ڪريڊٽ ڪارڊ، وڏي نوڪريءَ جو لاڪر، خوشين جواوور ڊرافٽ، انٽريسٽ، ڪمپاؤنڊ انٽريسٽ، اوه آءِ ايم بٺنڪ ڪرپٽ! پر شايد بٽلنس شيٽ ۾ ڪا غلطي رهجي وئي، ڪمپيوٽر ڪان غلطي ٿي وئي، اڄ ته وري حساب ڪريون.

هنجي سڪينہ سان شادي ٿي. سڪينہ پاڻ سان ڪار آندي، بنگلو آندو، بئنڪ بئلنس آندو. اهو بنگلو ٿي هنجي خوابن جو بنگلو هو. وڏا ڪشادا ۽ روشن ڪمرا. هرهڪ ڪمري ۾ ٽلهي بج وارا قالين جن تي گهمڻ سان ائين ٿي لڳو جڻ ماڻهو خواب ۾ گهمي رهيو آهي. درن ۽ دريون تي لڙڪندڙ ٽلها پردا، اڳيان وڏو لان جنهن ۾ رنگ برنگي گل، لان تي وڇايل ڪرسيون، هوا ۾ گلن، ڪافيءَ تماڪ ۽ سڪينہ جي بدن مان اٿندڙ خوشبو. سوشل گيدرنگز، سوشل ڪانٽيڪٽس، برج پارٽي، برٿ ڊي پارٽي، ڪاڪ ٽيل پارٽي. گليمر ٿي گليمر! چا هو خوش هو؟

هنکي پنهنجي شاديءَ جي رات ياد آئي. ساري شهر جي ايلائيٽ اچ ي گڏ ٿي هئي. سونهن، جواني، رنگ، خوشيون، هيڪارون، مرڪون، ٿهڪڙا! ان رات هوڪيڏو نہ اهم هو. جڻ ساري ڪائنات هن لاءِ تخليق ڪئي وئي هئي. جڻ هو عرش تان فرش تي لٿو هو ۽ شهر جا سڀ معزز ۽ معتبر ماڻهو هنجي سلاميءَ لاءِ آيا هئا. هڪ ورانگ سان هن ڪيترا نہ سماجي فاصلا اورانگهي چڏيا هئا. هر گذرندڙ گهڙي هنکي سماجي بلندين ڏانهن وٺي ٿي وئي. مٿي، تمام مٿي. جتي هنجو ماضي، هنجي گذريل زندگيءَ جو ڪو ڏڪ سور هن ڪائين پهچي نٿي سگهيو. ان رات

هو ماضيءَ کان ڇڇي، ڏار ٽي، زندگيءَ جـي نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو هو. ماڻهوءَ کي پنهنجي نئين پڻ جون عجيب وٽندڙيادون هونديون آهن، پر هنکي پنهنجي نئين پڻ، پنهنجي جواني، پنهنجي زندگيءَ جي کنهن بـ گهڙيءَ سان کاڌ وٽندڙ ياد وابسته نـ هٿي. هن پنهنجي نئين پڻ کي، پنهنجي ماضيءَ کي، پنهنجي وجود، پنهنجي هستيءَ مان ڪني ۽ ڪريل گوشت وانگر وڌي اچلائي ڇڏيو هو.... هنکي وري اها گهڙي ياد پئي جيڪا ميلاپ جي گهڙي هٿي. تخليق جي گهڙي هٿي سڪينہ ڪنوار ٿـي سيج تـي ويٺي هٿي. ڪانوينٽ ۾ پڙهيل، آمريڪي اچارسان انگريزي ڳالهائيندڙ سڪينہ اڄ مشرقي عورت وانگر حجاب جي هزار پڙدن ۾ پاڻ لڪائي سيج تي ويٺي هٿي. ڪينٿن هوءَ هنجي ڇهاءَ سان شرم ٻوڙيءَ وانگر ٻوڙجي وئي هٿي ۽ پوءِ ڪينٿن بند مڪڙيءَ وانگر ڦڙي پئي هٿي. ڪينٿن ٻنهي جا انگ آلاپ ۽ سنڌ سُر ٿيا هٿا. ڪينٿن ٻن جسمن هرتال ٿي تخليق جي راڳڻي ڳاتي هٿي ۽ پوءِ جڏهين اها راڳڻي پنهنجي تڪميل تي پهتي هٿي تڏهين..... هن ويهاڻي ۾ منهن لڪائي بي آواز، بيزبان گونگيون ۽ لڙکن کـان خالي اوچنگارون ڏنيون هيون، سڪينہ سان جسماني ميلاپ کانپوءِ به هنکي ڪراهيت محسوس ٿي هٿي ۽ ان گهڙيءَ هنکي خبر پئي هٿي تہ هن جو سڪينہ سان پيار نـ هو. هن وري پنهنجي حيواني جذبي، جسم جـي وحشي گهرجن، وحشي لالچ ۽ اندّي هيچ کي محبت سمجهيو هو. ڇا هو جذبي جو اهو

دوکو، زندگيءَ جو اهو فريب برداشت ڪري سگهندو. ساري زندگي ڪراهيت جي ان کوڙ کي سهي سگهندو؟ شايد سيڻي سلن ائين ٿيندو آهي. شايد سيڻي جو جذبو تڪميل کانپوءِ ڪراهيت وٺ اڇي ختم ٿيندو آهي. هنکي اهي چوڪرپڻ ياد آيون جن جسماني ميلاپ کانپوءِ، جذبي جي تڪميل کانپوءِ ڪراهيت جي بدران هن لاءِ وڌيڪ پيار محسوس ڪيو هو. اهڙو پيار جيڪو جسماني خواهش ۽ جذبي جي بار کان هلڪو ٿيل هيو. ڪيئن هو ان پيار هٽان مجبور ٿي هنکي چنبڙنديون هيون، چمنديون هيون. اهو کوڙ آهي نه هيڏو عظيم جذبو، تخليق جو راڳ، ڪراهيت تي ختم ٿئي ٿو. صرف اهو جذبو ڪراهيت تي ختم ٿئي ٿو جنهن ۾ پيار نه آهي جيڪو رڳو وحشي جسم جي وحشي گهرج آهي. هنجو به سڪينه سان پيار، پيار نه هو پر جسم جي وحشي گهرج، هيچ ۽ لالچ هو جيڪو تڪميل کانپوءِ، ڪراهيت تي ختم ٿيو هو.... من سوچيو: هٽ نه ايندڙ شيءِ کي هٽ ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ ۾ ڪيڏي نه تڙپ، بيتابي ۽ لوچ هوندي آهي. پر جڏهين اها شيءِ هٽ اچي ويندي آهي ته پهرين ته ماڻهو ان ڏي ڪان نه ٻڌائندو آهي. دل ۾ لاحاصل کي حاصل ڪري وٺڻ جي عجب سرشاري ۽ سرمستي هوندي آهي. پر پوءِ ڏچندي ٻچندي ٻڪوڙيل مٽ کولينڊو آهي ته اندران رڪ نڪرندي آهي. محبت رڪ آهي، حسن رڪ آهي، جواني رڪ آهي. جلندڙ

جذبا، تازا نوان نکورا احساس پاروٽا ٿي وڃن ٿا. ڇا هن ايجادن جي دور ۾ کو اهڙو هات کيس ايجاد نه ٿيو آهي جنهن ۾ نوان نکورا جذبا رکجن ۽ کڏهين به پاروٽا نه ٿين. کو اهڙو ماسٽر پلو نه ٿيوآهي جنهن تي ٽڪل روح جو سارو ٽڪ لهي وڃي. کو اهڙو فرجيٽرکونهي جنهن ۾ جلندڙ جسم کي رکجي ۽ جسم جي پور پور ۾ ٽڏکار پيهي وڃي. کو اهڙو شاپنگ سينٽر کونهي جتي روڳي روح ۽ جلندڙ جسم جي درد جي دوا وکامندي هجي. عورت ۾ اڳڻ ۽ انگيءَ جي اسرار کانسواءِ کو اسرا کونهي. پاروٽا انگ، اوباريل بدن، گچيل گپ! ساڳي بيزاري، ساڳي کراهيت، ساڳيون اپٽايون!

هنجو ۽ سڪينهه جو رشتوسماجي طور ٿ، سچ جو رشتو هو پر اصل ۾ اهو کوڙ جو رشتو هو، روحن جو کوڙ، جسمن جو کوڙ، جذبن جو کوڙ! ان کوڙ کي ساري زندگي هنکي سچائيءَ سان نپائڻو هو. ٿوري عرصي ۾ سڪينهه هنجي پيار جي سچائيءَ جي ان کوڙ کي پرکي ورتو. پيار، پيار جي سچ ۽ کوڙ کي پاڻمرادو پرکي ونڊندو آهي. سڪينهه به هنجي پيار جي کوڙ کي پرکي ورتو ۽ جيتوڻيڪ هو سڪينهه سان ڏاڍو سٽو ورتاءُ ڪندو هو پر تنهن هوندي به سڪينهه جي روپي ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو. سياڻ ۾ چڙ، اجاڊو هٽ ۽ اجائي هوڏ، ڳالهه ڳالهه تي ٽوڪ، کونه کو اهڙو اڪر ضرور ڳالهائيندي جيڪو کاريهر وانگر سڏو سنئون، هنجي روح کي وڃي ڏنگيندو. سڪينهه جي روپي ۾ آيل

ان ڳيري کي ڏسي هو ڏاڍو حيران ٿيو شاديءَ کان اڳ سڪينءَ جي سياڻپ ۽ ڪيڏي نه سونهن ۽ مٺاج هئي. هنکي چٽيءَ طرح ياد هو هڪ ڏينهن پنهنجي ڪوارٽر جي اڏ اونداهي ڪمري ۾، ڪٽ تي ليٽي، دريءَ کان ٻاهر آسمان ۽ ٽمڪندڙ تارن ڏانهن نهاريندي، هنکي شاه سائينءَ جو بيت ياد آيو هو،

هن تاري، هن هيٺ، هت منهنجا سپرين
سڄڻ ما کيءَ ميٺ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين.

هاڻي ته سڪينءَ نسوري ڪوڙاڻ هئي. شاديءَ کان اڳ هنکي سڪينءَ ۾ اها ڪوڙاڻ، اهو هٽ ۽ هوڏ، ڇو نه نظر آيا هئا. شايد شاديءَ کان اڳ، محبت ڪرڻ وارا، پنهنجي پنهنجيءَ شخصيت جي اصليت کان آڏي، مٿيرو اڇي، هڪ ٻئي سان ملندا آهن ۽ پوءِ جڏهن جذبي جو زور شور گهٽجي ويندو آهي تڏهين ٻئي پنهنجي پنهنجي اصلي شخصيت جي متاڇري تي لهي ايندا آهن ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي اصليت ڏسي حيران ٿيندا آهن. يا شايد محبت ڪرڻ وارا هڪ ٻئي کي، پنهنجي پنهنجي رنگ برنگي جذبي جي آئيني ۾ ڏسندا آهن ۽ هنکي هڪ ٻئي ۾ سونهن جا هزارين رنگ ۽ هزارين روپ نظر ايندا آهن ۽ پوءِ جڏهين جذبي جو هڪ هڪ رنگ لهڻ لڳندو آهي ۽ اصلي رنگ آپرندو آهي، تڏهين ٻنهي کي هڪ ٻئي جو اصلي روپ نظر ايندو آهي. يا ٿي سگهيٽو ته هنجون مفلس ۽ محروم اکيون سڪينءَ جي طبقاتي گليمر ۾ الڪيون هيون ۽ هن سڪينءَ

کي نہ پر سکيندا جي طبقاتي گليمر کي ڏڻو هو ۽ سکيندا کي سندس طبقي جي گليمر کي ماڻڻ جو وسيلو سمجهيو هئائين.

هنکي خبر هئي ته شادي ۽ کان اڳ سکيندا جو پنهنجي ڪزن خالدي ۽ سان پيار هو. هو خالدي ۽ کي ڏکرائي هن وٽ آئي هئي. پر پوءِ آهستي آهستي سکيندا وري خالدي ۽ ڈانهن مائل ٿيندي وئي. هو جڏهين به سکيندا ۽ خالدي ۽ کي گڏ ڏسندو هو ته هنجي دل ۾ ساڙ جي باه پڙکي پوندي هئي. خالدي سکيندا ڈانهن نهارينڈو هو ته هنجي اندر ۾ قبائلي وحشي مرد جاڳي پوندو هو ۽ هنجي دل چوندي هئي ته هو باز وانگر لامارو ڏيئي هنجون اکيون کيڏي ڇڏي. هو اندر ئي اندر پيو سڙندو ۽ پجرندو هو. پر خالدي ۽ سکيندا هنکي ليکندائي نہ هئا. خالدي هنجي گهر ايندو هو ته پريان کان سکيندا کي سڏ ڪندو ايندو هو. هو خالدي ۽ سان ملندو ۽ کيس کيڪاريندو هو ته هو ڏاڍي لاپرواهي ۽ سان هنجي ڪيڏ جو جواب ڏيئي، سکيندا سان گالهين ۾ مصروف ٿي ويندو هو. هنکي ان گالهه جو پورو پورو احساس هو ته خالدي هنجي آڏو ڪجهه به نہ هو. خالدي هنجي آڏو پنهنجو پاڻ کي گهٽو گهٽ محسوس ڪندو هو ۽ پنهنجي گهٽتائي ۽ جي ان احساس کي مٽائڻ لاءِ هن هن سان اهو

رويو اختيار ڪيو هو. پر جڏهين ڪان سڪيو خالديءَ ڏانهن مائل ٿي هئي، هن ڪي به خالديءَ آڏو گهٽتائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو هو.

ڪڏهين ڪڏهين هو سوچيندو هو ته جڏهين هنڪي سڪيو سان پيار نه آهي ته پوءِ هو سڪيو لاءِ ساڻ ڇو ٿو محسوس ڪري؟ ساڻ ته پيار مان پيدا ٿيندوآهي. ڇا هنجو اهو ساڻ، اهو جلندڙ جذبو، هنجي پيار جو بدليل روپ هو؟ نه، هنجو ساڻ، پيار جو بدليل روپ نه هو پر آهو حيواني جذبو هو جيڪو ماڻهو پنهنجي ملڪيت ۾ ٻئي ڪي پا گيپائيوار ٿيندو ڏسي محسوس ڪندو آهي. شيئن پنهنجي شڪار ڪي چيرينڊو ڦاڙيندو آهي، پر جڏهين ڪو ٻيو ان شڪار ۾ پا گيپائيوار ٿيندو آهي ته انڪي به چيري ڦاڙي ڇڏيندو آهي ڇا انڪي پيار سڏي سگهجي ٿو؟ يا شايد هنجو اهو ساڻ، گهٽتائيءَ جو اهو احساس هو جيڪو هن خالديءَ آڏو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هو.

خالديءَ پنهنجو نئون بنگلو ٺهرايو ۽ سيني ڪي هاؤس وارمنگ پارٽي ڏنائين. هن خالديءَ جي پارٽيءَ ۾ وڃڻ نٿي چاهيو. هن بيماريءَ جو بهانو ڪيو ۽ سڪيو ڪي چيائين ته هو خالديءَ ڪي فون ڪري ته خالدي ڪيس اڇي وٺي وڃي. شام جو سڪيو تيار ٿي ويٺي، اڄ سڪيو ڏاڍي سهڻي ٿي لڳي، ٿوريءَ دير ڪانپوءِ خالدي هنڪي وٺڻ لاءِ آيو. سڪيو ۽ خالدي ٻنهي مان ڪنهن به هنڪي پارٽيءَ ۾ هلڻ لاءِ زور نه پريو. هو ٻئي ڪلندا گالهائيندا ڪار ۾ وڃي

ويٺا ۽ هو اندر ئي اندر سڙندو پچرندو رهيو. هن تصور ۾ سڪينہ ۽ خالديءَ کي کلندو ڏٺو، ٻنهي جي چپن تي مرڪ کي نچندو ڏٺو، ٻنهي جي اکين ۾ بي‌نام چمڪ کي چمڪندو ڏٺو. سڪينہ جا اهي ٽهڪ اها مرڪ ۽ اکين جا اها بي‌نام چمڪ هنجي‌هٿي، هن لاءِ هٿي، پر خالدي هنکان اهي ٽهڪ اها مرڪ ۽ اکين جي اها بي‌نام چمڪ کسي ورتي‌هٿي. هن ٻنهنجي اندر جي آندڻ مانڊ کي ختم ڪرڻ لاءِ شراب پيئڻ شروع ڪيو. آڌيءَ رات تائين شراب پيئندو رهيو، شراب هنجي ساڻ جي باه کي وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏيو. هنجي اندر ۾ ويٺل قبائلي وحشي مرد، تهذيب جا زنجير ٽوڙي، هٿ ۾ پالو کڻي بيهي رهيو.

آڌيءَ جو خالدي سڪينہ کي ڇڏڻ لاءِ آيو. هن کار جو آواز ٻڌو، سڪينہ ۽ خالديءَ جي بي‌سبب ٽهڪڙن جو آواز ٻڌو. سڪينہ جي پيرن جو آواز ٻڌو جيڪو آهستي آهستي هنجي ويجهو ايندو ٿي ويو. در کلڻ جو آواز ٿيو. هن جي اندر ۾ پالو کڻي ويٺل نانگي ۽ وحشي قبائليءَ ڀڙڪو ڪاڌو، سامهون سڪينہ بيٺي هٿي، اڄ هو کيڏي نہ سهڻي ۽ کيڏي نہ پياري ٿي لڳي.

”هاڻي طبيعت ڪينئن اٿئي؟“ سڪينہ لاپرواهيءَ سان پڇيو.

”ٺيڪ آهيان.“

سڪينہ سامهون صوفي تي ٿي ويٺي.

”سڪينہ، مونکي توسان ڪجهہ گالهائڻو آهي.“

"گالهائڻ لاءِ ساري زندگي پئي آهي، هينئر مان ٿڪجي پئي آهيان."

"سڪينہ، توکي منهنجي گالهہ ٻڌڻي پوندي."

"چئہ. ڪهڙي گالهہ آهي."

"مونکي تنهنجي خالدي ۽ سان گهرائپ پسند نہ آهي."

هن جي گالهہ ٻڌي سڪينہ ڪجهہ منهن مٿي ڪري هن ڏانهن نهاريو، سندس منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هو. هوءَ ڪجهہ ڪ هن ڏانهن نهارندي رهي. پوءِ آهستي آهستي هنجون ڪاوڙ ۾ تاڪيل منهن جون تنتون ڍيلون ٿي ويون ۽ سندس چپن تي مرڪ تري آئي. اهڙي مرڪ جيڪا چتر هئي، ٺٺولي هئي، هوءَ يڪدم ٽپ ڏيئي اٿي ۽ بيڊ روم ۾ وڃي ڪنڊو اندران بند ڪري ڇڏيائين.

"سڪينہ....سڪينہ...." هو هن جي پٺيان پٺيان سڏ ڪندو ويو. در تي بيهي سڪينہ کي منٿون ڪندو رهيو پر سڪينہ در نہ کوليو.

ان ڏينهن کان پوءِ هن ڪڏهن بہ سڪينہ ۽ خالدي، جي دوستيءَ تي اعتراض نہ ڪيو.

هو ڪيترو نہ هيٺ ڪرندو ٿي ويو. پستيءَ جو ڪو انت نہ هو! ڪڏهين ڪڏهين هن کي پنهنجو پاڻ ڪريل سڙيل لاش جي ڏپ ايندي هئي، هن جي اندر ۾ ڪا شيءِ ڇڄي پري ۽ ڏهي پئي هئي، هنجي اندر ۾ ڪا مسيت هئي

جنهن جا محراب ڏهي پيا هئا، ڪومندر هوجنهن جا ڪلس ڪري پيا هئا،ڪا گرجا هئي جنهن ۾ نندڙي عيسيٰ ڪي هنج ۾ ڪٽي بينل مريم جو بت منهن پر اڇي پٽ ٻيو هو.

هنکي پنهنجو پاڻ مان جنهن گهريل سڙيل لاش جي ڏپ ايندي هئي اهو ڪنهنجو لاش هو؟ شايد اهو هن جي خواب جو لاش هو، هنجي آدرش جو لاش هو، يا هن جو پنهنجو لاش هو. سوال اهو هو ته، ڇا واقعي هن وٽ ڪو خواب ۽ ڪو آدرش هو؟ ڇا هن جي اندر ۾ ڪا مسيت، ڪومندر، ڪا گرجا هئي؟ ڇا هو پنهنجي خواب، پنهنجي آدرش ۽ پنهنجو پاڻ سان سچو هو؟ يا هن پنهنجي شخصيت جي شوڪيس ۾ سٺن سٺن خوابن ۽ آدرشن جا ماڊل سجايا هئا جيڪي هن ڪليرنس سيل ۾ رڊڪشن سيل وڪڻي ڇڏيا هئا.

جيڪو انسان ڪنهن ڪ انسان سان پيار ڪري نٿو سگهي اهو ڏرتيءَ جي ڏکاريل، لتاڙيل ڪنن ڪوجهن انسانن سان ڪيئن پيار ڪري سگهي ٿو. هنکي پنهنجو پاڻ، پنهنجي سک ۽ آرام کانسواءِ ڪنهن سان به پيار نه هو. هنکي پنهنجو پاڻ مان جنهن گهريل سڙيل لاش جي ڏپ ايندي هئي اهو ڪنهن خواب يا ڪنهن آدرش جو لاش نه هو پر هنجي "پاڻ" جو لاش هو، هنجي ايگو جو لاش هو، هنجو غم پنهنجو پاڻ تي ترس کائڻ ۽ پنهنجو پاڻکي ايذاءَ ڏيئي ان مان لذت حاصل ڪرڻ کانسواءِ ڪجهه نه هو.

هاڻي هو ٻن ٻارن جو پيءُ هو. هنکي پنهنجي ٻنهي

هارن سان پيار نه هو. هو آفيس مان ايندو ته ٻئي پار ڊوڙي اچي هنجي چنگهن ۾ وڃڻندا، هو مشيني انداز سان ٻنهي سان پيار ڪندو، ساڳي انداز سان سڪينه سان ڳالهائيندو، هوءَ ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙي ويئي هوندي، ڪاڻ ڪا اهڙي ڳالهه ڪندي جو هنجو اندر سڙي ويندو، هو ٻنهنجي ڪمري ۾ اچي ليٽندو، اڪيلو ئي اڪيلو! ڪتاب پڙهندو يا سگريٽ دڪائي خيالن جي بيابانن ۾ ٽڪندو، ٻنهنجو پاڻڪي حالتن جو شهيد سمجهندو، ٻنهنجي خود رحمي ۽ خود ترسي مان سرڪيون پريندو. آخر هو زندگيءَ کان ڇا ٿو گهري؟ جي ڪجهه هن زندگيءَ کان گهريو هو، سوسڀ زندگيءَ هنکي ڏنو هو، پوءِ هو ٻنهنجو پاڻڪي "شهيد" ڇو ٿو سمجهي هو گهر ۾ ائين رهيل هو جيئن ڪو ويٽنگ روم ۾ رهندوآهي. هنکي ڪنهنجو انتظار هو؟ جنهن ريل جو هن کي انتظار هو سا ته ڏهوڪو آئي به ۽ لائين تان لهي به وئي، پوءِ هاڻي هو ڪنهنجو انتظار ٿو ڪري؟ ڇا هو ڪڏهن به زندگي کان مطمئن نه ٿيندو، ڇا هن جي دل ۽ روح تان ڪڏهين به غلاظت ۽ گندگي نه ڌوپبي، ڇا هو ڪڏهين به روح ۽ جسم جي سچائيءَ سان پيار ڪري نه سگهندو، ڇا هو ڪڏهين به جسم ۾ لڪل تخليق جو ازلي نغمو ٻڌي نه سگهندو؟.... هن ٽڪجي مٿو ڪارجي استئرنگ تي رکي ڇڏيو، هن روئڻ چاهيو پر روئي نه سگهيو. سچي ڏک سان وهايل لڙڪ به ته دل تان دکن جي ڏوڙ کي ڌوئي ڇڏيندا آهن ڇا هو ڪڏهين سچي ڏک

سان روئي به نه سگهندو؟

هل ته هلو!ان
هلي پوئيون،
بدن ۾ چڪل خواهشن جون لڙيون!
وسڪيءَ جي جلندڙ جام سان،
سڪايل، ستايل، بدن جي الهام سان
تڙندڙ ٽاپڙندڙ لفظن ۽ لهجي جي ابهام سان!
هل ته هلون،
هلي ڳولينون،
خوابن کان نجات.
خواب جو بي‌ڪفن لاش،
ڳريل ماس،
خواهشن جون ڳڇيون
پٿن ٽپون لاش کي
ڳريل سڙيل ماس کي!
هل ته هلون،
هلي هاريون،
سنڌ، بي‌خواب اکيڙن جون‌هنجون
ڪٽي هاريون؟
نه ڪا دامن نه ڪنهن چنيءَ جو پلاند!
نه....ڪا....دامن....نه....ڪنهن....چنيءَ....جو... پلاند

هاڻي هن جون سانجهيون بيگم نسيم وٽ گذرڻ لڳيون.

بيگم نسيم جي عمر اٽڪل چاليهه سال هئي پر هن جي بدن تي اڃا بهار هئي، هنجي بت ڪي ڏسي ائين لڳندو هو جڻ هنجو جوبن اهڙو ڪورو ٽاڻ آهي جنهنکي اڃان ڪنهن اڻيو نه آهي. هنجو قد ڏگهو ۽ بت ماسيرو هو. ساڙيءَ جو بلاؤز اهڙو چڪيل ۽ تائيل جو سندس شهزور جوبن تنگ پيو چنائيندو هو.

هو پهرين ڏينهن نسيم سان مليو تہ هنجون اکيون هن جي بلاؤز ۾ اٽڪي پيون.

نسيم هڪڙي يورپي فرم ۾ ايڊمنسٽريٽو آفيسر هئي. جهڙو عهدو هيس اهڙوئي سياڻ هيس، رعبدار ۽ ڏکائيندڙ! ساري عمر شادي نہ ڪرڻ جو قسم کنيون هئائين، شادي نہ ڪرڻ جو سبب اهو هو جو هنجي شخصيت جهڪڻ نہ پر جهڪائڻ واري هئي. ڪيترا جهڪڻ وارا مرد هنکي مليا هئا جيڪي ساري زندگي فرمانبردار مڙس ٿيڻ لاءِ تيار هئا پر هو اهڙن مردن کي پسند نہ ڪندي هئي. هن جو خيال هو تہ مرد ۾ حاڪميت جو هجڻ ضروري آهي. مرد جي جنهن خوبيءَ جي اقراري هئي انکان انڪاري نہ هئي ۽ مرد جي ان خوبيءَ کان انڪار ڪرڻ لاءِ ئي هن شادي نہ ڪئي هئي. اهڙن تضادن جي شڪار عورت لاءِ مردن ۾ هڪ عجيب دلنشين ڪشش ٿيندي آهي ۽ هو بہ

هنجي ان ڪشش سان ڇڪجي هن وٽ آيو هو.

هو پاڻ ۾ ڪل چار دوست هئا. هڪ هو پاڻ هو، بي نسيم هئي، ٽيون هڪڙو ڊاڪٽر هو ۽ چوٿون هڪڙو وڏو زميندار هو. ڊاڪٽر شڪل جو سهڻو، ڪرڙوڙي، وارن جون به چار چڳون ۽ نوڪون اڇيون، جن سان سندس شخصيت ۾ گنهير حسن پئدا ٿي ويو هو، هن لاءِ اها گالهه مشهور هئي ته عورتن ٿي هنجو پڪو هو، روز نت نيون ڇوڪريون ڦاسائيندو هو. ڪيتريون عورتون هنجي اها شهرت ٻڌي هروڀرو به بيمار ٿي پونديون هيون ۽ کين ڊاڪٽرجي علاج جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي.

سڀ دوست هنکي ڊاڪٽر زوا گو سڏيندا هئا. هنجي شخصيت، سڀاءُ ۽ زندگيءَ جو ڊاڪٽر زواگو سان ڪو تعلق نه هو. هن ڊاڪٽر زواگو ناول پڙهيو به نه هو پر هو پنهنجي ان نالي سان ڊاڍو خوش ٿيندو هو. ڪنهن هنکي ٻڌايو هوته اهوناول اشتراکيت جي خلاف هڪڙي ليکڪ جو احتجاج هو"مان اشتراکيت جي خلاف جيئروجاگندو احتجاج آهيان...." هو ڊاڍي فخر سان چوندو هو. نسيم هن کي ادا سڏيندي هئي، هوءَ انساني رشتن ۽ ناتن کي روايتي رشتن جي نالن سان سڏڻ جي قائل نه هئي، چوندي هئي: عورت ۽ مرد جي دوستيءَ لاءِ ضروري نه آهي ته هڪ ٻئي کي اهڙن نالن سان سڏجي جيڪي سندن تعلقات جواشتهار هجن. پر ڊاڪٽر کي هوءَ هميشه ادا سڏيندي هئي، الائجي ڇو هنکي پنهنجي ۽ ڊاڪٽر جي رشتي جي تشهير جي

ضرورت محسوس ٿيندي هئي.

زميندار جو نالو اختر هو پر دوست هنکي راسپوتين سڏيندا هئا. هن ۾ به راسپوتين واري کا خصلت نه هي، پر کنهن دوست کيس پڌايو هو ته هنجون اکيون راسپوتين وانگر عقابي هيون، هن پنهنجي شڪل صورت ۽ دول ديل راسپوتين جهڙو بڻائي چڏيو هو. کنڀريل ڏاڙهي، چپن تي لڙکيل مڇون، ڊگها ۽ بيترتيب وار. هو هر عورت تي عاشق ٿي پوندو هو پنهنجي عقابي اکين سان هنکي پنهنجي شخصيت جي منڊ ۾ منڊڻ جي کوشش کندو هو پر پاڻ هنجي سونهن ۽ جواني جي منڊ ۾ منڊجي ٽڏا ساهه کڻندو هو. نسيم هنکي به ادا سڏيندي هئي.

شام ٿيندي ته چارئي بيگم نسيم جي گهر ۾ گڏ ٿيندا، هرکو پنهنجي پنهنجي بوتل کڻي ايندو ۽ پنهنجي پنهنجي بوتل مان وسکي پيئندو. تاس راند شروع ٿيندي. ماڻهن، سندن روين، سوسائٽي ۽ سياست جي باري ۾ گفتگوٿيندي گفتگوکندي پنهنجي ديس ۽ ديس واسين جو ذکر اهڙي ٽوڪ سان کندا جڻ هو پاڻ هن ديس جا رهواسي نه هئا ۽ هنجو هن ديس سان کو تعلق نه هو.

"هڙو ملڪ ۽ هڙا ماڻهو دنيا جي تختي نه هوندا."

"بيايمان، سست، کرچور، جاهل!"

"هو صدين کان اونداهين ۾ ٽا رهن، هنکي کنهن روشني ڏيکاري ئي کانهي، هنن جي اکيان سهڻي ۽ سڻي زندگيءَ جو کو تصور ۽ آئيڊيل کونهي جنهن کي ماڻڻ

لاءِ هو پاڻ پتوڙين.“

”آخر هن ملڪ جو چونڪارو ڇا ۾ آهي؟“

”سوشلزم ۾.“

”هون، سوشلزم! سوشلزم جهڙو غير فطري نظام ٻيو ڪونه هوندو. فطرت انسانن کي غير برابر ٺاهيو آهي. ذهني، جسماني هر طرح سان ماڻهو غير برابر آهن ۽ سوشلزم نظام ۾ زوري ماڻهن کي برابريءَ جي شڪنجي ۾ جڪڙيو ٿو وڃي. جيڪي بي‌پناهه صلاحيتن جا مالڪ آهن تنجون صلاحيتون ان شڪنجي کي پڄي ٽوڙي پنهنجي ڪمال تي پهچڻ ٿيون چاهين پر پاڻ پڄي نه ٿيون سگهن. جيڪي هيٺاهين سطح جا ماڻهو آهن، اهي جانور وانگر ٿا جيئن. شخصي آزادي ماڻهوءَ جو بنيادي حق آهي ۽ سوشلزم ۾ اڻي، لٽي ۽ اجهي جا معمولي حق ڏيئي ماڻهوءَ کان شخصي آزادي جو عظيم حق کسيو ٿو وڃي.“

”مان تاريخ جي شاگرديائي آهيان، منهنجو عقيدو آهي تاريخ ۾ هڪڙي لکل قوت ٿئي ٿي جنهن کي برنارڊ شا Life Force سڏيو آهي. اها قوت پنهنجو پاڻ سوسائٽيءَ کي ڀاهيندي ۽ ٺاهيندي ٿي رهي. تهذيب ۽ سوسائٽي هڪڙي خاص مقام تي اچي بيهي ٿي رهي ۽ پوءِ تاريخ جي اها قوت انکي ڀاهي وري نئين سرٿي ٺاهي. اسانجي سوسائٽيءَ کي به تاريخ جي اها قوت ڀاهي وري نئين سر ٺاهيندي. بک، بيڪاري، بيماري، سماجي بيماريون، اهي سڀ تاريخ جي ان قوت جون مظهر آهن ۽ انهن کي تاريخ جي قوت

کانسواءِ کوبہ بدلائي يا ختم ڪري نٿو سگھي."

لفظ! لفظ! لفظ! دنيا ۾ ڪيڏا نہ لفظ آھن. وچوڻ وانگر ڏنگ ايو ڪري گھمندڙ لفظ! ڪاربھو وانگر ڦڻ ڪيي ڦوڪارون ڏيندڙ لفظ! ھن کي وانگر پنھنجي ئي وھ ۾ وٺ ڪائيندڙ لفظ! ۽ انھن لفظن جي ڏنگيل ۽ ڪاڌل انسانيت!

پھرئين ڏينھن ھو نسيم جي پرسان ويٺو تہ ھن کي محسوس ٿيو تہ ھن ۽ نسيم جا جسم ھڪ ٻئي سان گالھائي رھيا آھن.

ھڪ ٻئي سان گڇھ جون گالھيون ڪري رھيا آھن. راز سلي رھيا آھن. جسمن جون گڇھ جون گالھيون ۽ رازداريون وڌنديون ويون ۽ نيٺ ھڪ ڏينھن....

"اوھ.... اڄ مان ٿڪجي ٻئي آھيان." نسيم ٻئي ٻانھون مٿي کڻي آرس ٻڌا ۽ ھنکي لڳو تہ جلڻ ھنجي ڪپڑن ۽ ھنجي جسم جا بخيا ٽٽا... نسيم پتا ناس ۾ ملايا. "مونکي اجازت ڏي تہ مان ڪپڑا مٽائي اچان."

ھوءَ ڪپڑا مٽائڻ وئي ۽ ھو مات ڪري وسکي پٽندو رھيو. ان ڏينھن ڊاڪٽر ۽ اختر ٻئي نہ آيا ھئا. ٿوري دير کانپوءِ نسيم موٽي آئي، ھنکي سائي ريشمي سليپنگ گاؤن پاتل ھئي، جنھن مان سندس گلابي بدن وچ وانگر وراکا

ٽي ڏنا. هنجي رڳن ۾ باهه پڙڪي پئي ۽ رت پگهريل باهه وانگر هنجي رڳن ۾ دوڙڻ لڳو. هوءَ سامهون صوفي تي ويٺي ۽ ا ڪيون ٻوٽي مٿوصوفي جي ٽيڪ تي رکي چڏيائين.

"اوه. اڄ مان ٽڪجي پئي آهيان." هن ٽڪل آواز سان چيو.

هن هڪ ٽي گيت سان گلاس خالي ڪيو. وڪيءَ سان هنجي رڳن ۾ دوڙندڙ ٻاهه وڌيڪ پڙڪو ڪاڌو، هو صوفي تان اٿيو ۽ نسيم جي مٿان اچي ٻيٺو. نسيم ا ڪيون ڪوليون ۽ پيٽين سان ڀڪيل ۽ اڏڪليل ا ڪين سان هن ڏانهن نهاريو، هنجي ا ڪين ۾ رازهڻا، آوازهڻا، سڏ هڻا، صداؤن هيون. جسم جي وحشي جذبن جا وحشي راز، وحشي آواز! سڪايل بدن جي بي ترس خواهشن جا بي آواز سڏ ۽ صداؤن! هن جهڪي نسيم جي ڳچيءَ تي پنهنجا هٿ چپ رکيا، هنجي بت مان سيسرات نڪري ويو، جيئن ڪنهن ڪنواري بدن مان ڪنواري ڇاءَ سان ڪنوارو سيسرات نڪرندو آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي هڪ هڪ دوري، هڪ هڪ وڇوڻي ۽ هڪ هڪ فاصلو ختم ٿيندو ويو، پر اڃان ڪي دوريون هيون، ڪي فاصلا هڻا ۽ ڪي اڻ ماڻيل منزلون هيون، هڪ منزل تي پهچي هن هنڪي روڪي چڏيو.

"چو...."

"نہ...."

"ناڪار جو سبب؟"

"ڪو ڪونهي...."

"پوءِ ڇو ٿي روکين؟"

جواب ۾ سهڪندڙ خاموشي.

هن اهي سڀ طريقا استعمال ڪيا جيڪي تجربن هنکي سيکاريا هئا، هوءَ پاڻ ڪٽل مڇيءَ وانگر ڦٽڪندي رهي، ڦرندي، پگهرندي ۽ انڪار ڪندي رهي. هنجي بدن ۾ باهه جو گولو گردش ڪري رهيو هو، سارو وجود ٻرندڙ جبل وانگر هو، جنهن مان گرم گرم ٻرندڙ ۽ ٻاريندڙ جوالا ڦاٽ کائڻ لاءِ بيتاب هئي.... پر هوءَ آخري وقت تائين انڪار ڪندي رهي.

ٻئي صوفي تي ويٺا هئا. ساڻا ۽ پنهنجي پنهنجي اڻوسايل باهه ۾ ٻچرندڙ! ڪمري ۾ ساڻي سانت ڇانيل هئي.

"تو انڪار ڇو ڪيو؟"

"مونکي خود خبر ڪانهي."

"اهو ڪو جواب نه آهي. انڪار جو ڪو ٽ سبب هوندو"

"شايد انڪري جو منهنجو توتي اعتماد نه آهي."

"ڪهڙي قسم جو اعتماد."

"جهڙو عورت مرد تي ڪرڻ چاهيندي آهي."

"تنهنجو ۽ منهنجو رشتو جسم جو جسم سان رشتو آهي ۽ جسمن کي ڇڏ نه هڪ ٻئي تي اعتماد ڪن."

"منهنجي جسم کي نه پر دل کي اعتماد گهرجي."

”يعني تنهنجي دل کي پيار جو يقين ڏياريان.“

”ها....“

”منهنجي آڏو پيار جو لفظ گذريل زمانن جو اهڙو سکو آهي جيکو هن زماني ۾ چالو نه آهي.“

”منهنجي دل جي دڪان تي پراڻي زماني جو سکو نه هلندو آهي.“

هنکي خبر هئي ته نسيم جو انڪار هنکي، ترسائي ۽ تڙپائي هنکي قاسائڻ جو ڪندو هو. هو جاڻي واڻي ڏسي وائسي ان ڪندي ۾ ڪاسندو ويو، نسيم جو انڪار هنجي مرداڻي هٺ کي وڌائيندو رهيو.

”آخر تون هر دفعي انڪار ڇو ٿي ڪرين.“

”تون ايڏو اصرار ڇو ٿو ڪرين.“

”منهنجو اصرار فطري آهي، تون ٻين سڀني ڪالهين جي اجازت ڏين ٿي پر ان ڪالهه جي اجازت نٿي ڏين ڇو؟“

”مونکي تنهنجي دوستيءَ جو ڏاڍو قدر آهي. مونکي ڊپ آهي ته ان ڪالهه ڪانپوءِ اسانجي دوستيءَ ۾ فرق نه اچي وڃي.“

”منهنجو خيال آهي ته ان ڪالهه ڪانپوءِ اسانجي دوستي صحيح ۽ صحت مند بنيادن تي قائم ٿيندي.“

”تون مونکي پيار جو ڪوڙو ڪوڙو سکو ٻ ڏيئي نٿو سگهين.“

"مان ڪوڻ ۽ ڪوڙڻ سڪن سان خريداري نه ڪندو آهيان."

"تون منهنجي سنڌ سنڌ ڪي چمندو آهين، اهو پيار نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟"

"اهو جسم جي انڊي خواهش جو انڊو اظهار آهي."

"پلا مان توتي اعتماد ڪري سگهان ٿي؟"

"مان وري به پڇندس ته ڪهڙي قسم جو اعتماد."

"اهڙو اعتماد جيڪو عورت ۽ مرد جي وچم‌ڀائيم ٿيندو آهي ۽ ٻوءِ عورت مرد کي ٻنهنجو پاڻ ڏيندي آهي."

"اهڙو اعتماد ٻنهنجو پاڻ قائم ٿيندو آهي. مونکي افسوس آهي جو پاڻ ٻنهي جي وچ‌ر اهڙو اعتماد قائم ٿي نه سگهيو."

هو مان ٿي‌ويو، پر هنجي اندر‌۾ آنڊ مانڊ هئي، طوفاني لهرون هر بند کي ڀڃڻ لاءِ بي‌تاب هيون. هن ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهيو. اوچتو هنجي دل ۾ نفرت اپري آئي، هن ٻنهنجي آواز ۾ نفرت پريندي چيو. "ڳالهه ٻڌ. پيارجي‌نه تون قائل آهين ۽ نه مان. مونکي وڌيڪ بيوقوف نه بناءِ، مونکي‌خبر‌آهي ته تنهنجي پرائيويٽ زندگي‌ڪهڙي آهي، تون مونکي ڦاسائڻ ٿي چاهين. تون مونکي انڪري ٿي روڪين ته جيئن منهنجي بي‌تابي وڌي ۽ سان تنهنجي چار ۾ ڦاسي وڃان، پر ڪن‌ڪولي ٻڌي ڇڏ، مان ڦاسڻ وارو ماڻهو نه آهيان."

هنجي ڳالهه ٻڌي پهرين ته هوءَ حيرت مان هنکي ڏسندي

رهي، پوءِ ڏنبل نانگن وانگر وٽ کاڏائين ۽ پوءِ ٽپ ڏيئي اڏي بيٺي، خار مان هڪڙو هڪڙو ڪپڙو لاهيندي هنجي منهن تي اچلائيندي وئي ۽ شل اگهاڙي ٿي هن جي مٿان اچي بيٺي.

"هان وٽ، تون پيار جي لائق ڪي نه آهين، جنهن جي لائق آهين اهو وٽ."

هو صوفي‌تي ويٺو ۽ پاڻهن سان نراڙتان پگهر اگهيائين، اکين مان، جسم جي پور پور مان جڏ هاڻ ٽي نڪتي، پگهر جون ڏينڌيون ٽي وهيون، هنجي ساري بدن ۾ واکا ڪندڙ ويرانـي هئي، هـن اکيون ڪٽي سامهون نهاريـو، سامهون ديوان تي اڇي اڇي، ڪچي ماس ۽ پاروٽي گوشت جو ڍير پيو هو، ان ماس جـون لاهيون چاڙهيون محرات، گنبد، انگن جاونگ ۽ ڪمانيون، سپ پڇي ڍهي بي‌شڪل ماس جو ڍير ٽي ويون هيون، جـن لاهين تـان هنجا جذبا ترڪيا هئا، هينئر اهي لاهيون بي‌جان، بي‌شڪل، لڙڪيل ۽ ڦلڪي ماس ڪانسواءِ ڪجهه نـه هيون. وقت گذرڻ سان ماس هڏن تان ڍلو ٽي لڙڪي آيو هو، ڪل ۾ گهنج پڻجي ويا هئا، ان ڪل کي ڏسي الائجي ڇو هنکي ڪوه جي ڪل ياد پئي ۽ هنکي اٽڪائي آئي..... ان اگهاڙي گهڙي، ان نانگن پلن لاءِ هو ڪيڏو نه سڪيو ۽ تڙپيو هو، اڄ هن‌کي اها اگهاڙي گهڙي ۽ نانگا پل ملڻا هئا ۽ هـن هڪ هڪ گهڙي، هڪ هڪ پل مان لذت جو آخري ٽمپو به نيپوڙي ورتو هو. ڇا لذت جو انجام ڪراهيت آهي، انساني جسمن

جي ازلي ڪشش ۽ ميلاپ جو نتيجو اپتايون ۽ اپڙڪا آهن؟

نسيم جسم ۽ حواس جـي زندگي گذارڻ واري عورت هئي، هوءَ مسرت کي حواس جـي معرفت ماڻيندي هئي. هو هن سان پيار ڪندو ته هنکي ان پيار مان عجيب بي‌نام راحت پئي ملندي، سندس‌منهن تي‌نديا ڪڙو سکون چائنجي ويندو، هوءَ نديڙي هار وانگرهنجي ويڪري چاتيءَ ۾ منهن لڪائي چڏيندي، هو هٿ وڌائيندو تـه هوءَ ڪيس روڪي چڏيندي "مان تنهنجي بي‌تابيءَ کي وڌائڻ لاءِ نٿي روڪيان پر پنهنجو پاڻکي اهو دلاسو ڏيڻ لاءِ ٿي روڪيان تـه تون مونسان صرف ان ڳالهه جي ڪري پيار نٿو ڪرين پرهونئن ئه پيار ڪرين ٿو. مونکي پيار گهرجي، مان ڏاڍي اڪيلي آهيان ماڻهوءَ کي پنهنجي سياءَ جـي غلط لاڙن جي ڪري ڪيڏو نه پوڪٽو ٿو پوي، مون زندگيءَ ۾ ڏاڍو پوڪيو آهي، ڏاڍو سٿو آهي." هـوءَ وري هنجي سيني ۾ منهن لڪائي چڏيندي ۽ هنکي هنجي روح ۾ اڪيلائيءَ جو رڻ پکڙيل نظرايندو، انسان ڪيترو نه ڏکويل ۽ ڪيترو نه اڪيلو آهي!

هڪ ڏينهن نسيم هنجي سيني تان منهن مٿي ڪيو ۽ هنجي اکين ۾ نهارينديِ چيائين.

"هڪڙي ڳالهه چوان؟"

"چئه."

"دل ۾ تہ نہ ڪندين."

"نہ."

هن وري هنجي سيني ۾ منهن لڪائي ڇڏيو.

"تولاءِ پيار ڪوڙو سڪو آهي پرمون لاءِ ساري زندگيءَ جي سچائي آهي، مان توسان پيار ڪريان ٿي پر مون ڏانهنجي پيار سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي."

"ڪيئن؟"

"تو ڪانسواءِ منهنجو هڪ ٻئي ماڻهوءَ سان بہ رستو آهي ۽ مان هن سان بہ ملندي رهندي آهيان."

"پوءِ چاهي" هن جذبات کان خالي آواز ۾ چيو، هن يڪدم هنجي سيني مان منهن مٿي ڪيون ۽ هنجي منهن ۾ نهارڻ لڳي. هنجي منهن تي ساڙ ياڪاوڙ جوڪوتاثرنہ هو.

"تون ...تون حيوان آهين، تو ۾ انساني جذبا ڪونهن."

هو ڪلڻ لڳو. هنکي هڪڙي انگريزي نظم جو ٻند ياد اچي ويو.

Iwas
And I no more exist
Here Drifted
An Hedonist

مان بہ جيئرو هوس
پر هاڻي نہ آهيان،
هيڏانهن هوڏانهن پٽڪي ٿو
هڪڙو لذت پرست!

قمربا ِزني

Father, Deleo, you Love Your People but you don't understand them. They find God in each other. And when they loose each other, they loose God and they are lost: And it is hard to help them.

شام جو هو هميشه وانگر گڏ ٿيا. نسيم کا گهاڻ ياد ڪندي چيو:

"مونکان هڪڙي گهاڻ پڙائڻ وسري وئي. اسانجي فرم ۾ هڪڙي چوڪري آهي، هن مونکي عجيب گهاڻ پڙائي. هن پڙايو ته تون ڏاڍو سٺو ليکڪ آهين."

ڊاڪٽر ۽ اختر حيرت سان هنکي ڏسڻ لڳا.

"مونکي ليکڪ هجڻ واري الزام تي اعتراض ڪونهي باقي "ڏاڍي سٺي" واري الزام تي اعتراض آهي، ڪنهن زماني ۾ ڪچيون ڪهاڻيون لکندو هيس، ماڻ انهن کي ذهني ۽ جذباتي نابالغيءَ جون غلطيون سمجهندو آهيان."

"هن ته تنهنجي ڏاڍي تعريف ڪئي."

"پوءِ پڪ هوءَ به ذهني ۽ جذباتي طور نابالغ هوندي."

"ڏاڍي پڙهيل چوڪري آهي، پاڻ به ليکڪ آهي، مون پڙايو ماڻس ته تون منهنجو دوست آهين ته يڪدم توسان ملڻ جو شوق ڏيکاريائين، تون هن سان ملندين ني؟"

"چو نه ملندس. ڪهڙو مرد جوان چوڪريءَ سان ملڻ پسند نه ڪندو."

هن جوان لفظ کي اهڙيءَ طرح اچاريو جڻ هن نسيم

کي سندس عمر جو احساس ڏيارڻ ٿي چاهيو، نسيم زخمي نگاهن سان هن‌ڏانهن‌نهاريو. هن مرڪندي چيو، "انگريزيءَ جي ڪنهن شاعر چيو آهي تہ I learned to inflict and suffer Pain.

هُني ڏينهن شام جو اها چوڪري نسيم سان گڏ هن سان ملڻ لاءِ آئي. سنهو بت، وچولو قد، منهن تي هاڻي معصوميت، وڏيون، حيران ۽ گهولاڻ اکيون، وات ننڍڙو جيڪو مرڪڻ مهل مڪڙي، وانگر ٿڙي ٿي پيو، گلابي چپ مرڪڻ سان ڇڪجي گلابي ليڪ وانگر ٿي ٿي ويا ۽ سندس گل ۽ چهرو پڻجي ٿي ويو، ويڪري ۽ ڪليل پيشاني، ڊگهي ڳچي، هنڪي هنجي ساري شخصيت مان هن جون اکيون ۽ مرڪ ڏاڍي وڻي. هن ڏاڍي اعتماد سان گفتگو ڪئي، هنجي ڪيترن ڪهاڻين جا نالا ورتائين، ڪهاڻين جا ڪردار زبان ٻڌايائين، هو پنهنجو پالڪي وساري ويٺو هو پر هنڪان پوءِ واري نسل هنڪي ياد رکيو هو. ان احساس سان هنڪي ڏاڍي خوشي ٿي تہ ليڪڪ جي حيثيت ۽ اڄ بہ هنڪي ياد ڪيوٽي‌ويو. هنجي واتان پنهنجي‌ڪهاڻين جي تعريف ٻڌي هو انڪساري بہ ڏيکارينڊو رهيو؟ دل ٿي دل ۽ خوش بہ ٿيندو رهيو، نسيم، ڊاڪٽر ۽ اختر ڏاڍي دلچسپي سان هننجي گفتگو ٻڌندا رهيا، هنڪي خبر هُني تہ

هنڪي ادب سان ڪا دلچسپي نہ هئي پر ادب ۽ آرٽ ۾ سرپرستانہ دلچسپي ڏيکاريڻ ان سوسائٽي جو فيشن هو ۽ هو ڏيئي ان فيشن جا ماريل هئا.

جڏهن هوءَ موڪلائي واپس وئي تڏهين نسيم پڇيو.

"ڪيئن! پنهنجي نوجوان فين سان ملي خوش ٿئين؟"

هن "نوجوان" لفظ کي اهڙيءَ طرح اچاريو جڏ هن ان چوڪريءَ جي نوجوانيءَ جو ذڪر ڪري هنکي اڻ سڌيءَ طرح سندس عمر جو احساس ڏيارڻ ٿي چاهيو.

"مون سمجهيوتہ واقعي ڪا نوجوان چوڪري هوندي، پر هوءَ تہ صفا پار ٿي لڳي، هنکي ڏسي منهنجي مرداڻي محبت نہ پر پدرانہ شفقت جاڳي پئي."

ان ڏينهن گهر اچي هن اهي سڀ ڏوڙ ۾ لٽيل ۽ اوڏهي ڪاڏل ڪتاب ۽ رسالا چنڊي ڪڍيا جن ۾ ڪنهن زماني ۾ هنجون ڪهاڻيون ڇپيون هيون. پنهنجون ڪهاڻيون پڙهندي هن سوچيو: اهو ماڻهوسچو هو جنهن هي ڪهاڻيون لکيون هيون يا اهو ماڻهو سچو آهي جيڪو هينئر اهي ڪهاڻيون پڙهي رهيو آهي. اهي ڪهاڻيون لکڻ وارو ڪوڙو هو، مان سچو آهيان. زندگيءَ جي محرومين هنکي خواب پرست بڻايو هو ۽ مان.... مان مياس آهيان جيڪو جنهن شيءَ کي ڇهندو هو سا سون ٿي پوندي هئي، خواهشون، خواب،

خوشيون، سپ سون آهن، ٽڏو ۽ بي‌جان سون!

ڪنهن زماني ۾ هو چوندو هو ته هو پنهنجي وجود کي پنهنجي کهاڻين جي معرفت ٽو سڃاڻي، پر اهو هنجو پنهنجو پاڻ سان ڪوڙ هو، جو ڪجهه هنجي کهاڻين ۾ هو اهو هنجي وجود ۾ ڪي نه هو، آدرشي پيار، آدرشي دوستي....انقلاب جا خواب ... پنهنجي دک سان ڏرتيءَ جي دک کي محسوس ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کان انڪاري ٿي، انسانن جي دکن جو اقراري ٿيڻ.... پر اهوسپ ڪوڙ هو، دولاب هو، ايڏائيل انسانن ۽ آزاريل انسانيت جي عظيم غمن جون کهاڻيون، لکڻ لاءِ جنهن عظيم پيار ۽ سچائيءَ جي ضرورت هئي، اها هن ۾ ڪانه هئي.

ٻه چارڏينهن گذري ويا هنجي دل ۾ ان چوڪريءَ سان ملڻ جي خواهش ڪرڪٽندي رهي. هڪ ڏينهن هو پنهنجي آفيس مان اٿيو ۽ نسيم سان سندس آفيس ۾ وڃي مليو. هو ڪڏهين به نسيم سان ملڻ لاءِ هنجي آفيس ۾ نه ويو هو. ٻئي هڪ ٻئي سان ٽيليفون تي گهالهائيندا هئا. نسيم هن کي پنهنجي آفيس ۾ ڏسي ڏاڍي خوش به ٿي ۽ حيران به ٿي، هو هيڏانهن هوڏانهن جون گهالهيون ڪندا رهيا. آخر هن نسيم کان پڇيو.

”پنهنجي فين ڪٿي آهي؟“

"ڪير؟ شيرين. اتي ئي آهي. چئين ته سڏائي وٺانس."
"سڏائينس ته ڪچهري ڪريونس."

نسيم هنکي سڏايو، شيرين هنکي نسيم جي آفيس ۾ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ڏاڍي سڪ پري پنهنجائپ سان هن سان ڳالهائڻ لڳي ۽ ان ڏينهن هنکي خبر پئي ته هنجي آواز ۾ ڏاڍي مٺاج هئي، جهڙي ماکيءَ جي لارا هن کا ڳالهه ياد ڪندي ٻڌم چيو.

"اوهان لاءِ هڪڙو ڪتاب گهولي رکيو اٿم، هلو ته ڏيانو." ائين چئي هو ٻڌم اٿي بيٺو. هنکي پڪ هئي ته هنجي اٿي بيهڻ سان هوءَ انڪار ڪري نه سگهندي.

"هلو...." شيرين به پنهنجو پرس کڻي اٿي بيٺي، "ڪتاب لاءِ ته مان جهنم ۾ به هلڻ لاءِ تيار آهيان."

"دلجاءِ ڪريو، مان اوهان کي جهنم ۾ وڃي نه هلندس."
شيرين ۽ نسيم ٻئي مرڪڻ لڳيون، شيرين نسيم کان موڪل ورتي ۽ هو ٻئي ٻاهر نڪري آيا ڪار ۾ ويهندي هن پڇيو،

"مون ڪتاب جو ٻهانو ٻڌايو هو. منهنجي دل چيو ته اوهان سان ڪٽي ويهي ڪچهري ڪريان، اوهلنکي اعتراض نه هجي ته ڪنهن هوٽل ۾ هلي ڪچهري ڪريون."

"اعتراض ڇو ٿيندو، مونکي ته پاڻ خوشي ٿيندي."
هو ٻئي هوٽل ۾ اچي ويٺا.
شيرين کافي ٺاهيندي پڇيو.
"اوهان لکڻ ڇو ڇڏي ڏنو؟"
"انڪري جو مونوٽ چوڻ لکڻ لاءِ کا ڳالهه نه هئي."

"زندگيءَ ۾ وک وک تي کهاڻيون وکريل آهن، چوڌاري چوڌطرف جيئريون جاگندیون کهاڻيون آهن ۽ اوهين چوڻ ٿا ته اوهان وٽ چوڻ ۽ لکڻ لاءِ کا گالهه نه هئي."

"شايد مان زندگيءَ کان چڱل ۽ ڪتيل آهيان، زندگيءَ سان وک ۾ وک ملائي هلڻ جي بدران مان زندگيءَ جي پٺيان گهلبو ٿو رهان، مان زندگيءَ کي سندس سموري درد ۽ سموري خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ ۾ محسوس نٿو ڪريان، انڪري زندگيءَ جي باري ۾ کهاڻيون لکي نٿو سگهان. منهنجي نه لکڻ جو ٻيو سبب اهو هو ته مونکي محسوس ٿيو ته مان ميڊياکار آهيان، مونکان پنهنجي ميڊياکريسي برداشت ٿي نه سگهي ۽ مون لکڻ ڇڏي ڏنو."

"ماڻ انڪري ٻار جڻڻ ته کاڌ ڇڏيندي آهي ته هوءَ سهڻا ٻار نه ٿي جڻي."

"مون ۾ ماڻ وارو تخليق جو درد نه هو، ڪڏهين قلم کڻي لکڻ جي ڪوشش ڪيم ته محسوس ٿيو جڻ لفظ پاروٽا ٿي چڪا آهن، لفظ پنهنجي ڪنوارپ وڃائي چڪا آهن، لفظ جڻ رنديءَ جو بدن آهي، ٽڏو، پاروٽو ۽ اوپاريل!"

"لفظ ته بي‌جان شيءَ آهي جنهن ۾ ليڪ جي قلم جو ڇهاءُ جان وجهي ڇڏيندو آهي. احساس ۽ جذبي جي ڪنوارپ رنديءَ جي جسم جهڙي ٽڏي ۽ پاروٽي لفظ کي به ڪنوارپ بخشي ڇڏيندي آهي."

"شايد منهنجا احساس ۽ جذبا پاروٽا ٿي چڪا آهن."

”سچي فنڪار جا جذبا ڪڏهين به پاروٽا نه ٿيندا آهن.“
”مان سچو فنڪار نه آهيان، انڪري منهنجا جذبا پاروٽا ٿي چڪا آهن.“
”هر هڪ فنڪار سچو ٿيندو آهي، فن هميشه سچائيءَ جي ڪک مان جنم وٺندو آهي پر ڪنهن ڪنهن فنڪار جو فن سرچاءَ جي سوليءَ تي چڙهي ويندو آهي.“
”مان ۽ منهنجو فن ٻئي سرچاءَ جي سوليءَ تي لڙڪيل آهيون.“
”اوهانجا خواب، اوهانجا آدرش؟“
”اهي به مونسان گڏ سرچاءَ جي سوليءَ تي ٽالڙڪن.“
”پوءِ به اوهين پنهنجو پاڻ ڪان مطمئن آهيون.“
”مون پنهنجو پاڻڪي جيئن آهيان تيئن قبول ڪيو آهي.“
”اوهانجي چوڌاري زندگي سڏڪندي، چڪهندي ۽ مرندي ٿي رهي ان لاءِ اوهين چا ٿا محسوس ڪريو.“
”مون انڪي به قبول ڪيو آهي.“
”اها قبوليت موت آهي.“
”مان مئل ماڻهو آهيان.“
”ائين چئي اوهين جوابداريءَ مان پاڻ ڇڏائي نٿا سگهو.“
”چا جي جوابداري؟“
”ماڻهوءَ جي ماڻهوءَ ڏانهن جوابداري، ڌرتيءَ ڏانهن جوابداري، انسان جي آئيندي ڏانهن جوابداري.“
”منهنجي دل جا زنگ لڳل لوهي در ڪڙڪات ڪندا

ڪڏهوڪو بند ٿي چڪا آهن."

"پر رئندڙ چنگهندڙ زندگي اوهانجي دل جي بند دروازن جا ڪڙڪائيندي ۽ اوهانکي پنهنجي دل جا در کولڻ تي مجبور ڪندي."

"زنگ لڳل قلف ڪڏهين نه کلندا آهن."

"اوهانجون ڪهاڻيون ۽ ڪهاڻين جا ڪردار پڙهي اوهانجي شخصيت جو ذهن ۾ جيڪوتصور ايري ٿو اوهين انکان ڪيترا نه مختلف آهيون."

"ليکڪ جي ڏريجڊي اها آهي جو هو جڳ بيتيءَ کي اهڙي سچائيءَ سان لکندو آهي جو پڙهڻ واري کي ان تي ليکڪ جي آپ بيتيءَ جو گمان ٿيندو آهي. هو ڪيترين ئي محبت جون ڪهاڻيون ٿو لکي جي اهي سڀ هنجي زندگيءَ جون ڪهاڻيون هجن ٿيون پوءِ هنکي زندگيءَ ۾ محبتن ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي نه هوندو. منهنجي هڪڙي دوست هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي لکي جنهن جي گهريلو زندگي ناخوش هئي، هنجي ڪڙي فين سمجهيو ته اها هنجي آپ بيتي آهي، هڪ ڏينهن هوءَ هنجي گهرآئي ۽ هنکي ڏاڍي مايوسي ٿي جو هن ڏٺو ته هنجي پنهنجي گهريلو زندگي ڏاڍي خوش هئي. ليکڪ کي به پنهنجو آئيڊيئل ايگو هوندو آهي، هو پنهنجي ان آئيڊيئل ايگوجي اظهار لاءِ اهڙيون ڪهاڻيون لکندو آهي ۽ اهڙا ڪردار چٽيندو آهي جنجو هنجي شخصيت سان ڪوتعلق نه هوندو آهي. پر پڙهڻ وارا هنجي ڪهاڻين ۽ ڪردارن کي هنجي

پنهنجي شخصيت جا پاڇا سمجهندو آهي ۽ هنجي شخصيت جي باري ۾ غلط تصور قائم ڪندو آهي ۽ هن سان سندس ڪهاڻين جي ڪردار جي عمل جون اميدون وابسته ڪندو آهي ۽ جڏهن هن سان ملندو آهي تہ هنکي ۽ هنجي عمل کي هنجي ڪهاڻين ۽ ڪردارن کان ابتڙ ڏسي مايوس ٿيندو آهي. ان ۾ ليکڪ جو ڏوه نہ آهي پر پڙهڻ واري جو ڏوه آهي. ليکڪ پنهنجي زندگيءَ کان مختلف ڪهاڻيون لکي ۽ پنهنجي شخصيت کان ابتڙ ڪردار چٽي پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي شخصيت جا خال پريندو آهي."

ڪالهين ۾ وقت الائجي ڪيئن گذري ويو. هوٽل مان آڻي هـو هنکي سندس گهر تائين ڇڏڻ آيو. هـوءَ پنهنجي پيءُ جي سرڪاري ڪوارٽر ۾ رهندي هئي. لهڻ مهل چيائين.

"هلو. ٻہ منٽ اندر هلي ويهو، اوهانکي پنهنجي گهر جي پاتين سان ملايان، پنهنجي ننڍڙي لئبريري ڏيکاريان."

"هاڻي دير ٿي ٿئي پئي دفعي ايندس، اوهانجي گهرجي پاتين سان ٻہ ملندس ۽ اوهانجا ڪتاب ٻہ چوراٽيندس."

"مان ڪتابن کي سينگار جو سامان نہ سمجهندي آهيان جيڪي ڪتاب وٺو ڪٽي وڃجو.... پلا ڪڏهين ايندءِ؟"

"سڀاڻي شام جو ايندس."

"پڪ....؟"

"پڪ....؟"

شيرين مرڪ سان هنڪي خدا حافظ چيو ۽ ڪار تان لهي هلي وئي. هو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو، اڄ هنجي دل ڏاڍي خوش هئي، هنڪي پنهنجو وجود هوا کان به هلڪو لڳو، اڄ ڪيترن سالن کانپوءِ هن پنهنجو پاڻڪي ايترو هلڪو محسوس ڪيو هو، اڄ ڪيترن زمانن کانپوءِ هنجي دل کي معصوم خوشي ملي هئي، انسان جون اکيون بہ ڪيڏيون نہ بيرحم ۽ دوکيبازٿيندڙيون آهن، ڪيئن نہ دوکا ڏيندڙيون ۽ کائيندڙيون آهن، سونهن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پوريءَ طرح محسوس ڪرڻ لاءِ هنجي اکين هنڪي ڪيڏا دوکا ڏنا هئا، هن سان ڪيڏا نہ ڪوڙ گهالهايا هئا. شيرين سان پهرين ملاقات ۾ به هنجي اکين هن سان ڪوڙ گهالهايو هو، هوءَ هنڪي صفا پار لڳي هئي، پرهن ۾ ڪيڏي نہ ذهني پختگي هئي، ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪڙو ٻيو ماڻهو هوندو آهي، سچو، اصلي، سهڻو ۽ پيارو ماڻهو! پر هنجي ڪوڙين اکين ڪڏهين به ماڻهوءَ جي اندر ۾ لڪل ان سچي، اصلي، سهڻي ۽ پياري ماڻهوءَ کي نہ سڃاتو هو، هن هميشه ماڻهوءَ جو متاڇرو ڏٺو هو، متاڇري سان پيار ڪيو هو ۽ متاڇري کان بيزار ٿيو هو.

شيرين جو ڪوارٽر به اهڙوئي هو جهڙا ڪراچيءَ جا

سرڪاري ڪوارٽر ٿيندا آهن، بي‌ڊنگا ۽ بي‌ڊولا! ٽين جون ڇتيون، اجايا وڏا ڪمرا، رنگ لٽل در ۽ دريون. شيرين جي ڪوارٽر جي آڳر جي چوڌاري انگريزي ميندي‌ء جي ٻوٽن جي پٽ ڏنل هئي، وچ‌ر در هو ۽ در جي ٻنهي پاسن کان لان هو، لان جي پاسي ۾ ننڍڙا ننڍڙا ٻارا هٿا جن ۾ رنگ برنگي گل ڪڙيا ٻيٺا هٿا، درجي بلڪل پرسان چنبيلي‌ء جو وڻ هو، هن درڪڙڪايو اندران هڪڙو ٻارنڪري آيو، سهڻو، تندرست ۽ وٺندڙ ٻار! چپن تي ساڳي شيرين واري مرڪ، هنڪي ڏسي اهو ٻار يڪدم اندر هليو ويو، چنبيلي‌ء جي وڻ مان هڪڙو گل ڇڪي هنجي وارن ۾ اٽڪيو، چنبيلي‌ء جو گل جهڙو سونهن، سڪ ۽ پيار جو پيغمبر! ايتري ۾ وري دل ڪايو ۽ اهو ٻار وري ٻاهر آيو، هنڪي سلام ڪيائين ۽ هن‌کي آڻي ڪمري ۾ ويهاريائين، جنهن ڪمري ۾ هو اچي ويٺو اهو ڪمرو هن‌گهر جي ڊرائينگ روم هو، سامهون ڪانس تي ٻه چار مورتيون رکيون هيون، پٽين تي ٽنور وارن ڏيکين ۽ ڪاشي‌ء جي ٽانو کي سينگار طور سجايو ويو هو، فرش تي معمولي گلم وڇايل هو ۽ معمولي صوفه سيٽ ۽ ٻه چار آرام ڪرسيون رکيون هيون، ان معمولي سامان ڪانپوءَ ٻه ڪمري کي ٻنهنجي شخصيت هئي، گنهير، بردبار ۽ پرسڪون شخصيت! ڪمري ۾ اندر گهڙڻ سان هنڪي اڻين لڳو جڻ ڪمري ٻنهنجي در جي طاقن جون ٻانهون کولي هنڪي ٻنهنجي پرسڪون هنج ۾ ورتو هو. پاسي‌کان پٽ ۾ ڪيٽ لڳل هو جنهن ۾ ڪتاب هڪ ٻئي

مٿان ستيا پيا هئا. ٿوري دير گذري ته شيرين اندر گهڙي آئي. هنکي ڏسي شيرين جا چپ غنچي وانگر ڪڙي پيا، ڳل ۾ چمڪ پٽجي ويو ۽ سندس چپ پکڙجي گلابي ليک ٿي ويا. هنکي محسوس ٿيو ته شيرين جي چپن مان چنبيليءَ جا گل ٽا چٽن. هنجي مرڪ مريم آهي، معصوم ۽ ڪنواري!

"اوهان وٽ ته تمام گهڻا ڪتاب آهن."

"گهر جا سڀ ڪيٽ منهنجي ڪتابن سان پريل آهن ڪتابن جو شوق مونکي پيءُ کان ورثي ۾ مليو آهي."

"اوهين گهڻا ڪتاب پڙهندا آهيو؟"

"هر قسم جا ڪتاب پڙهندي آهيان، پر مونکي افسانوي ادب وڌيڪ پسند آهي، ڪهاڻي، ناول يا ڊرامي ۾ مان ماڻهوءَ کي سندس سمورن ڏکن، اهنجن، ايذائن ۽ سندس سماجي پس منظرسان پنهنجو پاڻ ۾ محسوس ڪندي آهيان. اوهان گهڻا ڪتاب پڙهندا آهيو؟"

"مون گهڻي وقت کان ڪتابن سان دوستي ٽوڙي ڇڏي آهي."

"ڇو؟"

"ڪتاب خواب ڏيندا آهن ۽ خواب ڏک ڏيندا آهن، ڪتاب دل جا درکڙڪائيندا آهن، ذهن جي ايئرڪنڊيشنڊ روم جو ايئرڪنڊيشنر بند ڪري، سيٽي بند ٽيل دريون، در ۽ روشندان کولي ڇڏيندا آهن، باهر ڊاڍي آٽت آهي ۽ ڊاڍي لڳ ٿي لڳي."

"اوهين زندگيءَ جي آٽت ۽ لڳ کان ڊڄو ٿا؟"

"ها...."

"هي جو لکين ڪروڙين انسان زندگيءَ جي آٽت ۾ سڙن ۽ لڪن ۾ هوساڻجن ٿا."

"مان ان آٽت ۽ لڪ کان ته بچيل آهيان."

"۽ جوابداري؟"

"مان رڳو پنهنجو پاڻ ڏانهن جوابدار آهيان."

"اڄ جو هرهڪ جاگيل ماڻهو پنهنجو پاڻکي پنهنجي ديس جي ڏرتيءَ ڏانهن جوابدار ٿو سمجهي پر اوهين پاڻکي رڳو پنهنجو پاڻ ڏانهن جوابدار ٿا سمجهيو، اوهين ثقافتي بي‌شناختيءَ جا شڪار آهيو. اوهان ڏرتي، تاريخ ۽ ماڻهن جي رشتي سان پنهنجو پاڻکي شناخت نٿا ڪريو جڏهين ته هرڪو ماڻهو، هن ثقافتي اڳرائيءَ جي دور ۾، پنهنجي ثقافتي وجودکي برقرار رکڻ ۽ ثقافتي شناخت جي جدوجهد ۾ مصروف آهي."

ايتري ۾ هنجي ماءُ به اندر گهڙي آئي، پڪي وهي، ماسيرو بت، منهن تي ڀاراٽي معصوميت ۽ شيرين واري ساڳي ڏوتل پوتل، اڇي اجري مرڪ! زندگيءَ، زندگيجي ڏکن ڏولاون، مڪر ۽ فريب هنجي مرڪ کي اڇا ميرو نه ڪيو هو. هنجي مرڪ ۾ اهڙي پنهنجائپ هئي جو هنکي ڏسڻ سان دل هروپرو به چوندي ته هن سان اندر اورجي سور سلجن ۽ هنجي هنج ۾ مٽو رکي ليٽي پٽجي. ٿوري دير ڪانپوءِ شيرين جو پيءُ به هن سان ملڻ لاءِ آيو، پڪي عمر جو مضبوط بي ڊپو، سچو ۽ ڪرو انسان! جنهن اصولن تي

سرچاءُ ڪرڻ سکيوئي نہ هو. ڪنهن زماني ۾ سرگرم سياسي ڪارڪن هو، انگريزن سان جدوجهد ۾ پرپور حصو ورتو هٿائين، جيل ۾ ڪاڌيا هٿائين، پاڪستان وجود ۾ آيو تہ هن پاڪستان جي سياسي ۽ معاشي نظام کي رد ڪري چڏيو ۽ پاڪستان جي سياست هنجي سياسي عقيدن جي سچائيءَ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هو ڪنڌائتو ٿي وينو، معمولي نوڪري ڪيائين ۽ هينئر نوڪريءَ مان ريٽائر ٿي سارو ڏينهن ڪتاب پڙهندو هو.

ڪيڏو نہ محبتي، مطمئن ۽ پرسڪون گهر هو، معصوميت مرڪ، محبت، سچائي ۽ سڪون!

ريسٽارنٽ جا ڏاڪا ٽپندو هو هيٺ لٿو ۽ ٽڪيون ٽڪيون و ڪون ڪٽندو ڪار ۾ اچي ويٺو. هن اندرجي آندماندڪان ڪار اسٽارٽ ڪئي، ڪار ڪڏڻ ۽ تيز رفتاريءَ سان هلڻ لڳي، ڪار جي رفتار وڌندي وئي پر هنکي ائين لڳو جڻ ڪار اتيئي بيٺي هئي، ڪار جا ڦيٽا ڏرتيءَ ۾ ڪپي ويا هٿا. هن وري ايڪسيليٽر کي دٻايو، ڪارجي رفتار اڃا به وڌيڪ تيز ٿي وئي، هن ڪار ڇڃائي جلد ڏسي ڪيڏانهن پڇي وڃڻ ٿي چاهيو، هو ڪنهن کان ٿو پڇي؟ پنهنجو پاڻ کان، پنهنجي اندرجي آندماندڪان، شيرين ۽ سندس دوست جي ڪالهين ۽ زندگيءَ سان ٺهڪڙن ڪان يا ريسٽارنٽ ۾ ويٺل ماڻهن جي نظرن کان.... اوچتو هنکي لڳوتہ ڪار جو سامهون وارو شيشو آلو ٿي ويو آهي، هن بٽڻ دٻائي ڪار جا وائيپر هلايا، ڪار جا وائيپر سامهون واري شيشي تي هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳا پر شيشي تي ساڳي آلاڻ ۽ ڏنڊ هو ۽ آن ڏنڊ ۽ آلاڻ ڪان ٻاهر روشنيون ٿي چمڪيون، هن اکيون ڇنيڇون ۽ هنکي خبر پئي تہ ڪار جو شيشو آلو نہ ٿيو هو پر هنجون اکيون آليون ٿي ويون هيون، اهو ڏنڊ هنجي لڙڪن جو ڏنڊ هو جيڪي پاڻمرادو هنجي اکين مان لڙي آيا هٿا. هن ڪارکي بريڪ هنيون ۽ ڪار رستي جي پاسي تي ٻيهاري مٽو ڪار جي اسٽيئرنگ تي رکي

چڏيو.... جڏهين به هنجي سيني مان سور جي سٽ اپرندي هئي، زندگي جا نه سهي سگهڻ جهڙا سور، سموري ايذاءُ سان اندر ۾ اپري ايندا هٿا تڏهن هـو اڻين ڏي کار جـي استيرنگ تي متو رکي چڏيندو هو، هو روئڻ چاهيندو هوپر روئي نه سگهندو هو، ايتريقدر جـو هنجي ماءُ مئي ته به هن جي اکين مان لڙڪ نه وهيو، پر اڄ هنجون اکيون آليون ٿي پيون هيون، هنجي اندر ۾ ساڙجي چر هئي جنهن ۾ هن جو سارو وجود پڄري رهيو هو، گهٽو وقت اڳ هن پنهن جي اندر مان ساڙکي کوري کڏي چڏيو هو، هن محبت جي کوڙ کي ڏٺو هو، هـن انساني رشتن ۽ لاڳاپن جـي کوڙ کي ڏٺو هو، کيترن واقعن مان هنکي هڪڙو واقعو ياد آيو.

عذرا کنهن کـ سانگي هنجي آفيس ۾ آئـي هئي، پورو پنو قد، پريل بت، رسيل جواني، کرائـيءَ ۾ رابيل جي گلن جي کنڊي، چوٽي ۾ گلاب جو گل، هن سندس کاري ساڙيءَ مان تجلا ڏيندڙ پيٽ ڏانهن نهاريو هو، هوءَ شرمائجي ويئي هئي، حجاب ۾ اکيون جهکائـي، ساڙيءَ جي پلـو سان پنهنجو پيٽ ڍڪيو هٿائين.... کجهه ڏينهن کانپوءِ هنن جي وچ۾ حجاب جـو کو پڙدو نـه هو، سڀ پلو پاسيرا ٿي ويا هٿا، هوءَ هنجي سيني تي ڪنڌ رکي روئي رهي هئي.

”مان ڏاڍي ڏکويل آهيان، منهنجو مڙس هميشه بيمار ٿو رهي، هـو مونکي کابه خوشي ڏيئي نـه ٿو سگهي، تو

مونکي خوشيون ڏيون آهن، مونکان خوشيون نه کسجاءِ، مونکي ڇڏي نه ڏجاءِ."

هنجي اندر ۾ ڪراهيت هئي، هن ڪراهيت مان هنجي اگهاڙي بت (گندگيءَ جي ديرا) تي هٿ ڦيرنديءَ سوچيو: عورتون ڪيئن نه ڪچيءَ ۾ پٽجي ٽيون وڃن، هو سمجهن ڇو نه ٽيون ته ڪي جذبا ڪجهه گهڙين ۾ ڪجهه ڏينهن جون سچايون ٽيندا آهن، هي انهنکي ساري زندگيءَ جون سچايون ڇو ٽيون سمجهن، هنکي ان وقت هنجو مڙس ياد پيو ۽ هنکي ان احساس سان اڻ لکي خوشي ٿي ته هن هنکي سندس مڙس کان کسيو هو، هنکي پرٽيل عورتن کي حاصل ڪرڻ ۾ هميشه خوشي ٿيندي هئي، انڪري جو پرٽيل عورت کي حاصل ڪري هو سندس مڙس جي مڙدانگيءَ کي مات ڪندو هو، ٻيو انڪري جو پرٽيل عورت سان پيار ڪرڻ سان ڳالهه ڪچيءَ ۾ نه پوندي هئي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ عذرا هنکي پنهنجي مڙس سان ملايو، سنهو، ڊگهو، پڙهيل لکيل، ڪنهن زماني ۾ سهڻو نه ته وٽندڙ مرد هوندو، پر هاڻي بيماريءَ هنکي نهوڙي ڇڏيو هو، هن پنهنجي زال لاءِ چيو.

"عذرا ڏاڍي عجيب عورت آهي، هڙي وفادار زال مون کٽي نه ڏٺي، نه پڏي، منهنجي ايڏي ته خدمت ڪندي آهي جو هڪ ڏينهن مون سندس هٿ جهلي چيو: خدا جي واسطي منهنجي ايڏي خدمت نه ڪر ته متان مان ٻرگانڊي وانگر توکي ماڻ نه ٻڌائي ويهان، چاڪاڻ جو مونکي يقين

آهي تہ مامتا کانسواءِ ڪوبہ جذبو ايڏو سچو ۽ ايڏو عظيم ٿي نٿو سگهي."

هن ا ڪيون ڪئي عذرا ڏانهن نهاريو. عذرا مرڪي رهي هئي، هن عذرا جي مڙس ڏانهن نهاريو، هو ٽورانٽن ا ڪين سان عذرا ڏانهن ڏسي رهيو هو، هنجي منهن تي انساني رشتن جو ويساهہ هوهنکي لڳو جڏ عذرا جي مرڪ پنهنجي مڙس جي ان ويساه تي ٽڪوليل هئي.

زندگيءَ جي اهڙن تجربن هنجي ويساه کي ٽوڙي ڇڏيو هو. هنجي اندر ۾ اهڙي برف جمي وئي هئي جنهن ۾ نه جذبي جي گرمي هئي نه ساڙجي لهس. اوچتو هنجي زندگيءَ ڦيرو کاڌو، هنجي اندر ۾ جذبن جهرمر لاتي ۽ اڄ ته هنجو سارو وجود ساڙ ۾ سڙي رکيو هو.

شيرين سان هنجا ذهني لاڳاپا هڪا، هوشيرين سان هوندو ته شيرين جي سات سان هنکي عجيب بي‌نام راحت ٻڌي ملندي، جيتري ديـر هو هـن سان هوندي، هنکي پنهنجي پوري وجـود ۾ زندگي ڏڙکندي محسوس ٿيندي، هنجي گهر ويندو ته هنجي ماءُ جي مرک، پيءُ جي شخصيت جي سچائي، نندي ڀاءُ جـي ڀاراڻي سڪ کـي ڏسي هنکي اڻين لڳندو جڏ اهوئي هنجو گهر هو، گهٽا سال اڳ جڏهين هو اڃا نندڙو ٻار هو تڏهين پانيڙا پائيندو گهران نڪتو هو ۽ وات وڃائي پرائي گهر وڃي پهتو هو، پرائي گهر ۾، پراون ماڻهن، هن کي پالي نپائي وڏو کيو هو ۽ اڄ هيترن سالن کانپوءِ هو گهر موٽي آيو هو، هن کڏهين بـه پنهنجو پاڻ سان ان‌گهالهه جو اعتراف نه‌کيو ته شيرين سان هنجو ذهني لاڳاپي‌کان وڌيڪ به کو لاڳاپو هو، پـر پوءِ هڪ ڏينهن شيرين کنهن کم سانگي لاهور وئي ته هـن پنهنجي اندر ۾ ايذاءُ محسوس کيو، هن چرکي پنهنجي اندر ۾ نهاريو

۽ هن ڏڻو ته هنجي هنيانءَ کي چيري گلاب جـو هڪڙو گل ڦٽي پيو هو، اهو محبت جو گلاب هو، پهرين تـ هو پنهنجي هنيانءَ ۾ ٽڙيل محبت جي ان گلاب کي ڏسي ڏجي ويو، پر پوءِ ڏجندي ڏجندي اڳتي وڌيو ۽ ڪنڌ جهڪائي، ان گلاب کي چمي اکين سان لاتائين.

هنجي احساس تي هلڪي هلڪي درد جـو ڪوهيڙو چانبل رهڻ لڳو، ان ڪوهيڙي مان اوچتو ڪنهن چهري جو چنڊ اپري ايندو هو، وڌيون، گـولاءُ ۽ حيران اکيون، نديڙو وات جيڪو مرڪڻ مهل ٽڙي ٽي پيو. گلابي چپ جن مان مرڪ سان گلاب جون پنکڙيون ڇٽي ٽي پيون.

شام جـو نسيم وٽ شراب پيئندو، شـراب سان هنجي احساس تي چانبل هلڪي هلڪي درد جو ڪوهيڙو وڌيڪ گهروٽي ويندو ۽ اوچتو ان ڏنڊ مان چهري جو چنڊ آپري ايندو ۽ هنجي اندر ۾ نديڙو ٻارڙو، چنڊ جي فاصلن، دورين ۽ مجبورين کان بي‌خبرٽي، چنڊ ڏانهن هٿ ڊگهيري، چنڊ لاءِ روئڻ ۽ ليلائڻ لڳندو. ڇا هنجي ميري ۽ گدلي اندر ۾ اڃا ڪو ٻارڙو جيئرو هو.

هن جي دل چوندي هئي ته هو شيرين کي ڏسندو رهي ۽ صديون ساعتن ۾ گذري وڃن. نيٺ شيرين ۾ ڇا هو جو هنکي ڏسڻ مان هو ڏاڍي نڪي ڏاڍيو، هن زندگيءَ ۾ ان کان وڌيڪ حسين چهرا چميا هئا، ان کـان وڌيڪ سهڻن اکين هنجي تتل تـن تـي پيار جو مڌ اوتيو هو، ان کان وڌيڪ چاشني دار چپن مان هن چاشنيون چوسيون هيون، پـر هن

چهري ۾ الائجي ڇا هو جو ان‌کي ڏسڻ مان هو ڏاڍي نٽي ڏاڍيو.

هن‌کي اڄ تائين ڪنهن جي به پيار تي يقين نه آيو هو، پر شيرين جي پيار تي يقين ڪرڻ جي هن‌کي ضرورت ئي محسوس نه ٿي، هن‌کي صرف ان‌ڳالهه جو يقين هو ته هنجو شيرين سان پيار هو، ان يقين‌کان پوءِ هنکي پنهنجي دل جي محرابن ۾ مريم ويڻل نظر آئي جنهنجي هنج ۾ نندڙو عيسيٰ هو، اهو عيسيٰ ئي هنجو مسيحا هو ۽ ان جي ڇهاءَ سان هو جيئرو ٿي ٻيو هو.

شيرين جي انگ انگ ۾ زندگي هئي، زندگي‌هنجي پور پور مان ڦاٽ ڪائي ٿي وهي، هوءَ وقت جي هر گذرندڙ گهڙيءَ ۾ وجود جي پوري سچائيءَ سان جي رهي هئي. هن کي ماڻهن سان پيار هو، هن پنهنجي چوڌاري انساني رشتن جي پٽ ڏاڪڻ جو چار ڀڏيو هو، هن جون به چار ساهيڙيون هيون جن سان هوءَ ڏاڍو پيار ڪندي هئي، پر عورتن‌کان وڌيڪ هن‌کي مردن جي دوستي وٺندي هئي، نوجوان ۽ پنهنجي هم عمر ڇوڪرن سان هوءَ بزرگن وارو ورتاءُ ڪندي هئي ۽ پاڻ کان وڏي عمر جي مردن جي ساڻ کي پسند ڪندي هئي، ڪتاب هن لاءِ دوستي جا سفير هئا ۽ ڪتابن جي ڏي وٺ ڪري هوءَ نيون دوستيون گهڙيندي هئي.

جنهن فرم ۾ هوءَ نوڪري ڪندي هئي ان فرم جي جنرل مئنيجر سان هنجي دوستي هئي. هو وڏو بدنام ماڻهو

هو ۽ فرم جي ورلي کا چوکري هنجي هٿان بچي هئي، ادب، آرٽ ۽ ڪتابن سان به هنجي کا دلچسپي نه هئي‌پر ته به هوءَ هنجي دوست هئي، هو هنجي دوستي تي دل ڏي دل ۽ پيو سڙندو هو، هڪ ڏينهن هن پڇيس.

"مونکي تنهنجي ۽ جنرل مئنيجر جي دوستي‌صفا سمجهه ۾ نٿي اچي، هو ڏاڍو بدنام ماڻهو آهي ۽ پيو ته، تنهنجون ۽ هن جون دلچسپيون به صفا الڳ آهن، پوءِ اوهين دوست ڪيئن آهيو؟"

"بدنام آهي ته مون‌کي چا ڪندو؟" هن ڏاڍي اعتماد سان چيو. "ڏوکي خبر ڪانهي هو ڏاڍو ڏ ڪويل آهي، هن جي‌گهريلو زندگي ڏاڍي ناخوش آهي."

"ڪي‌شڪاري مرد چوکرين جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهريلو زندگيءَ جي ناخوشيءَ جا بهانا ڪاهيندا آهن."

"هو مونکي پنهنجي ڏيءَ سمجهندو آهي."

"جيڪو مرد عورت کي ٻيءَ طرح حاصل ڪري نه سگهندو آهي ته پوءِ، هن‌کي ڏيءَ يا پٽ بنائي انجو قرب حاصل ڪندو آهي."

"مان پيار نه آهيان، مان مرد جي ميري نگاه کي سمجهي سگهان ٿي، هو مون کي ڏوتل نگاهن سان ڏسندو آهي."

ڪجهه وقت کان پوءِ جنرل مئنيجر کي ٽن مهينن لاءِ ڪنهن ٻاهرين ملڪ وڃڻو پيو، شيرين پنهنجي گهر ۾ هن

جي دعوت ڪئي، هنکي بہ سڏايائين، هن محسوس ڪيو تہ جنرل مٿنيجر کي هنجي موجودگي صفا ڪانہ ٿي وڻي، موڪلائڻ مهل شيرين سينيجي اکين هن سان ائين سيني سان لڳي ملي جيئن ڏيءَ پنهنجي سڳي پيءُ سان ملندي آهي، هوءَ تہ هن سان ڏيءَ وانگر ملي هئي پر هن ڏٺو هو تہ هن جي چهاءَ سان جنرل مٿنيجر جي منهن تي انڊي ۽ اونداهي جذبي جو پاڇو لهرائي ويو هو، اهڙيءَ مهل هنکي شيرين جي معصوميت تي ترس آيو هو.

جنرل مٿنيجر جي جاءَ تي ٿن مهينن لاءِ ٻيو جنرل مٿنيجر آيو. هو وڏو شاعر ۽ اديب هو، ٿن ڏينهن جي اندر هوءَ ان نئين آيل جنرل مٿنيجرجي دوست ٿي وئي، ڪتابن جي ڏي وٺ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري، حجائتي گفتگو، هوءَ سڀ ڳالهيون هن سان اچي ڪندي هئي ۽ هو اندر ۾ ٻيو سڙندو هو.

"هي جنرل مٿنيجر بہ توکي پنهنجي ڏيءَ ٿوسمجهي؟"

"نہ، هو مونکي صرف عورت ٿو سمجهي."

"ٻوءَ بہ تون هن جي دوست آهين."

"ها....." هن ڏاڍي سادگيءَ سان هاڪار ڪئي ۽ هو هن جي سادگيءَ کي ڏسي مات ٿي ويو.

ٽي مهينا گذريا ۽ جنرل مٿنيجر وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. وڃڻ واري ڏينهن هن شيرين کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏايو ۽ فراقيانہ انداز سان چيائين.

"تون مونکي وساري ڇڏيندينءَ، پرمان توکي ڪڏهين

ٻ وساري نــ سگهندس. توسان گهاريل هڪ هڪ گهڙي منهنجي زندگيءَ جو قيمتي سرمايو آهي."

شيرين هن جي گفتگوءَ جي فراقيانه انداز کــي ڏسي حيرت مان هن ڏانهن نهاريو ۽ چيائين.

"اوهين اهڙيون گالهيون چو ٿا کريو، مان اوهانکي چــو وساريندس، اوهان منهنجا اهڙائــي ويجها دوست آهيو جهڙي منهنجي فلائي ساهيڙي آهي."

"تــون مون کي رگــو پنهنجي فلائي ساهيڙيءَ جهڙو دوست ٿي سمجهين، ان کان وڌيڪ ڪجهه نٿي سمجهين؟"

"ان کان وڌيڪ مان اوهان کي چا سمجهندس،" هن پاراٿي حيرت مان پڇيو، جنرل مئنيجر ٿڏو ساه کڻي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

هن جي وڇڻ کان پوءِ هو ٻئي هڪ ٻئي کي خط لکندا رهيا. (هوءَ ڪڏهن ٻ پنهنجي ڪنهن ساهيڙيءَ کي خط نه لکندي هئي) انهن گالهين سان هو اندر ئي اندر ٻيو سڙندو هو، پر اڄ تــ هن جو سارو وجود ساڙ جــي بــاه ۾ ٻــري رهيو هو.

هن سوچيو چا هنجو هاڻوڪو ساڙ اهو ساڳيو ساڙ هو جيڪو هن سڪينه ۽ خالديءَ لاءِ محسوس ڪيو هو، نــ اهو ساڙ حيواني جذبو هو جيڪو پ هنجي ملڪيت ۾ ٻئي کي حصيدار ٿيندو ڏسي هن محسوس ڪيو هو، پر هي اهو ساڙ هو جنهن ۾ ماڻهو پرينءَ کي اڪيلن ۾ ويهاري پلڪن سان ڏسي ڇڏڻ چاهيندو آهي ته جيئن نــ دنيا پرين کي

ڏسي سگهي ۽ "نہ مان ڏي پسان کو ٻيو." پر اها رڳي بيوس تمنا آهي ۽ ڪوبہ پرين ۽ کي اکين ۾ ويهاري لوڪ کان لڪائي نٿوسگهي، پرين ۽ کي پنهنجو الڳ وجود آهي ۽ ان وجود کي پنهنجا رخ آهن، پنهنجون گهرجون آهن، الڳ الڳ متاچرن تي الڳ لڳ لاڳاپا آهن، پيار هنجي وجود جو رڳو هڪڙو رخ آهي، پيار ڪرڻ وارا پرين ۽ جي ان هڪ رخ کي ئي پرين ۽ جو سارو وجود ڇو ٿا سمجهن، هنجي وجود جي سيني رخن، هنجي شخصيت جي سموري پکيڙ کي قبول ڇونہ ٿا ڪن....؟ اهي سڀ دماغ جا دليل آهن ۽ دل کي پنهنجا دليل ٿيندا آهن.

"شيرين جي پيار مونکي ايڏو ساڙيل ڇو ٻڌائي ڇڏيو آهي؟" هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو. شايد انڪري هو ايترو ساڙيل ٿي پيو هو جو هنکي شيرين جي پيار تي اعتماد نہ هو، هنکي پنهنجي پيار تي تہ اعتماد هو، پنهنجو پاڻ اعتماد نہ هو، هنجي ۽ شيرين جي وچ ۾ عمرن جا فاصلا هئا، سماجي فاصلا هئا، هو سماجي رشتن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هو ۽ شيرين آزاد هئي، پنهنجي فيصلي ۾ آزاد هئي، هنکي ڇڏي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جو هٿ جهلڻ جي فيصلي ۾ آزاد جيڪو هن لاءِ ساري زندگيءَ جو سهارو ٿي سگهي، هو هن لاءِ زندگيءَ جو سهارو ٿي نٿي سگهيو، هو مجبور هو، لاچار، بيوس هو ۽ اڄ اها مجبوري، لاچاري ۽ بي وسي ساڻ جي ڇر ٻڌجي هنجي روح کي ڇرڪائي رهي هئي.

هو شيرين سان ملندو هو تہ هنجي دل چوندي هئي تہ هو شيرين کي چهي ڏسي، هنجي چپن کي، هنجي مرڪ کي، مرڪ سان گل ۾ پوندڙ چڪ کي، هو هنکي، هنجي وجود کي چهي محسوس ڪري ۽ هنجي بي چئي ۽ بي‌وساهي دل کي ويساه اچي وڃي تہ هوءَ خواب نہ هئي، خيال نہ هئي پر جيئري جاڳندي حقيقت هئي، هنجو چهاءُ نہ رڳو شيرين جي وجود جو اقرار هو پر هنجي پنهنجي وجود جو بہ اقرار هو. هڪ ڏينهن هو شيرين جي گهر جي ڪمري ۾ ويٺو هو. شيرين سامهون ڪرسيءَ تي ويٺي هئي، الائجي ڇو هنکي ائين لڳو جڻ هوءَ هن کان پري ٿيندي ٿي وڃي، هن جي ۽ شيرين جي وچ۾ فاصلا وڌندا ٿا وڃن.

"شيرين...."

"جيءُ...."

"منهنجي ويجهو اچي ويهہ."

"چو...."

"منهنجي بي‌چئي ۽ بي‌وساهي دل تو کي چهي‌تنهنجي ۽ منهنجي وجود جو اقرار ڪرڻ ٿي چاهي."

هوءَ ٿوريءَ دير لاءِ هيڪي ۽ پوءِ اٿي هنجي ڀرسان صوفي‌تي اچي ويٺي، هن هٿ وڌائي هنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ ورتو، نندڙو، نازڪ، نرم۽ ملائم هٿ، جهڙو ڪنول جو گل! عورت جو چهاءُ هنجي ستل جسم کي نند مان جاڳائيندو هو پر شيرين جو چهاءُ جڻ ماءُ جي لولي هو جيڪو هنجي احايل ۽ خواهشن جي بارکان ٽڪل ۽ ٽٽل

جسم کي ٿپي سمهاري رهيو هو، هنکي ڪامو جا لفظ ياد پيا.

what does eternity matter to me? To Loose the touch of flowers and woman's hands is the Supreme Separation.

اهو ڇهاءُ ئي هميشگي هو، ابديت هو، انکان وڌيڪ ڪا ابديت ڪانه هئي، هن ڪنڌ جهڪايو ۽ ڇهاءُ جي هميشگي ۽ ابديت کي چمڻ چاهيائين، شيرين يڪدم پنهنجو هٿ ڇڪي ورتو ۽ ٽپ ڏيئي صوفي تان اٿي ۽ سامهون ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي، هنجو هاڻ ڏکر جي ٽانو وانگر ٽوڪر سان ڀڄي پيو، هنجي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، هو اڄ ٽائين ڪنهن به عورت جي اڳيان نه رنو هو، اهو هنجي مرداڻي غرور ۽ هٿ جي توهين هئي، هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پلکن سان لڙڪ لڪائي شيرين کان موڪلائڻ کانسواءَ هو گهر هليو ويو.

اڄ ٽائين ڪنهن بہ عورت هنجي پيار کي اڻين نہ ٺڪرايو هو جيڪن شيرين هنجي پيار کي ٺڪرايو هو، هن اڄ ٽائين ڪنهن کان به اڻين پيار نہ پنيو هو جيڪن هن شيرين کان پيار پنيو هو، هو تہ عورت لاءِ الڪل باز هو، الڪل بازين جي سرڪ ڦاهيءَ ۾ عورت کي ڦاسائيندو هو، هو پيار پنندو نہ هو پر باز وانگر لامارو ڏيئي، جهٽ هئي پيار کسيندو هو، هڪ دفعي هڪڙي فنڪشن ۾ هنکي هڪڙي عورت پسند آئي هئي، ين ملاقاتن ڪانپوءِ ٽين ملاقات ۾ هو هنکي ڳالهين سان ريجهائيندو سيپ کان پاسيرو وڃي ويو ۽ پوءِ اوچتو لامارو ڏيئي، گرڻ پڪ وانگر پر پکيڙي هنکي

پاکر ۽ ورتو هٿائين، هوءَ تڙپي هئي، ڦٽڪي هئي ۽ پوءِ رسيل ميوي وانگر ٽاريءَ مان ڇڇي هنجي جهوليءَ ۾ اڇي ڪري هئي.... اڄ هن اڪل بازيءَ سان نہ پر پيار جي سموري سچائيءَ سان ڇهاءُ جي گهڙيءَ جي همشگي ۽ ابديت کي ڇهڻ چاهيو هو ۽ شيرين هنجي پيار کي، هنجي پيار جي سچائيءَ کي ۽ ڇهاءُ جي ابديت کي ڪرائي ڇڏيو هو، آخر ڇو؟ شايد انڪري جو هنجي ۽ شيرين جي وچ ۾ سماجي مفاصلا هئا، عمرين جون وچوٽيون هيون..... هو يڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ آڏيني جي سامهون بيهي پنهنجو پاڻکي ڏسڻ لڳو ۽ اڄ پهريون پيرو هنکي احساس ٿيو تہ هنجي اکين هيٺان گهنج پڄي ويا هئا، کلڻ مهل هنجي منهن تي گهنجن جوڇار وڇائجي ويندو هو، شيرين مرڪندي هئي تہ اڃين لڳندو هوڇڻ هنجي ڇپن جي ڪنڊن مان صبح جو سوجهرو ٿو ڦٽي، هنجا وار ڪارا ۽ پنڌا هئا ۽ هنجون ٻئي نوڪون ۽ متي جا وار اڃ ڪان وڌيڪ اڇا ٿي ويا هئا، پهرين هن ڪڏهين بہ محسوس نہ ڪيو هو تہ وقت هنکي پٺتي ڇڏي گهڻو اڳتي وڌي ويو هو ۽ هينئر اوچتو هنکي خبر پئي هئي تہ هنجي زندگيءَ جي ٽپهري ٽي هئي، سج ٻاهہ اوڳاڇي، پنهنجي ٻاهہ ۾ پاڻ سڙي ۽ ساڙي، هينئر لڙي آيو هو، پوياڙي جا پاڇا ڊگها ٽي ويا هئا، چاڻ سڄ لٿو، چاڻ اونده ٿي، موت جي اونده، قبرجي اونده، فنا جي اوندها ۽ اونده جي چانئٽ تي بيهي هن زندگيءَ ۾ باڪ کي ڦٽندو ڏٺو هو.....چا وقت واپس وري نٿو سگهي؟ وقت

جو ڦيٽو ابتو ڦري نٿو سگهي؟ ڏينهن رات جي گردش پٽتي موت کائي نٿي سگهي؟ هڪ وار، صرف هڪ وار وقت موت کائي ۽ هو ان سا ڪي هنڌ موڪي وڃي جتي هن غلط فيصلو ڪيو هو ۽ هنجي زندگي ان غلط فيصلي جو ايذاءُ هئي..... ڇا هنجا زنجيرٿٽي نٿا سگهن، هنجي ايذاءُ جو دوزخ وسامي نٿوسگهي، گنهگارن جي پڇتاءُ جي لڙڪن سان ته دوزخ بہ وسامي ويندو ڇا هنجي پڇتاءَ جي لڙڪن سان هنجي ايذاءُ جو دوزخ ڪڏهين نہ وسامندو.

پٽي ڏينهن نہ چاهيندي بہ پنهنجي پاڻ وهيٽيءَ دل هٿان بيوس ٿي هو شيرين جي گهر وڃي پهتو، اڄ هو ڏکويل، رڻ ۽ روڙهارڪي ٻارجهڙو هو، شيرين هن سان ڏاڍي پيار سان ملي، هن سان ائين ڳالهائڻ لڳي جيئن ڪو رڻ کي ريجهائيندو آهي. جيئن هنکي ريجهائڻ جي ٽي ڪيائين تيئن هنجو هانءُ پرجي ٽي آيو، شيرين چيو:

"هلو ته ڪنهن هوٽل ۾ هلي ڪچهري ڪريون."

"هلو ..."

ڪار ۾ ويهي شيرين پڇيو:

"اوهين مونکان ناراض آهيو؟"

هنجو هانءُ پرجي آيو.

"نہ...."

"اوهانجو ۽ منهنجو رشتو سچائيءَ جو رشتو آهي، اوهين مونسان ڪوڙ ٽا ڳالهايو."

"دوست ته دلين جا ڏک پاڻ‌مرادو سمجهي ويندا آهن، مان ڏکويل هجان ها ته توکي خبر پئجي وڃي ها تہ اڄ

تنهنجو دوست ڏ ڪويل آهي."

هنجو جواب ٻڌي شيرين اداس خاموشي اختيار ڪئي.

هوٽل ۾ هو ٻئي خاموش هٿا، ٻنهي جي وچ ۾ اداسي ٽاڪيل هئي، ٻنهي خاموشيءَ سان ڪافي پيتي، خاموش نظرن سان هڪ ٻئي ڏانهن نهاريائون ۽ هڪ ٻئي کان نظرون چورايائون، ايتري ۾ شيرين جو هڪڙو دوست اچي ويو، ٻئي يونيورسٽي ۾ گڏ پڙهندا هٿا، هن يونيورسٽي مان ايم- اي- پاس ڪئي هئي ۽ ڪنهن سٺي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ هو. وچولو قد، مضبوط بت، نئين فيشن جا ڪپڑا جن مان خوشحالي ٽپي ٻکي، ڏاڍيان ٽهڪ ڏيئي ٽي ڪليو، اکين ۾ اطمينان ۽ محفوظ مستقبل جا خواب، سندس سنڌ سنڌ مان زندگيءَ ڦاٽ ٽي ڪاڍل زندگي..... ....! زندگي!! زندگي فاتر وانگر فات ڪري هن ڪان پاڻ ڇڏائي هلي وئي هئي، هو ٻئي ڳالهيون ڪندا رهيا، يونيورسٽي جي زندگي، دوست.... سياست.... فلاڻو ڪيئن آهي، هڪ ٻي جي ڳالهين ۾ ايترا تہ محو هٿا جو هن هنجي وجود کي ٽي وساري ڇڏيو هو، زندگي ۾ تہ هن کي وساري ڇڏيو هو، هن کي لڳو ڇ هوٽل ۾ ويٽل ماٺهو هن ڏانهن نهاري رهيا هٿا، هن جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هٿا، هن تي ڪلي رهيا هٿا، هن جي هانءَ کي ڇ ڪنهن مٽ ۾ جهليو ۽ پيڪوڙڻ لڳو، هو يڪدمڻپ ڏيئي آٽيو ۽ گهڙي ڏسندي چمائين.

"معاف ڪجو، مونکي ڊاڪٽرڏانهن وڃڻو آهي، مونکان ڳالهہ وسري وئي هئي. چڱو، خدا حافظ."

شيرين حيرت مان هن ڏانهن ڏٺو، هو تڪيون تڪيون وڪون ڪڍندو ڏاڪڻ ڏانهن وڌيو ۽ ڏاڪڻ جا ڏاڪا ٽپندو هيٺ لٿو.

.....هن اسٽيئرنگ تان متون متي ڪنيون، ڪنڊ ڦيري هيڊانهن هوڏانهن نهاريائين، رستي جي لنگهندڙ ماڻهو، ڪاريون، رڪشا، ۽ ٽئڪسيون، سڀ کي ٽڪر هڻي ۽ ڪنهن هن ڏانهن اک ڪڍي به نه ڏٺو هو، هن اونهون ساه ڪنيون، لڙڪن سان هنجو هانءُ هلڪو ٿي پيو هو، هن ڪيسي مان رومال ڪڍي چڱيءَ طرح اکيون صاف ڪيون ۽ ڪار اسٽارٽ ڪيائين، هو ڪهڙانهن وڃي، هن دنيا ۾ هنجو ڪير هو، ڪير هنجي درد جو دوست هو، اڄ ته هن پنهنجي درد جي دوست کان ئي درد پرايو هو، هاڻي هو ڪنهن وٽ وڃي، ڪهڙانهن وڃي....

نسيم در کوليو ۽ هن کي ڏسي ڏاڍي ٽوڪ زنيءَ سان چيائين.

"اڄ ڪيئن پلجي پئين؟"

هن نسيم کي کو جواب نه ڏنو ۽ سڌو ڊائينگ روم ۾ اچي صوفي تي پنهنجو پاڻ کي اڇلائي ڇڏيو ۽ ڪنڊ صوفي جي ٽيڪ تي رکي اکيون ٻوٽي ڇڏيائين.

نسيم ڏلندي، مرڪندي، هنجي سامهون صوفي تي ويٺي ۽ ساڳي ٽوڪ زنيءَ سان چيائين.

"اڄ منهنجي نوجوان دوست سان وڙهي آيو آهين چا؟" هن صوفي تان ڪنڊ ڪڍي ڪانسواءِ چيو.

"آٽ، مونکي پيار ڪر."
هوءَ خاموش ويٺي رهي.
"آٽ، مونکي پيار ڪو."
هوءَ وري بہ خاموش ويٺي رهي.
"مان چوانءِ ٿو آٽ مونکي پيار ڪر." هن صوفي جي پاڻهن کي زور سان جهليو، ڪنڌ ڪٽي، اکيون ڦوٽاريون ۽ ڏانهن ڪيائين. نسيم چرڪي، ڏاڍي يڪدم صوفي تان اٿي ۽ هنجي سامهون اچي بيٺي. هن هٿ وڌائي هنجي قميص کي جهليو ۽ سٽ ڏيئي قميص ڦاڙي ڇڏيائين ۽ پوءِ وحشين وانگر هنجو ساهس پٽڻ لڳو، چٽي ڪٽي وانگر چيچلائڻ لڳو. پر هنجي اندر ۾ باهه پڙڪو نہ کاڌو، هنجي بدن ۾ باهه جي گولي گردش نہ ڪئي، هنجي وجود ۾ گرم گرم، ٻرندڙ ۽ ٻاريندڙ جوالا ڦاٽ کائڻ لاءِ بي تاب نہ ٿي، اڄ هو برف هو، هنجي وجود جي چوڌاري ٿي برفاني طوفان واکا ٿي ڪيا.

هو شيرين جي سامهون ويٺو هو. ڳچ، ٻريل ۽ ڏنل انسان! هن اکيون شيرين ۾ ڪپائي ڇڏيون هيون ۽ چپ چاپ هنکي ڏسي رهيو هو، آهستي آهستي هنجي اکين ۾ لڙڪ مڙڻ لڳا ۽ هن کان اوچنگار نڪري وئي.... شيرين بي تاب ٿي اٿي بيٺي ۽ هنجي ٻرسان ويهي هنجي مٿي کي

هٿن ۾ جهلي پنهنجي سيني‌تي رکي ڇڏيائين. هنجي لڙکن جا بند ڀجي ڀيا ۽ هو ننڍڙي ٻارڙي وانگر شيرين جي‌سيني ۾ منهن لکائي روئڻ لڳو، شيرين پاڻ کيتري نه ڪمزور هئي، ڪيس وک وک تي سهاري جي ضرورت هئي مرد جي مضبوط ٻانهن جي‌حفاظت جي ضرورت هئي پر اڄ هڪڙي مضبوط انسان هنجي ڪمزور هنج ۾ منهن لکائي، لڙڪ گهاڙي، پنهنجو پاڻکي ڪيڏو نه محفوظ ٿي محسوس ڪيو.

هن شيرين جي هنج مـان ڪنڌ متي ڪنيون ۽ هنجي ڀرن ۾ ويهي هنجي ڀرن کي چمڻ لڳو.

"هي ڇاٿو ڪرين؟" شيرين حيرت مان پڇيو.

"ڏنهنجا پير نٿو چميان، پنهنجي جذبي‌کي ٿوچميان."

هنجي هيڏي اٽاه پيار‌کي ڏسي هوءَ بـ روئڻ لڳي، هن اڳي ڪيس گهراڙڙي پاڻي، ڪير ٿـو چئي تـ هنن جي وچ۾ فاصلا آهن، ٻن الڳ الڳ وجودن جا فاصلا ائين ختم ٿيندا آهن، ٻن جسمن جي ٻيائي ۽ دوري ائين دور ٿيندي آهي، هي ٻن انسانن جو، ٻن جسمن جو تصوف هو. ڪيرٿوچئي تـ چنڊ ۽ ٻارڙي جي وچ۾ دوريون ۽ مجبوريون آهن، هـو ٻئي هڪ ٻئي لاءِ ٻڌا ٿيا هئا نه هو پيءُ هو نه مڙس هو ۽ نه آفيسر هو. هو ننڍڙو ٻار هو جنهن ساري زندگي ان چنڊ کي ماڻڻ لاءِ ليلايو هو ۽ اڄ چنڊ هنجي هنج ۾ هو.... هن زندگيءَ ۾ گهٽائي بدن ڏٺـا هئا، آپـري آلري ايندڙ بدن، واڳونءَ وانگر وري وار ڪندڙ بدن، ستل ۽ بي‌خبر جذبن تي راڄاها هاڻندڙ بدن! پـر هي بدن جـن کا سر مالها هو

جنهن هنجي روح ۾ جسم ۽ ازل کان ستل سرن کي جاڳايو هو.... هن هنجي اکين کي چميو، پيشانيءَ کي چميو، ڳلن ۽ پوندڙ چڳهه کي چميو. الائجي ڇو هنکي ان وقت نسيم ياد پئي ۽ هنجي دل ۽ نسيم جي جسم لاءِ ڪراهيت جي بدران رحم ۽ همدردي جاڳي پئي، نسيم ڪيتري نه اڪيلي هئي، ڪيتري نه محروم هئي، انسان ڪيترو نه اڪيلو ۽ محروم آهي، ڇا اهڙو زمانو ايندو جڏهين ماڻهن جون شخصيتون ڏنگيون، ڦڏيون، لولينون لنگڙيون نه هونديون. ڪوبه محروم نه هوندو، آسودا جسم هوندا ۽ پيارسان ڀريل روح هوندا. جڏهن ڪوبه پنهنجا خواب نه وڪڻندو آدرش نه وڪڻندو ۽ زندگي غلطيءَ جي ايذاءَ جو دوزخ نه هوندي.

ان رات هن خواب ڏٺو.

ته سياري جي رات آهي، واه ٿي پئي، آسمان ٽي ڪرآهن، وڏ ڦڙو ٿو وسي، هرطرف اونده انڌوڪارآهي. هو پنهنجي ڪار ۾ آرام سان ويٺو آهي، پريان رستي تي هڪڙي نيڙي پاڙي رڙندي ٿي اچي، اکين ۾ چپون، نڪ مان وهندڙ سنگهه، ڳالهه ۽ ميرا ڪپڙا، هوءَ روئندي، هٿن سان اکيون مهٽيندي ٿي اچي، هنجو سارو بدن سيءَ ۾ ٿو سڙکي، بيپار مددگار، هر طرف اونده انڌوڪار ۽ هوءَ هيڏي هيبتناڪ ڪائنات ۾ اڪيلي، پتڪڙي ۽

جيتامڙي! هو ڪار تان لٿو ۽ ٻوڙي اچي ٻارڙيءَ کي هنج ۾ کنيائين، هنجو ميرڙو منهن، لڙڪ ۽ سنگهه اگهيائين ۽ هن کي سيني سان لاتائين ..... هو ننڍڙو تمام ننڍڙو ٿـي ويو، تنجڻن ۾ ٻڏل ٻارڙو، هواڙي عورت جي‌هنج ۾ ليٽيل هو جنهن جي منهن مان نور ۽ ڇاتين مان ٿڃ ٿو ڦٽي، هن جي روح جي آڃ آجهامندي ٿي وڃي، ٿڃ جي گوهن سان هنجو تتل ٿڌي جهڙو تن ڏرندو ٿو وڃي ڏرتيءَ ۾ تـان دکـ ڏپندا ٿا وڃن..... شيرين جو هٿ هنجي هٿ ۾ آهي، هو ٻڌي جهومندا، نچندا، آڏامندا ٿا وڃن. هر طرف ڏليون ڏيون وڃن، چڙا ٿا ٻرن، آسمان مان مينهن ڦڙن ۽ گان جي پنکڙن جي ورکا ٿي‌ٿڦي، رات جي‌ڪاري ڪاري هانءَ کي چيري پره ٿي‌ڦٽي، پريان ڏرتيءَ ڏکاڻا، ڏڏيل ۽ ڏکاريل انسانن جا هشام مـرڪندا، جهومندا، گيت گائيندا ٿا اچن. سيني جي هٿن ۾ مشعلون آهن، جن جي‌روشنيءَ سان ساري ڏرتي، سارو آسمان روشن ٿي ويو آهـي. هنجي هنج ۾ اها ٻارڙي آهي، هن جو هٿ شيرين جي‌هٿ ۾ آهي، مشعلن جي روشني ٻارڙيءَ جي منهن تي ٿي پوي. ٻارڙي ٿي مرڪي، دکايل ڏرتي ٿي مرڪي، محروم ۽ مرٽينگ انسانن جو آئيندو ٿو مرڪي!

هن دريءَ جا طاق پٽيا ۽ اس جو ڏوتل سنهري تڙڪو

اندر گهڙي آيو. هن اکيون کڻي آسمان ڏانهن نهاريو اڄ هي ميرو، گدلو ۽ پوڙهو آسمان نيرو ۽ روشن ٿي پيو هو. سامهون وارا بنگلا، بنگلن ۽ سڙک جي ڪنارن سان بيٺل وڻ ڏوپجي اڇا اجرا ٿي پيا هئا. وڻن جي چچ ساون پنن‌تي مينهن ڦڙيون موتين وانگر ٽي جرڪيون ۽ ٽارين تي پکي پنهنجا مينهن ۾ آلا ٽيل پرڙا ڪنڊيري آس ۾ سڪائي رهيا هئا. گذريل رات ساري رات مينهن پيو هو. مينهن ساري ڪائنات جي ميرَ، غلاظت گندگيءَ کي ڏوئي چڏيو هو، پر هنجي دل تي، هنجي روح تي درد جا ميرا ۽ گدلا ته جميل هئا، فطرت انسان ڏانهن ڪيتري نه بي‌حس، بي‌نياز ۽ بي‌پرواه آهي. ڏرتيءَ تي الائجي ڪهڙا ڪهڙا ويل وهي ٽا وڃن پر فطرت اڻين ٿي بي‌نيازي ۽ بي‌پرواهيءَ سان مرڪندي ۽ ڪلندي ٿي رهي، پنهنجن بي رحم قانونن تي هلندي ٿي رهي. انسان به ته ان سا گهي فطرت جو حصو آهي پوءِ هن ۾ فطرت واري بي‌حسي ۽ بي‌نيازي ڇونہ آهي. هنجي اندر ۾ احساسن جو اوڙاه ڇو ٿو ٻرندو رهي. انسان جو فطرت سان گاڏيل‌پو به احساساتي آهي. فطرت جي انڊي قوتن کي انساني وصفون ڏيئي ديون ديوتائن جو روپ بخشڻ به ته انسان جي فطرت ڏانهن اختيار ڪيل احساساتي رويي جو اظهار آهي. رات، چند، ماڪ، پره، انبلڻ، ڪڪر، مينهن، گل، انهن سان ۽ فطرت جي اهڙين بين ڪيترن شين سان انسان جا احساساتي لاڳاپا آهن پر فطرت انسان ڏانهن بي‌نياز بي‌پرواه ۽ بي‌حس آهي. اڄ هنجي دل تي درد

جا گدلا ته جميل آهن پر ڪائنات ڏوتل پوتل آهي، اڄ هنجو روح روئي رهيو آهي پر ڪائنات ڪلي رهي آهي.

بنگلي جي سامهون سڙڪ تي ڪارون، رڪشا، دونهون اوڪاڇيندڙ بسون ڊوڙنديون ٿي ويون. سڙڪ جي پاسي ڪان فوٽ پاٽ تي اڻ پورن خواهشن، ڏکل خوابن، اونداهي آئيندن ۽ زندگيءَ جي ذلتن جو بار ڊوئيندڙ ماڻهن جي اڇ وڇ لڳي پئي هئي. پاسي واري بنگلي مان ٻه پارڙا ڪلهن ۾ ڪتاب جا ٿيلها لڙڪائي باهر نڪتا ۽ ڊوڙندا سڙڪ پار ڪري ويا ..... هو دريءَ کان هٽي، دريءَ جي ٻرڪ رکيل ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي مٿو ٽيڪي اکيون ٻوٽي چڊيائين اکيون ٻوٽڻ سان هن کي پنهنجي چوڌاري اونده پکڙيل نظر آئي، اکين ۾ ساڙو، سنڊن ۾ سور، مٿي ۾ سور، دل ۾ ڇڻ ڪا ڇپ پئي هئي .....هن يڪدم اکيون کوليون ۽ دريءَ کان باهر نهاريائين. آسمان روشن هو، اس روشن هئي، ڪائنات روشن هئي، پر هنجي اندر ۾ اونده انڌوڪار هو.... گذريل رات آڏيءَ جو اوچتو مينهن ٿهڪو ڪري لٿو هو، گجگوڙ، ڪنوڙ، مينهن جَو ٿهڪو، نيسارن مان وهندڙ مينهن جي پاڻيءَ جوشپڪو. اوسي پاسي جا بنگلا ڇڻ ته ڪوهيڙي ۾ لڪي ويا هئا. رستي تي هرندڙ بتين جي روشنيءَ ۾ مينهن جي بوندن جون لڙيون جهالر وانگر ٽي جرڪيون. ساري رات مينهن پيو هو، ساري رات هوجا گيو هو، هينئر مينهن ۾ ساري ڪائنات ڏوپجي وئي هئي ۽ پوڙهو، ميرو ۽ گدلو آسمان ڏوپجي نيرو ۽ روشن ٿي پيو هو.

هن دريءَ کان نظرون هٽائي سامهون واري ٽيبل ڏانهن نهاريو. ٽيبل تي وڏي پيالي جهڙي ايش ٽري ۾ وساڻيل سگريٽ جا ٽوٽا پيا هئا. هن هٿ وڌائي ٽيبل تان سگريٽ ۽ ماچيس کيون ۽ سگريٽ دکائي سوٽو هنيائين. سگريٽ جي سوٽي سان هن کي وات ۾ رڪ جو ذائقو محسوس ٿيو. وات ۾ رڪ هئي، دل ۾ رڪ هئي، روح ۾ رڪ هئي، رڪ ئي رڪ! خوشيون رڪ، خواهشون رڪ، خواب رڪ! هن ڪنڌ ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي رکيو ۽ آهستي آهستي سوٽا هڻڻ لڳو.

ساري رات جاڳي، ساري رات پنهنجو پاڻ سان وڙهي، هن هڪڙو فيصلو کيو هو. پر هينئر هن پنهنجي ان فيصلي بابت کجهه به سوچڻ نٿي چاهيو، چاڪاڻ جو هنکي خبر هئي ته جيڪڏهن هن ان فيصلي بابت وري سوچڻ شروع کيو ته هو ان تي ڪڏهين به عمل ڪري نه سگهندو.

ڪالهه شام جو روز وانگر هوشيرين سان ملڻ ويو هو. هن کي ڏسي شيرين مرڪندي هئي ۽ شيرين جي مرڪ سان هنجي زندگيءَ جون سموريون ڪوڙايون ڏوپڇي ويندیون هيون. پر ڪالهه هنکي ڏسي شيرين مرڪي ته هنکي ايئنءَ لڳو جڻ شيرين جي مرڪ ۾ لڙڪ لڪل هئا. هو صوفي تي ويٺو ۽ شيرين هنجي سامهون واري صوفي تي ٽي ويئي، هونئن هو هميشه هنجي پرسان ويهندي هئي، هو هٿ وڌائي هنجي هٿ کي ڇهندو هو يا هوءَ هنجي هٿ کي هٿ ۾ جهلي هنجي هٿ تي آهستي آهستي آ ڳريون ڦيرينديءَ هئي.

"ڇا گالهه آهي."

"ڪجهه نه آهي."

"تون اڄ اداس ڇو آهين؟"

"نه مان اداس ته نه آهيان."

"پاڻ هڪ ٻئي سان وعدو ڪيو آهي ته ڪڏهين به هڪ ٻئي سان ڪوڙ نه ڳالهائيندا سين. تون ان واعدي تي قائم آهين نه؟" هنجي سوال جي جواب ۾ شيرين چيو ته ڪين ۽ لڙڪن جي اڻ لکي آلاڻ اچي وئي. هوءَ پنهنجي ڇاه تان اٿي ۽ هنجي پر ۾ اچي ويئي، هنجي هٿ کي هٿ ۾ جهلي چيائين،

"منهنجي اکين کي چم."

هن هنجون اکيون چميون ۽ هنکي پنهنجي زبان تي لڙڪن جو لوٽائيل ذائقو محسوس ٿيو.

"دل ٽي چوي ته تنهنجي اکين ۾ لکل سڀ لڙڪ پي وڃان ته جيئن وري تنهنجي اکين ۾ لڙڪ نه اچي. تنهنجي زندگيءَ مان سڀ ڏک سور ايئن چوسي ڇڏيان.

"توکي ياد هوندو ان ڏينهن تو منهنجا پير چميا هٿا ته مان روئي ويئي هيس مان انڪري رني هيس جو مونکي تنهنجي پيار جي سچائيءَ تي يقين اچي ويو هو. تنهنجي پيار جي سچائيءَ تي يقين ايندو آهي ته ماڻهو خوش ٿيندو آهي پر مان روئي ويئي هيس ڇاڪاڻ جو مونکي خبر هئي ته اڄ يا سڀان مونکان منهنجو اهو پيار کسجي ويندو"

"تنهنجي پيار مونکي نئين زندگي ڏني آهي، پر هر

گهڙي مونکي اهو ڊپ رهندو آهي تہ مانکان منهنجي اها نئين زندگي کسجي ويندي، وڇوڙو اڻ ٽر آهي، موت به تہ اڻ ٽر آهي، چا ماڻهو ان ڪري جيئڻ چڏي ڏي جو هڪ نہ هڪ ڏينهن مرڻو آهي، چا ماڻهو انڪري پيار ڪرڻ چڏي ڏي جو هڪ نہ هڪ ڏينهن وڇوڙو اچڻو آهي. ڪڏهين ڪڏهين مونکي ايئن لڳندو آهي جڻ پاڻ ٻئي ويٽنگ روم ۾ ويٺا آهيون، تنهنجي ريل ايندي ۽ تون ريل تي چڙهي پنهنجي منزل ڏانهن هلي ويندينءَ ۽ مان توسان گهاريل هڪ هڪ گهڙيءَ کي ياد ڪري پيو جيئندس ۽ مرندس."

"مان غلط ريل تي چڙهڻ نٿي چاهيان. غلط اسٽيشن تي لهڻ نٿي چاهيان. پيار جو ناتو ويٽنگ روم ۾ ويٺل ٻن مسافرن جو ناتو نہ آهي پر زندگيءَ جو ناتو آهي. شايد مرد لاءِ پيار وقت گذارڻ جو وسيلو آهي پرعورت لاءِ ساري زندگيءَ جو زنجير آهي. عورت ويٽنگ روم ۾ نہ پرگهر ۾ رهڻ چاهيندي آهي، جنهن سان پيار ڪندي آهي تنهن جا ڪپڑا ڌوئڻ، ماني پچائڻ ۽ هنجا ٻار هنج ۾ ڪيڏڻ چاهيندي آهي. مرد پيار کي قبول ڪندو آهي پر پيارجي جوابدارين کي قبول نہ ڪندو آهي ۽ عورت پيار کي قبول ڪرڻ کان اڳ پيار جي سڀني جوابدارين کي قبول ڪندي آهي.... هيترن ڏينهن ۾ مون ڪڏهين سوچيو به نہ هو تہ ڪو مون کان منهنجو پيار کسجي ويندو. مان ان گهاڻ کي وساري ويٺي هيس تہ تنهنجي شادي ٿيل آهي، توکي ٻار آهن. پنهنجا سماجي رشتن جا زنجير آهن. مونکي اڄ خبر پئي

آهي ته پنهنجي پيار جو رشتو زندگيءَ جو رشتو نه آهي پر ويٺنگ روم جو رشتو آهي، اڄ انسان گهڻو ڪجهه ٿي اسانجي هڪڙي مائٽ منهنجي سڳ جي گهر ڪئي آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو پاڻ ڪري سگهان ٿي ۽ کوبه مونتي فيصلو مڙهي نٿو سگهي. پر انسان جي گهڻو پهريون پيرو مونکي اها گهڻو ياد ڏياري ته توکان سواءِ ڪنهن ٻئي جي به ٿي سگهان ٿي."

شيرين مان ٿي وئي. هن سگريٽ ڪيي ڏکايو ۽ ٽڪا ٽڪا سوٽا هڻڻ لڳو، ڪمري ۾ مان چانڀجي وئي. ان مان ۾ ٻنهي هڪ ٻئي جي دل جي دهڪي جا آواز ٻڌا.

"گهڻو ٻڌ." هن مان کي ٽوڙيندي چيو. "اڄ ته گڏجي کو فيصلو ڪريون. فيصلي ڪرڻ وقت انسان کوبه ٻئي لاءِ قرباني ڏيئي پنهنجي نظرن ۾ "شهادت" جو مقام ماڻڻ جي ڪوشش نه ڪندو. ٻئي حقيقت پسند ٿي، حقيقتن کي سامهون رکي، فيصلو ڪنداسين." هن سگريٽ جو سوٽو هڻڻ لاءِ سگريٽ کي چپن تائين آندو ۽ شيرين ڏٺو ته هنجون آکريون ڏکي رهيون هيون، هٿ ڏکي رهيو هو، سارو بت ڏکي رهيو هو "قرباني ڏيڻ وارو هميشه برتري جي احساس ۾ رهندو آهي. ساري زندگي هن کي ان گهڻو جو پورو پورو احساس رهندو آهي ته هن ٻئي لاءِ هيڏي وڏي قرباني ڏني آهي ۽ ٻئي کان کا معمولي غلطي ٿي ويندي آهي ته قرباني ڏيڻ وارو يڪدم سوچيندو آهي ته مون ته هن لاءِ هيڏي وڏي قرباني ڏني ۽ هي مونکي

منهنجي قرباني جو بدلو اهڙو ٿو ڏي. آهستي آهستي برتريءَ جو احساس پڇتاءُ ٿي ويندو آهي. قرباني وقتي شيءِ آهي جيڪا پوءِ پڇتاءُ ٿي ساري زندگي روح ۾ ڏکندي رهندي آهي. جن انسانن کنهن مقصد لاءِ پنهنجون زندگيون قربان ڪري ڇڏيون انهنکي جيڪر ٻيهر زندگي ڏني وڃي ته هو وري ان مقصد لاءِ زندگي قربان نه ڪندا. اڄ ته پيار کي پڇتاءُ نه ٻڌايون، پر حقيقت پسند ٿي کو فيصلو ڪريون." هو مان ٿي ويو، سگريٽ جو سوٽو هنيائين ۽ سگريٽ کي ايش ٽري ۾ مهٽڻ لڳو. شيرين هنکي سوالي نگاهن سان ڏسندي رهي.

"ڇا تون پنهنجي محبت ۾ ٻئي کي حصيدار ڪري سگهين ٿي؟" هن يڪدم سوال پڇيو.

"مون تنهنجي ڳالهه نه سمجهي." شيرين جواب ڏنو.

"توکي خبر آهي ته منهنجي شادي ٿيل آهي. سکينه جا مونتي کي سماجي حق آهن. ڇا شاديءَ ڪانپوءِ تون سکينه جي انهن حقن کي قبول ڪندينءَ؟"

شيرين هنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکيو ۽ ڏاڍي جهيڻي آواز ۾ چيائين.

"مان اها ڳالهه ڪينئن برداشت ڪندس ته جنهن سان مان پيار ڪريان ٿي ان ۾ مونسان ڪو ٻيو بـه حصيدار هجي. پيار ڪڏهن به ڪنهن جي حصيداريءَ کي قبول نه ڪندو آهي."

"جيڪڏهن توکي منهنجي لاءِ ائين ڪرڻو پوي ته

پـوءَ....“

”مان تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر مان خوش نه رهندس.“

”اڇ تہ پوءِ ٻي واٽ اختيار ڪريون.“

”ڪهڙي.“

”اسان ٻنهي جي شادي هتي ناممڪن آهي، هل تہ ڪنهن ٻئي ملڪ هلون، پنهنجي پنهنجي ماضيءَ سان سڀ رشتا ناتا ٽوڙي ڪنهن نئين ڌرتيءَ تي نئين‌سر هڪ نئين زندگي شروع ڪريون.“

”۽ تنهنجي فيملي؟“

”مان سڀ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيندس.“

”تو چيو تہ اسان مان ڪوبہ ٻئي لاءِ قرباني نہ ڏيندو.“

”مان تولاءِ قرباني نٿو ڏيان پر پنهنجو پاڻ لاءِ قرباني ٿو ڏيان. توکي ماڻڻ جـي جسماني ۽ روحاني مسرت لاءِ قرباني ٿو ڏيان. شيرين مان توکي ايترو پيار ڏيندس، ايترو پيار ڏيندس جو توکان ماءُ پيءُ جـو پيار ب وسري ويندو، بڌاءِ تون مونسان ٻاهرين ملڪ هلڻ لاءِ تيار آهين؟“

”ها، مان تيار آهيان.“

شيرين جو جواب ٻڌي هن ڇڪي ڪيس ڇاتيءَ سان لاتو ۽ ننهن‌کان وٺي چوٽيءَ تائين چمائينس.

رات جوگهر موڻيوته، ٻئي هار ڏوڙي اچي هنجي چنگهن سان چنبڙيا، هن ٻنهي کي هنج ۾ ڪنيون، ٻنهي جون پيشانيون چميائين ۽ ٻنهي کي سيني سان لاتائين، اهڙي مهل اوچتو هنجي اندر مان آواز آيو. جيڪڏهين هو هنن معصومڙن کي چڏيو هليو ويو ته هنن جون منتظر نگاهون ڪنهنجي وات نهارينديون، ڪنهن سان هو بود ۾ پرجي لاڏ ڪوڏ ڪندا، ڪنهنجي چنگهن سان چنبڙندا، ڪير هنجي پيشاني چمي ڪين سيني سان لائيندو، ڪير پيار ۽ پاڏوهه مان هنن جي متي تي هٿ ڦيرينڊو؟ هو شيرين لاءِ سڀ ڪجهه ڇڏڻ لاءِ تيارهو، شيرين لاءِ نه پر پنهنجو پاڻ لاءِ، شيرين سان ميلاپ جي جسماني ۽ روحاني مسرت لاءِ هو هنن معصوم پارن کان سندن خوشيون کسڻ لاءِ نه تيار هو. پر شيرين هنکي جيئن هو هيو، تيئن قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. هنگي هن جي سماجي زنجيرن سميت پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي، اهي ڪهڙا نه زمانه هٿا جڏهين پيار ڪرڻ وارا پيار کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڏسندا هٿا، جڏهين پيار ڪرڻ واريون، پرڏيل هجڻ کانپوءِ به، ڪچا گهڙا ڪٽي پنهنجي ميهارسان ملڻ جي مسرت کي ماڻڻ لاءِ درياهه ۾ ٽپي پونديون هيون، پر شيرين.... نه نه نه.... مان سڀ ڪجهه ڇڏي ڏينس، شيرين منهنجي جن سماجي زنجيرن کي قبول نه ٿي ڪري، مان اهي سڀ زنجير ٽوڙي ڇڏينس، مونکي شيرين گهرجي، پيار گهرجي، مان شيرين جي پيار سان، هنجي جسم جي ڇهاءَ سان، هنجي جسم ۾ لڪل تخليق جي سرن سان،

پنهنجي دل تـان، پنهنجي جسم تـان، پنهنجـي روح تـان، ڪراهيت ۽ غلاظت ڪـي ڌوئڻ ٽـو چاهيان، مان پنهنجي ماضي سان سڀ رشتا ٽوڙي ڇڏيندس. ماضيءَ کي دفن ڪري ڇڏيندس ۽ نئين چاول ۾ وانگر پنهنجي پرين جي پيارجي هنج ۾ نئين نڪوري ۽ ڪنواري زندگيءَ جـي شروعات ڪندس ... چـا ماڻهو پنهنجي ماضيءَ کـان پوريءَ طرح ڇڄي ڌار ٿي سگهي ٿو، چـا رشتن ۽ ناتن جا زنجير ڇڪ ڪانپوءِ ۾ پنهنجو پاڻ ڏانهن نٽا ڇڪن؟ ٿي سگهي ٿو تـہ زندگيءَ جي واٽ تي، شيرين سان هٽ هٽ ۾ ڏيئي هلندي، مان ٿوري ديرلاءِ بيهي، ڪنڌ ڦيري، پنهنجي ماضيءَ ڏانهن نهاريان، انهن معصوم ٻارن ڏانهن نهاريان جن جون معصوم خـوشيون کسي، لتـاڙي مـون پنهنجون خـوشيون حاصل ڪيون. ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت مان پڇتايان، ٿي سگهي ٿو تہ مان شيرين کي ڏوهہ ڏيان، ٿي سگهي ٿو تہ اها ڳالهہ منهنجي ضمير جو ناسور ٿي وڃـي ۽ مان شيرين کي اهي خوشيون ڏيئي نـہ سگهان جـن کي ماڻڻ لاءِ هوءَ پنهنجي سموري زندگيءَ جو داءُ لڳائي رهي آهي، مان تـہ سڪل ڪانبارو وڻ آهيان جنهن ۾ نـہ گل آهن، نہ گونچ آهن ۽ نہ ڇانو آهي، مان زندگيءَ جي ٽپهريءَ جي ڇائنٽ تي ٻيٺو آهيان، منهنجي آڏو سانجهي آهـي، اونداهي آهـي. شيرين زندگيءَ جي پهرين پهر جي ڇائنٽ تي ٻيٺي آهـي، هنجي آڏو پوري زندگي پکڙيل آهي. خوشين جا گونچ، لهڪڻ جـا گلاب.... نيڍڙو سهڻو، سينگاريل گهر، خـوش بخت،

خوش نصيب نوجوان مڙس جنهن جي ضمير ۽ ڪوڪندو ڪونهي، دل ۽ ڪو پڇتاءُ ڪونهي، جيڪو پلئه ۽ پيار جا گل جهلي هنجي انتظار ۽ ٻيٺو آهي، مان هنجي روشن زندگيءَ تي پنهنجي اونداهي زندگيءَ جا اونداها پاڇا ڇو ڏيو وجهان، مان پنهنجي ڪانڊاري وجود سان هنجي معصوم خوشين کي زخمي ڇو ڏيو ڪريان، پاروٽو پيار، اوباريل محبت، اپٽايون، بيزاري، ڪراهيت! اها منهنجي تقدير آهي ۽ مان پنهنجي تقدير کان منڪر ڇو ٿيان؟ اوچتو هنجي اندر مان قربانڊي جا آواز آيا، مسيت جي محرابن ۽ آذان جا پڙاڏا آيا، مندر ۽ ناد وڳا، گرجا ۽ گهنڊ وڳا، اديون سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا! هن ٻئي هٿ ڪنن تي رکيا ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

هينئر هن راتوڪي ڪنهن بڪالهه کي ياد ڪرڻ نٿي چاهيو، هو ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي مٿو رکي سگريٽ پيئندو رهيو. سگريٽ جي سوڌي سان هنکي وات ۽ رڪ جوڌائقو محسوس ٿيو. وات ۽ رڪ، دل ۽ رڪ، روح ۽ رڪ، رڪ ئي رڪ!

هو ڪرسيءَ تان اٿيو دريءَ وٽ اچي ٻيٺو، هنجا ٻئي هارکلندا، ٿهڪڙا ڏيندا، ڏاڪڻ جا ڏاڪا ٽپندا، هيٺ لٿا، هنجي ٻيميءَ هاري مان گل پٽيو ۽ پنهنجي وارن ۽ هنيائين ۽ پوءِ ڪنڌ متي ڪٽي دري ڏانهن نهاريائين ۽ هنکي ڏسي خوشيءَ ۽ پنهنجو پتڪڙو هٿ لوڏڻ لڳي. هنجي پٺ ۾ ڪار مان منهن ٻاهر ڪڍيو ۽ هٿ لوڏڻ لڳو. هنجي چپن

تي مرڪ تري آئي، رڪ ۽ لتاڙيل مرڪ! هن به هٽ‌لوڏي ٻنهي ٻارن کي الوداع چيو، ڪار رواني ٿي، پويان ڪنهن جي پيرن جو آواز ايريو. هن ڪنڊ ڦيري ڏٺو، سامهون سڪينڊ بيٺي هئي، هن چپن تي ڪوڙي مرڪ آڻي سڪينڊ سان ڳالهايو، پوءِ تيار ٿي آفيس روانو ٿيو. آفيس ۾ ساڳي انداز سان ڪم ڪيائين، آفيس مان اڻي هو نسيم سان ملڻ لاءِ ويو، نسيم هنکي ٻنهنجي آفيس ۾ ڏسي ڏاڍي حيران ٿي. اڄ هو تمام گهڻن ڏينهن کانپوءِ نسيم سان مليو هو، منهن تي پيلاڻ ۽ ٿڪ، اکين ۾ اوجاگا، هو ڪرسي تي ائين ٿي ويٺو جڻ هو ٻنهنجي جسم جو بار ڪڍي ٿڪجي پيو هو ۽ هن ان بار کي ڪرسيءَ تي اڇلائي ڇڏيو هو. "شيرين کي سڏايان؟" نسيم ٽوڪ سان هنکان پڇيو. نسيم جي جملي ۾ لڪل ٽوڪ نانگ وانگر هنجي دل کي ڏنگيو. هن گهايل نظرن سان نسيم ڏانهن نهاريو ۽ چيائين، "اڄ مان توسان ملڻ آيو آهيان."

هنجو جواب ٻڌي، هنجون گهايل نظرون ڏسي، نسيم جي دل ۾ هن لاءِ اٿاه همدردي جاڳي پئي، نسيم جي دل چيو ته هوءَ اڻي هنکي سيني سان لائي، اڄ هو هنکي ان جواريءَ وانگر لڳو جنهن سڀ ڪجهه هاريائي ڇڏيو هو ۽ جنهن وٽ کيڏڻ لاءِ نه پئسا هٿ ۽ نه وڌيڪ کيڏڻ ۽ هارايل مال موڏڻ جي خواهش هئي.

"سڀاڻي ڪان ٻن مهينن جي موڪل وٺ ته ٻاهر هلون."

"ڪيڏانهن هلون؟"

"جيڏانهن به وڻي هلين، مونکي هتان وڻي هل."

نسيم کان موڪلائي هو آفيس ۾ آيو، ٻن مهينن جي موڪل ورتائين، آفيس مان اٿي گهر آيو ۽ شام جو شيرين سان ملڻ لاءِ آيو.

اڄ به هن درکڙڪايو، اڄ به چنبيلي جي وڻ مان گل ڇٽي هنجي وارن ۾ اڏڪيو، ان ڏينهن چنبيليءَ جو گل، سونهن سڪ ۽ پيار جو پيغمبر هو پر اڄ چنبيليءَ جو اهو گل جهڙو اک مان لڙيل لڙڪ! اڄ به شيرين جي نندڙي ڀاءُ در کوليو ۽ ان سا گهي مرڪ سان هنجي چنگهن کي چنبڙيو. هاڻي هو هنجي گهر جو پاڻي ٽي ويو هو. اڄ هن ان نندڙي ٻار جي معصوم سڪ کان موڪلايو، شيرين جي ماءُ جي ٽيڄ ۾ ڏونڊل مرڪ کان موڪلايو، شيرين جي پيءُ جي شخصيت جي سچائيءَ کان موڪلايو ۽ ان ڪمري کان موڪلايو، جنهن ڀهرين ڏينهن، در جي طاقن جون ٻاهون کولي هنکي پاکر ۾ ورتو هو. در کليو ۽ شيرين ڊوڙي اچي هنجي سيني سان لڳي.

”منهنجون اکيون چم.“ هنجي هڪ هڪ اکر مان پيار ٽپي ڏسيون. هن هنجون اکيون چميون.

”مونکي پيار ڪر.“

هن هنکي ننهن کان وڏي چوٽيءَ تائين چميو.

”ڪالهه پاڻ جيڪو فيصلو ڪيو هو ان جي يادگيريءَ

لاءِ مون هـي ڪاوڙ ورتو آهـي، ان ڪاوڙ کـي سنياڻي رکجانءِ پاڻ جڏهن پوڙها ٿـي ويندا سين تڏهين ان ڪاوڙ کي ڏسي ان ڏينهن کي ياد ڪندا سين جنهن ڏينهن زندگيءَ پنهنجون سموريون خوشيون اسانجي جهول ۾ وڌيون."

هن ڪاوڙ ڏنو، ڪاوڙ تـي هڪڙي چوڪريءَ جـي تصوير هئي جيڪا پينگهه ۾ ٽي لڏي، پينگهه جـي پرسان هڪڙو نوجوان بيٺو هو، هن پينگهه کـي لوڏو ڏنو هـو ۽ پينگهه متي، تمام متي هلي وئي هئي، ايترومتي جو چوڪري هٿ وڌائـي عـرش ڇهي وڃـي، آسمان سان تارا ٽپي وڃي، چوڪريءَ جي منهن تي خوشي ٽڙي پئي هئي، چوڌاري گل ڦڙيل هئا، آسمان ۾ جهڙ هو ۽ چوڪري جا وار هـوا ۾ اڏامي رهيا هئا، مرد جي منهن تـي عجيب خوشي هئي، هو زمين تي بيٺو هو ۽ ڪنڌ ڪٽي هوا جي هنج ۾ جهولندڙ چـوڪري ڏانهن نهاري رهيو هـو. ڪاوڙ جي پاسي تـي انگريزي ۾ لکيل هو، "توکي خبر آهي تہ منهنجي هيڏي خوشي جو سبب ڪير آهـي، تون ۽ صرف تـون!" ڪاوڙ ڏسي ۽ اهي اکر پڙهي هنجي دل ڀرجي آئي.

"هل تہ هلون." شيرين خوشيءَ ۾ ٻهڪندي چيو.

"ڪيڏانهن؟"

"ڪلفٽن تي!"

"هل."

رستي تي هـوءَ پنهنجي ايندڙ زندگيءَ جـي باري ۾ گالهيون ڪندي رهي.

"اڄ مان ڏاڍي خوش آهيان، مونکي يقين ڏي نڻو اچي ته زندگي ايتري مهربان به ٿي سگهي ٿي، مون سمجهيو هو ته ٿون مونکان هميشه لاءِ کسجي ويندين، پر ٿون ته مونکي هميشه لاءِ ملي رهيو آهين، مون امان ۽ بابا سان به گهاڻ ڪئي آهي، هو هُڻي ڏاڍا خوش آهن، چيائون: جنهن ۾ ٿون خوش، تنهن ۾ اسان خوش. گهاڻ پڌ، مان سگهڙ زال نه آهيان ۽ پوءِ متان مونتي ڪاوڙجين، صبح جي چانهن توکي ٺاهڻي پوندي، چانهن جوڪوپ آڻي منهنجي پر ۾ رکندين، منهنجون اکيون چمندين ۽ مان جاڳي پوندس، جاڳڻ سان توکي ڏسندس، الا، ڪيڏي نه سڻي زندگي هوندي!"

"مان ڪتاب ۾ ڪو سڻو جملو پڙهندي آهيان ته دل چوندي آهي ته اوڏيءَ مهل توکي پڌايان، پاڻ هڪ هُڻي ڪي ڪتاب پڙهي پڌائيندا سين، ٽو چيو هو نه ته رات جو توکي ننڊ دير سان ايندي آهي، مان روز رات جو توکي ڪتاب پڙهي پڌائيندس، جڏهين ٿون سمهي رهندين تڏهين مان تنهنجي سيني تي مٿو رکي سمهي پوندس، مان ڪو سهڻو نظارو ڏسندي آهيان ته دل چوندي آهي ته ٿون به مونسان ساڻ هجين، پاڻ هُڻي گڏجي اهو نظارو ڏسون، نوان ڪتاب، نوان نظارا، نوان ماڻهو، نئين زندگي، الا، کهڙي نه عجيب زندگي هوندي."

"ٿون اڇڪلهه چا ٿو لکين؟ مان پنهنجي دوستيءَ تي هڪڙو ناول ٿي لکان، ڇپرائڻ کان اڳ توکي پڙهڻ لاءِ ڏيندس، پلا، توسان تنهنجون ڪهاڻيون گهاڻائيندين آهن،

مونسان تہ منهنجون کهاڻيون گاڙهائيندیون آهن، کڏهين کڏهين کهاڻين جا ڪردار پاڻ ۾ گاڙهيون ڪندا آهن ۽ سان مات ڪري هنن جون گاڙهيون ٻڌندي آهيان."

ڪلفٽن تي پلي‌لينڊ وٽ پهچي شيرين چيو.

"ڪار بيهار تہ پلي‌لينڊ ۾ هلون."

هن ڪار بيهاري، ٻئي پلي‌لينڊ ۾ ويا. پلي لينڊ ۾ ماڻهن جا ميڙاڪا هئا، ٻار، ٻارن جا پيءُ مائ، نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، ڪي ٻارن کي ۽ ٻنهنجو پاڻکي وندرائڻ آيا هئا، نوجوان ڇوڪرا بکايل نظرن سان شيرين ڏانهن نهارڻ لڳا. هونئن هڪي اهڙي نهار تي‌ڪاوڙ لڳندي هئي، پر اڄ هنکي اها نهار فقير جـي خالي ڪشڪول جهڙي لڳي، محروم ۽ سڪايل نهار! نا آسوده جسمن جي‌صدا، سڪايل روحن جي سين!

شيرين ڪاؤنٽر تان پئسا مڱائي آئي ۽ هنکي ٻانهن ڪان جهلي هـن سان ٻاراڻيون راندیون کيڏڻ لڳي، راند کيڏڻ مهل هنجي منهن تي اها ساڳي خوشي هئي، جيڪا ڪارد تي چپيل ڇوڪريءَ جي منهن تي‌هئي، هن به زندگيءَ جي پينگهه ۾ جهولوڪاڏو هو، پينگهه هنکي متي، تمام متي‌ڪٽي وئي هئي، ايترو متي جـو هوءَ هٽ وڌائي عرش ڪي ڇهي ٿي سگهي.

راندیون کيڏي‌کيڏي هوءَ ٽڪجي پئي، هنجي پيشاني تي پگهر جا ڦڙا موتين وانگرجرڪڻ لڳا، هو ٻئي ڀر واري ريسٽارنٽ ۾ اچي ويٺا، پاسي ڪان شيشو هو ۽ شيشي جي

هن پار ماڻهو گاه جـي هارين تـي ويڻا هئا، زندگيءَ جـي هڪجهڙائي کان پڳل! مسرتن جا ڪولاؤ! پريان سمنڊ تـي نظر آيو، بيانت ۽ بي‌آواز.

چانهه جو ڏڪ پريندي شيرين چيو.

"زندگيءَ ۾ ڪيتري نه سونهن ۽ پيار آهي، ڪڏهين ڪڏهين ڊپ ٿيندو اٿم ته ڪٽي تون بدلجي نه وڃين، وقت هـر شيءَ کـي بدلائي ڇڏيندو آهـي، ان وقت سـان Rose Tattoo ڊرامي جا اهي جملا ياد ڪندي آهيان، جيڪي تو مونکي پڙهي ٻڌايا هئا، توکي ياد آهن؟"

"نه...."

"مونکي ياد آهن، چئين ته ٻڌايانءَ، عورت چوي ٿي،

Each time is the first time with him. Time does not Pass.

۽ نوڪرياڻي گهڙيال کڻي چوي ٿي،

Tick, Tick, Tick, Tick, you say the clock is a liar

۽ عورت جواب ڏيئي،

No. the clock is a fool, I don't listen to it. My clock is my heart and heart does not say tick, tick it says love, lovel.

گهڙيال ڪوڙوآهي، بيوقوف آهي، اسان‌جي دل هميشه پيار پيار چوندي رهندي."

ريسٽارنٽ مان اٿي هو پنڌ سمنڊ ڏانهن روانا ٿيا، رستي تـي مينهن جون هلڪيون هلڪيون ڦڙيون وسڻ لڳيون، شيرين منهن آسمان ڏانهن ڪنيون ۽ ا ڪيون ٻولي ڇڏيون،

هنجي منهن تي‌منهن جون ڏڙيون پوڻ لڳيون ۽ منهن ڏڻن جي ڇاءَ سان، هنجو منهن ڀڪڻ لڳو.

سمند وٽ بيهي هو سپ ڪان پاسيرا ٽـي ويڻا، اوچتو شيرين جي خوشين ۾ ڀڪندڙ منهن تـي اڻ ڏٺل انديشن جي اداسي ڇانئجي وئي، زندگيءَ جي پينگهه ۾ جهولندي، پينگهه ڇڄي پئي، سپ‌خواب، سپ خوشيون، سپ خواهشون رڄ ٽـي ويون ۽ نڙي ۾ اڄ جا ڪنڌا ڇپڻ لڳا، سانجهي پنهنجي سموري اداسي ۽ ويرانيءَ سان هنجي مٿان جهڪي آئـي، سمند سڏڪو ڏنو، افق وٽ جهڙ ڇڪو ۽ شفق باهه وانگر ٻري پئي، شفق جو اولڙو هننجي منهن تي پيو، ٻئي ڇڻ آ ڪيري جـي تلاش ۾ نڪتل پڪيڙا هئا ۽ واچوڙن ۾ ڦاسي، پنهنجا پنهنجا ٽڪل ۽ ساڻا ٽيل پرڙا ڦڙڪائي رهيا هئا، تخليق جي تمنا جي ڏوه ۾ جنت مان نڙيل به جسم، جيڪي پنهنجي پنهنجي تڪميل ۽ تخليق جـي تلاش ۾، هڪ ٻئي سان مليا هئا ۽ هن ڌرتيءَ تـي به جنت ڪاهي نـه سگهيا هئا.

الائجي ڪيڏن پل گذريا، پهر گذريا ۽ هو واپس وريا، ٻنهي جي وچ‌۾سڏڪندڙ سانت تاڪيل هئي، شيرين ان سانت کي ٽوڙڻ لاءِ ڪار جـو ريڊيو آن ڪيو، ڪنهن ڏاڍي ڏ ڪويل آواز ۾ وائي ٽي ڳائي:

نڙي پوندا تارڻين جڏهين ڳاڙها گل،
تڏهين ملنداسين.

ڪڏهين ڳاڙها گل نڙندا، ڪڏهين پرين ملندا، چا هن

جي وجود جي ڪائنات ۾ ڪيترين ئي به گل ٿڻندا، ڇا هو به ڇانورو ڪندو ۽ هنجا بانورا پرين هنجي ڇانو ۾ اچي ويهندا.... شيرين هٿ وڌائي هنجي هٿ تي رکيو، شيرين جي ڇهاءَ سان هنجو هنيانءُ ڦسي ٻيو ۽ هو اسٽيئرنگ تي مٿو رکي روئڻ لڳو.

گهڙيال هلڪي هلڪي موسيقيءَ سان پنج وڄايا ۽ هنجي اک کلي وئي. ڪمري ۾ زبردو بلب جي جهڪي نيري روشني پکڙيل هئي. اڄ هر شيءَ بدليل هئي. سامهون پٽ تي لڳل پوڙهي گاڏر ۽ سندس پٽ جي پينٽنگ ڪتابن جا شيلفز، شيدي عورت، شيدي مرد، موهن جي دڙي جي نچڻيءَ جي مورتي، ريڊيو گرام ..... هو چرڪي ڪدم اٿي ويٺو ۽ اکيون مهٽي هر هڪ شيءَ کي غور سان ڏسڻ لڳو. هر هڪ شيءَ ساڳي هئي ۽ ساڳي هنڌ هئي، پر هو پلنگ جي ٻدران دريءَ جي ٻرسان رکيل آرام ڪرسيءَ تي ليٽيل هو. هو هتي ڪيئن آيو؟ اوچتو هنکي ياد آيو ته رات هن تي دل جو دورو ٻيو هو. دل جي دوري کي ياد ڪرڻ سان هنجي منهن جو پنو ڇڏائجي ويو، هن ڪدم پنهنجي نبض ڏٺي، هنجي نبض بلڪل ٺيڪ هلي رهي هئي. هن اونهون ساه کنيون هن جو ساه بلڪل ٺيڪ ٿي ڪڍيو. هو بچي ويو هو، هو بلڪل ٺيڪ هو، هنجي چپن تي

مطمعن مرڪ تري آئي.

چانهه پي هن سگريٽ ڪڍيو. سگريٽ سان اڄ هنڪي ڪنگهه بلڪل نه ٿي. سگريٽ پورو ڪري هو باٿ روم ۾ ويو. ڏاڙهي ڪوڙي، وهنجي سهنجي، ريشمي گاؤن پائي، آرام ڪرسيءَ تي آهلي، استاد عاشق علي خان جو رڪارڊ هٽڻ لڳو. پوري ستمن لڳين سندس زال جو آواز، گهر جي پرسکون خاموشي کي چيريندو، هنجي ڪنن سان ٽڪرايو .....اوچتو زور سان در کليو ۽ سڪينه نمودار ٿي ٽلهي، بي‌دولي، بلڊ پريشر جي مريض، پنهنجو پاڻ کان بيزار، نوڪرن کان بيزار، ساري خدائي کان بيزار، اها بيزاري ڪاڻ ٻڌجي سندس آواز ۾ مڙي آئي ۽ هوءَ ايترو ته زور سان ڪالهائڻ لڳي جو پنهنجي ئي زور ۾ سهڪڻ لڳي.

"جادو لائي ويا جيءَ ۾..." استاد عاشق علي‌خان جو آواز ابريو.

"هڏين ٿو...." سڪينه جوتين، ٽکو ۽ چيڪلو آواز آيو.

هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ٽکيون ٽکيون وکون ڪڍندو ٻاهر هليو ويو.

ساڳيا عرضدار، ڏوهاري، فريادي، ساڳيو نائڪ، ساڳي ڪرسي، هن ان ساڳي انداز سان پاڻي گهريو، ساڳي انداز سان سگريٽ پيتائين، پٽيوالي کي اشارو ڪيائين ۽ آفيس جو ڪم شروع ٿي ويو.

ڪٿهڙي ۾ اهو نوجوان اڇي ٻيٺو. اڄ هنجي ڪيس جي فيصلي جو ڏينهن هو. هن هلڪي ڪنگهڪار سان نڙي

صاف ڪئي، ا ڪين ٿي عينڪ ٽيڪ ڪيائين ۽ فيصلو ٻڌايائين.

"ٽي سال سخت پورهي سان ٽيپ!"

فيصلو ٻڌي نوجوان جي چپن تي مرڪ تري آئي. اوچتو هن ٽي ڪنگهه جو دورو ٻيو ۽ هو ڪنگهندو ڪنگهندو چيمبر ۾ هليو ويو.

چيمبر ۾ به هو گهڻي دير تائين ڪنگهندو رهيو. مس مس هنجي ڪنگهه بند ٿي. هاڻي هنجو ساه ٻوساڻجڻ لڳو. هن يڪدم اٿي سامهون واري دري کولي ڇڏي. دريءَ ڪي لوهي سيخون لڳل هيون. سيخن کان ٻاهر پوليس جي گاڏي بيٺي هئي. پوليس ان نوجوان کي هٿ ڪڙيون هڻي، لاريءَ ۾ آڻي ويهاريو. لاري اسٽارٽ ٿي ۽ چنگهندي، دونهون اوڪاچيندي رواني ٿي وئي.... سامهون وارن گهاڻن ۽ ساون وٽن جون لامون لڙڻ لڳيون، وٽن جي سائن چوڻين مٿان آسمان ٽاڪيل هو. نيرو، روشن ۽ اجرو، جهڙو انسان جو آئيندو!

—ع—

"اڄي ايڏن هياس" (جلد ٻيون)

مصنف: فضل احمد بچاڻي

.... ماضيءَ ڏانهن موٽڻو ناهي نه موڙــــي سگهجي ٿــو، پر ماضيءَ کي وساريٽو به ناهي نه وساري سگهجي ٿو. ماضيءَ جــي ذڪراذڪار ڪان بــي نياز ٿيڻ دانشمندي هجي تــه جيڪر تاريخ لکڻ ۽ پڙهڻ جــو ڪم ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو هجي ها. ڪن حالتن ۾ ماضيءَ جي نقشي کي اکين اڳيان رکڻ کانسواءِ حال جو نه پتو پوندو آهي نه مستقبل جا ڪي خاڪا ٺاهي سگهبا آهن۔ "اسين اڄي ڇا هٿاسين؟۔" اهو سوال، اهو تجسس ۽ اهو اشتياق هر زنده قــوم لاءِ هر دور ۾ هڪ خصوصيت رهيو آهي۽ هندو 'اڄي ايڏن هياس' يعني: تاريــخ تهذيب ۽ ثقافت، پــولــي ۽ ادب، روايتون ۽ حڪايتون ۽ ڪٿي وڻندڙ ڪهاڻيون، ۽ ڳڻتوئي ڪجهه انهن لاءِ جيڪي پنهنجي حيثيت ۽ حقيقت ڄاڻڻ چاهين ٿا ... خوبصورت ٽائيٽل ـــ صفحا 290 ـــ قيمت -/25 رپيا

شيخ ايياز جو نئون ڪتاب

"رڻ ٿي رم جھم"

آفسيٽ تــي ڇپيل خوبصورت ٽائيٽل۔ رنگين اسڪيچز ۽ مختلف بــلاڪن سان سينگــاريــل

پڙاڏو سوئي سڏ (ياڳو ٻيو)

ـــ ڏٺي جي رات ڪهاڙيءَ جي ڏڪ جيان ٻري پئي هئي. هوا ۾ ڪنهن اهنج، ڪنهن ايذاءَ کان ڦوڪون ڏيڻ لڳي هئي. سوساٽ ايئن ٿي ٿيو، جڏ ته وٽن جي بدران ماڻهن جي دلين مان شوڪارا ڦٽي ٿي نڪتا. سهڻيءَ جي ٻانگ جي آواز انهن شوڪارن کي وڌيڪ درديلو بڻائي ڇڏيو: جڏ ٻانگي جڏهن "حي علي الصلوة، حي علي الصلواة" ٿي ورجايو، تڏهن سندس دل مان دانهن ٿي نڪتي: ۽ جڏهن هن پنهنجي پرسوز آواز ۾ "حي علي الفلاح، حي علي الفلاح" جو سڏ ڏنو، تڏهن ۽ هن جي دل جي درد اها شاهدي ٿي ڏني ته اڄ نماز لاءِ ڪوبه نه ايندو، پلاءِ لاءِ ڪوبه نه ايندو! ظلم جي ڇوڏيواريءَ اندر ويچارا ماڻهو الله جي سڏ ٿي لبيڪ چوڻ کان ۽ سراپڄي ويا هئا: ٻتان مغل لشڪري مسجد مان نڪرندي کين ڇتن ڪتن وانگر ورائي وڃن.....!

سراج جي نئين ناول ـــ "پڙاڏو سو ئي سڏ" (ياڳو ٻيو) مان هڪ ٽڪرو.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيل ڪتاب

١-	بين‌الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	-/١٦
٢-	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ياگو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٣-	اڏ ملاقات	طارق اشرف	-/١٢
۴-	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
۵-	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ياگو ٢)	طارق اشرف	-/١٢
٦-	زندگي جو تنها مسافر	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٧-	۴- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	(ختم ٿيل)
٨-	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	امر جليل، آغا سليم نسيم ڪرل، پليجو ۽ ٻيا	-/١٢
٩-	اونداهي ڏرتي روشن هٿ	آغا سليم	-/٢۵
١٠-	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
١١-	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ياگو ١)		(ختم ٿيل)
١٢-	ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
١٣-	وايون وڄارن جون	الطاف شيخ	-/١٢
١۴-	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ياگو ٢)		(ختم ٿيل)
١۵-	بندر بازاريون	الطاف شيخ	-/١٢
١٦-	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوٽيجو	-/١٠
١٧-	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
١٨-	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	وليرام ولپ	(ختم ٿيل)
١٩-	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	امرجليل، جمال ابڙو، موهن ڪلپنا، آغا سليم ۽ ٻيا	-/١٦
٢٠-	دل اندر درياوَ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٢١-	دل جو بندر (ناول)	مصنف: اڊورل آئيويس مترجم: نصير اعجاز	-/١٢

۲۲- رهيل قرض (کهاڻيون) ظفر حسن -/۱۲
۲۳- ڏرد جي خوشبو (ناول) قاضي خادم -/۱۸
۲۴- ڪنهن سان سور سليمان مرتب: فيروز احمد -/۱۶
۲۵- فڪر جي آزادي مصنف: آستيفن زويگ -/۲۰
مترجم: ابراهيم جويو
۲۶- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل الطاف شيخ -/۱۶
۲۷- غلامن جو ٻيڙو (ناول) مصنف: ايرڪ کاردر -/۲۰
مترجم: دوست محمد پٽي
۲۸- سي ئي جوپن ڏينهن الطاف شيخ -/۵
۲۹- عاشي (ناول) مصنف: هنري رائڊر هڪگرڊ -/۲۵
مترجم: فضل احمد بچاڻي
۳۰- سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين الطاف شيخ -/۲۰
۳۱- سڌارٽ (ناول) مصنف: هرمن هيس -/۱۰
مترجم: فضل احمد بچاڻي
۳۲- جپان رس الطاف شيخ -/۱۵
۳۳- روح جي ڪولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي -/۱۰
۳۴- درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف -/۲۰
۳۵- سانياهو سموند جو الطاف شيخ -/۱۵
۳۶- سورج هوندي مرجهايل نجم عباسي (ختم ٿيل)
۳۷- آسيم (ناول) مصنف: هينري رائڊر هڪگرڊ -/۲۰
(عاشي جي واپسي) مترجم: فضل احمد بچاڻي
۳۸- قلندر (کهاڻيون) مصنف: قرةالعين حيدر -/۱۲
مترجم: مدد علي سنڌي
۳۹- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان الطاف شيخ -/۱۲

۴۰- سوا جا سک مصنف: آسکر وائلڈ -/۱۲
مترجم: فضل احمد بچاٹي

۴۱- بهترين سفرناما الطاف شيخ -/۱۵
۴۲- للكار (كهاڻيون) نجم عباسي -/۱۵
۴۳- ٹكل سريت مصنف: البرتو موراويا -/۱۲
(كهاڻيون) مرتب: وليرام ولپ
۴۴- لنڈن تائين لفٹ الطاف شيخ -/۱۲
۴۵- تصوير جو خون (ناول) مصنف: آسكر وائلڈ -/۲۰
(پكچر آف ڈورين گري) مترجم: فضل احمد بچاٹي
۴۶- حليم شو حليم بروهي -/۱۵
۴۷- هارن جون آكاٹيون الطاف شيخ (ختم ٹيل)
۴۸- سپون مصنف: خليل جبران -/۱۲
مترجم: فضل حمد بچاٹي
۴۹- سفريورپ جي ڈائري قاضي عبدالمجيدعابد -/۲۵
۵۰- آزادي خاطر (كهاڻيون) مرتب: فيروزاحمد -/۱۶
۵۱- چاندي ءَجون تارون (كهاڻيون) ماهتاب محبوب -/۱۶
۵۲- مس سدابهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ -/۲۰
۵۳- پيار كهاڻي (ناول) نجم عباسي -/۲۵
۵۴- نيگروعشق ۽ بغاوت مصنف: كرسٹوفر نكول -/۱۶
(ناول) مترجم: نصيراعجاز
۵۵- شرم هوڻي (ناول) گوبند مالهي -/۱۲
۵۶- اڳي ائين هياس فضل احمد بچاٹي -/۲۰
۵۷- پره كان پهرين ماهتاب محبوب -/۱۶
۵۸- بلنديون (ناول) نجم عباسي (ختم ٹيل)

٥٩- رچ ۽ پاچا (ناول) سوهن ڪلپنا -/١٦
٦٠- مون‌تو ڪي‌پيار ڪيو (ڪهاڻيون) پوپٽي هيرانندائي -/١٢
٦١- آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون) علي بابا -/٢٠
٦٢- شاهه لطيف جي شاعري تنوير عباسي -/١٥
٦٣- آپڻي گهوٽ ۾ نشا ٽيوڻي لوڪرام ڏوڏيجا -/٢٢
٦٤- موهن جو ڏڙو (ناول) علي بابا -/١٦
٦٥- ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون) امر لعل هنگورائي -/١٠
٦٦- ڏرتي روشن آهي (ڪهاڻيون) آغا سليم -/٢٢
٦٧- دارون هن ديوانو جو (ڪهاڻيون) نجم‌عباسي -/٢٠
٦٨- پيغامبر خليل جبران ستار -/١٠
٦٩- هم اوست (ناول) آغا سليم -/٢٠
٧٠- اداس وديون حميد سنڌي -/١٢
٧١- آڻيو جي اڳيان ١٧ ساهتڪار -/١٢
٧٢- چنڊ چنبيليءَ ول شيخ اياز -/٣٠
٧٣- لهر لهر زندگي ماهتاب محبوب -/٢٠
٧٤- اڏون ماڻهو سراج -/١٥

گهرائي لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊوولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

نيو فيلڈس جا جنوري 1986ع ۾ اينڊرز ڪتاب

۱- اڳي ايئن هياس

(جلد ٻيون)

مصنف: فضل احمد بچاڻي

۲- رڻ تي رم جهم

مصنف: شيخ ايياز